

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر (102) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **"اجري ڌرتي ميرا ماڻهو"** پياري دوست ۽ ليکڪ **يار محمد چانڊيي** جو لکيل ناول آهي. هي ناول سنڌ جي موجوده سياسي، سماجي، مذهبي ۽ ادبي پسمنظر ۾ لکيل آهي جنهن جا ڪردار اسان جي روزمره جا ڪردار آهن.

اسين ٿورائتا آهيون يار محمد چانڊيي جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني ۽ ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن ڦنبر** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

اُجري ڌرتي ميرا ماڻهو

(ناول)

يار محمد چانڊيو

BOOK NO: (139)

- اجري ڌرتي ميرا ماڻهو
(ناول)
- يار محمد چانڊيو

چاپو پهريون: ڊسمبر 2014ع
ڪمپوزنگ@ٽائيٽل: ڪنول گروپ
ڪنول
پبليڪيشن قنبر

- Ujri Dharti Mera Manhoon
(Novel)
- YAR MUHAMMAD CHANDIO

FIRST EDITION 2014
With All Rights Reserved
© **KANWAL**
Publication Kamber

ملهه: 150 روپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

_ يتائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
_ فڪشن هائوس، حيدرآباد، _ ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
_ ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو _ رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
_ مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو_ وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور
_ سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر_ تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس
_ ٿر ڪتاب گهر، مني، الفتح نيوز ايجنسي، سکر —

ارپنا

سنڌ جي ٽن مزاحمتي ڪردارن
يوسف جڪراڻي
زخمي چانڊيي
۽
ملڪ آگاڻي
جي نانءِ

اداري پاران:

سعيد سومرو
ڪنول پبليڪيشن قنبر
Cell: 0333_7523132
Saeedsoomro4@yahoo.com

www.sindhsalamat.com

مهاڳ:

سنڌي ٻولي ۾
هڪ جداگانہ انداز واري ناول جو اضافو

”اجري ڌرتي ميرا ماڻهو“ بنيادي طور هڪ جداگانہ رومانوي ناول آهي، جنهن ۾ انساني درد ڀرين ڪيفيتن ۽ خوشين سان گڏ سماجي صورتحال کي بہ سٺي انداز ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي، ناول جي عمدي ٻولي، اسلوب، ڪردار نگاري ۽ واقعا نگاري جي پختگي واري انداز ۾ پيشڪش کي ڏسي ائين بلڪل بہ نہ ٿو لڳي تہ ليکڪ ڪو نئون ليکڪ آهي ۽ يا سندس هي پهريون ناول هجي!

هن ناول جي ليکڪ يار محمد چانڊئي ادبي ماحول ۾ پرورش پائي، صحافتي ۽ ادبي ذميوارين ۾ بہ پاڻ ملهايو آهي، شاعري سان بہ نهايت شوق اٿس ۽ هن پنهنجي ان شاعراڻي حس کي ڪاڪي پرڪاش جي ڪردار ذريعي سگهاري انداز سان پيش ڪيو آهي.

هن ناول ۾ ڪيترائي منظر نهايت سليقي سان سنواري لکيا ۽ پيش ڪيا ويا آهن، خاص طور جڏهن ڪلپنا جي پيءُ جي ديهانت ٿئي ٿو تہ ٻئي پاسي ساڳي وقت ڪلپنا جي ساٿي وشال جي شاديءَ جي پهرين رات آهي ۽ هو پنهنجي وني جي ويجهو ئي مس وڃي ٿو تہ ڪلپنا سندس شادي کان اڳاڻ هوندي ڪيس پنهنجي پيءُ جي ديهانت جي خبر ٻڌائي ٿي ۽ ساڻ ساڻ جڏهن ڪيس خبر پوي ٿي تہ وشال شادي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي چڪو آهي تہ ان وقت هڪ دل جي آبادي ۽ ٻئي دل جي بربادي ۽ جو منظر ليکڪ جي اسلوب جو خاص ۽ ناول جو يادگار بابُ ٿي ايري ٿو.

اصل ۾ ليکڪ پنهنجي مرڪزي ڪردار وشال جي پويان ڪافي محبوبائون لڳائي ڇڏيون آهن. جن سان سٺي انداز ۾ زندگي گذاريندي هن ناول جي سيني ڪردارن کي پنهنجي هڪ جداگانہ سڃاڻپ ڏني آهي، هونئن بہ هر شاهڪار تخليق تڏهن پاڻ مڃائيندي آهي جڏهن ان جا سڀ ڪردار پنهنجي ڪردار ذريعي هڪ الڳ سڃاڻپ رکندڙ هجن!

دت پارتي ۽ ڪرشن چندر جي ”گهمڻ ڦرڻ هڪ سان، پيار ۽ محبت ٻي سان ۽ شادي وري ٽئين سان“ واري روشن خيال کي اڳتي وڌائيندي هن سنڌ جي هڪ نئين ڪردار ”وشال“ کي ڏاڍو پراثر ڪردار بخشي نهايت پاپولر ڏيکاريو آهي، جيڪو پنهنجي سچائي سان اڳتي وڌندي ڌرتي ۽ سرتي جي تحفظ جو خاص خيال رکي ٿو، جنهن جي جواب ۾ ڪيس هڪ ٻئي پيار ڪندڙ ڪردار ”ماهين“ جي سامهون اچڻو پوي ٿو، جيڪا ڪيس هن لفظن سان مخاطب ٿئي ٿي:

”تون وڏو مداري آهين وشال“ ماهين جو آواز ڳرو ٿيڻ لڳو، چيائين ”تنهنجون هڪ ۾ اکيون آهن، ٻي ۾ هٿ..... ۽ ٽين ۾ آسرو!“

”اکيون ڪنهن ۾ آهن؟“

”مون ۾!“

”هٿ؟“

”آرزو ۾!“

”۽ آسرو؟“

”ڪلپنا ۾!!“

سنڌ جي انتهائي عدم تحفظ واري بگڙيل صورتحال کي اثرائتي انداز ۾ منظرعام تي آڻي هڪ وقتائتو تاريخي ناول لکي ليکڪ يار محمد چانڊيي پنهنجي جانبدار ليکڪ هجڻ جو فرض نڀايو آهي. خاص طور هن مذهبي ڪٽرپڻي ۽ غير جمهوري عمل کي نهايت شدت سان وائکو ڪيو آهي، جنهن جي اظهار لاءِ سنڌي قوم جي سادگي ۽ پير پرستي جي شڪار ٿيل ”آرزو“ جي ڪردار بہ واڃٽ وڃائي ڇڏيا آهن. آرزو، جيڪا خود هڪ پيار ڪندڙ جوان ڇوڪري آهي، پر ليکڪ ان ڪردار جي زباني هڪ اهڙي حقيقت کي سامهون آندو آهي، جنهن پسِ پرده قوت جي آڏو انساني حقن جون تنظيمون بہ بيوس ۽ لاچار آهن، اچو تہ ليکڪ جي ناول ”اجري ڌرتي، ميرا ماڻهو“ ۾ پيش ڪيل ان انوکي مزاحمت کي سندس لفظن ۾ پرکيون:

”انساني حقن جون سڀ تنظيمون انهن جون ذيلي تنظيمون آهن.“ آرزو جو آواز جهيڻو ٿي رهيو هو، چيائين ”هو ملڪ جا ڪرتا ڌرتا آهن، چاهن تہ جمهوريت هجي ۽ چاهن تہ آمريتي راڄ...!! هنن جون سنگينون ڪير ٿو

www.sindhsalamat.com

روڪي سگهي ....؟ ”مان“ جيڪا تنهنجي سامهون آهيان، تنهن جو نالو ”راٽي“ آهي- اسلام آباد جي راٽي....! سنڌ جي حسن کي اسلام آباد جا وڏا وڏا سفيد پوش سجدو ڪندڙ آهن.... مون کي آرزو جي سڃاڻپ ڪير بہ واپس ڏئي نہ ٿو سگهي!! ڪير بہ نہ ....!؟“

”ڪلپنا“ هن ناول جو اهم ڪردار آهي، جيڪا وشال سان گڏجي سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ اهڙو مثبت ڪردار ادا ڪري ٿي، جيئن اجرڪ جي ٻن پڙن کي ڪير ڏيبي آهي. مان سمجهان ٿو ناول ۾ ليکڪ جي شعوري ڪوشش بہ قومي تشخص جي سڃاڻپ کي اجاگر ڪرڻ آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي پاڪستان کان علحدگي جي انهن انديشن تي بہ فوڪس ڪيو ويو آهي، جن عملن سان سنڌ جي ڳيرن جي خون جا پيرا ڳُجهن قوتن ڏانهن وڃن ٿا، رياستي ڏاڍ ۽ جبر سان گڏوگڏ خود سنڌين کي سنڌين سان ويڙهائڻ ان بي حس ۽ جارحاني روين جو حل آخر ڇا آهي؟ واري سوچ تي سرجيل هي ناول ”اجري ڌرتي، ميرا ماڻهو“ سنڌي ادب جو جداگانہ تاريخي ناول آهي، جنهن جي پڃاڻي سنڌ جي قومي جذبي کي قائم رکڻ جي پيغام مان واضح ٿئي ٿو تہ هي ناول نہ رڳو ڌڙڪندڙ دلين جي ترجماني ڪندڙ آهي پر هڪ خوش آئند مستقبل جي اميد جو اهجاڻ تي پڙهندڙن جي دلين لاءِ آڻت بہ بڻجي ٿو.

بيدل مسرور

سچل ڳوٺ - ڪراچي سنڌ.

09 ڊسمبر 2014ع

ليکڪ جي پاونا:

ڪهاڻي کان ناول تائين جو سفر!

ڌڙڪندڙ دل جو درد:

پريم جي سڦلتا جي آس...!!

راتين جي تنهائي؟

خوابن جي پيڙا؟

پنهنجي ترتيب ڏنل ناول جو نئون مجموعو ..... ؟ يا منتظر محبتن جو هڪ البم .....!؟

خبر ناهي .... منهنجون تحريرون، منهنجي پنهنجي جيون ۾ ڊوڙي ايندڙ حالتن جي پيڙا آهن يا سماج جي ڪنهن گمنام موڙ تي اچانڪ ڇرڪ پرائي ويندڙ هاڃن جي روڳ کان بہ وڌيڪ پاونائون ارپيندڙ حالتن جو ليک .....!؟ اهڙو درد، جنهن جي ڪاٽَ کان ڪنهن جو مَن بہ خالي ناهي.....!! پر پوءِ بہ هر نئين صبح جي نڪورتا، محبتن جي ديس ۾ قدم رکڻ لاءِ اُتاولن احساسن کي جنم ڏيندي آهي..... منتظر محبتون آخر جلاوطن محبتن جي ڇيهہ تي پهچي پاري درد جو باعث ڇو ٿيون بڻجن ..... ؟ محبت .... نفرت.... ۽ جلا وطني جي روڳ ۾ حياتن جي ابتدا ۽ انتها تائين لکندي بہ مون ڏاڍو پوڳيو آهي ..... نيڻ ڳوڙهن جي قطارن ۾ پِنا ۽ رُنا آهن.....!!

منهنجو هي ناول **’اجري ڌرتي ميرا ماڻهو‘** شعور کان محروم اونداهين ڌرتي جي ميرانجهڙي مِٽي ۾ گم ٿي ويل سڃاڻپ/ ڳولا جي پروڙ آهي ۽ مان جهڙوڪر جياپي جي جستجو ۾ ڪاڪي پرڪاش جي اداس روح جو حصو هجان، جيڪو ڌرتي جي عشق ۾ سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيندو آهي.... پنهنجي زندگي .... پنهنجا رشتا .... ۽ پنهنجا احساس بہ .....!!!

ناول جو پيو ڪردار ’ماهِ لقا‘ منهنجي آڪين ڏني درد جو حصو آهي .... هوءَ پنهنجي عزتن جي تقدس جو پرم رکندي سماج جي بگهڙن سان مهاڏو اٽڪائيندي رهي ..... هڪ ڏينهن سماج جي درندهہ فردن هٿان نہ رڳو هن جي آشائن جو ڏيئو ظلم جي طوفان سان وسايو وڃي ٿو، پر هن جي جوان جيون جو بہ انت آندو وڃي ٿو .... ظلم جي ان ڪاري رات جي طوفان پويان ڪهڙين

www.sindhsalamat.com

حالت جو هٿ هو... ؟ڳوٺ جي ڳلين ۾ ايندڙ طوفانن کي ڪنهن جنم ڏنو... ؟ڇو جنم ڏنو... ؟ اهو سڀ هن ناول **'اجري ڌرتي ميرا ماڻهو'** جو حصو آهي...!!

ناول جا هونئن تہ ڪجھ ڀيا بہ ڪردار آهن، جن جي پنهنجي پنهنجي الڳ سڃاڻپ آهي، پر جوڀن جي خوشبوءِ ۽ عشق جي راهہ ۾ حاصلات جون ڊوڙون پائيندڙ 'آرزو' جي ڪهاڻي بہ اوهان کي پنهنجي ئي ڪنور معاشري جي ڪهاڻي لڳندي، جنهن ۾ هوءَ سنڌ جي هڪ ڳوٺ کان نڪري اسلام آباد جي راڻي/ ڪال گرل بڻجي ٿي ..... آرزو جي درد جي ڪهاڻي، سنڌ جي انهن سوين ڀٽڪي ويل جوان دليون رکندڙ عورتن جي ڪهاڻين کان باخبر ڪري ٿي، جنهن ۾ سفيد پوش ماڻهو عهدن جي آڙ ۾ ڇا ڇا نہ ٿا ڪن... ؟! غريب ماڻهو، غربت سبب پنهنجي خاندان، عيال يا ويجهن رشتيدارن کي نہ سنڀالي سگهي تہ بکيو، پيٽنگيو ۽ لاپرواهي جي الزامن هيٺ .... ۽ جي ڪو سفيد پوش/ وردي وارو/ پئسي وارو عورتن جي دلالي ۾ بہ سرفهرست هوندو تہ بہ واهہ واهہ...! انهيءَ معاشري جي تبديلي اوس اچڻي آهي .... پر آڻيندو ڪير... ؟ آرزو، اهڙي پٿر دل سماج جو حصو بڻي تہ ڪيئن، جهڙن سوالن جا جواب بہ اوهان کي هن ناول ۾ ملندا.....!! ڳوٺ جي ڳلين ۾، پوتي جي پاند ۾ جواني کي لڪائي هلندڙ آرزو اسلام آباد ۾ جينز ڪيئن پاتي...؟ اهي ڪهڙا هٿ هئا/ آهن، جنهن آرزو جي جوڀن ۾ وئشيا جا ٿهڪ پري ڇڏيا ..... آرزو انهن هٿن جي مضبوط گرفت/ پڪڙ ۾ ايندي پنهنجي ضمير جي درد ۾ ٻڏڻ لاءِ تيار تہ ٿي، پر واپس ورڻ لاءِ نہ...! اوهان مان ڪوبہ هڪ جيڪڏهن مجبور آرزو سان ملاقات ڪري تہ سندس ڏکي دل ۾ ضرور جهاتي پائي... ...!! ۽ ڪانئس پڇي تہ تون پريم جي پنڌ ۾ بازارِ حُسن تائين ڪيئن پهتيءَ ...!؟

'ماهين ۽ ڪلپنا' هن ناول جا بہ مُکيہ ڪردار آهن، جنهن جي پريم جي جادو ۾ حاصلات ۽ لاحاصلات جو درد هڪجهڙو ڏسجي ٿو...! ماهين حاصلات جي سرحد تي پيهي 'منتظر محبتن' جو حصو رهي ٿي .... ۽ ڪلپنا **'اجري ڌرتي ميرا ماڻهو'** جي پيڙا ۾ سڏڪا پري ٻارن جيان روئي پوي ٿي.....!

هن ناول ۾ 'جيجي' جو ڪردار منهنجي پنهنجي جيجي جو ڪردار آهي، ناول مڪمل ٿيڻ واري مرحلي کان پوءِ، جڏهن پنهنجي پاران واري لفظن تي پهتو آهيان، تڏهن منهنجي جيجي مون کان ڏور هلي وئي آهي ۽ مون وٽ

ڳوڙهن جي آلاڻ ۽ ڪجھ يادن کان سواءِ ڪجھ نہ رهيو آهي...ٻاروتڻ ۾ هن جي چيچ پڪڙي ڳوٺ کان ڊڪڻ شهر ايندي مون کان بگي گهوڙي جا آواز بہ نہ وسريا آهن! شهر ايندي هوءَ سڀ کان پهريان مون کي ڪاڪي غلام الله جي دڪان تان گل بيدا وٺي ڏئي پوءِ گهر جو سودو سامان وٺندي هئي .... جيجي .... منهنجي ٻاروتڻ جي دوست ...اڄ جڏهن ان جي مزار تي آيو آهيان، تڏهن سمجهان ٿو منهنجو وجود اٽپورو ٿي ويو آهي ۽ منهنجي ٻاروتڻ دفن ...!!

دنيا جي وڌندڙ عدم تشدد واري صورتحال اڄ جي آدم کي پٿرن جي دؤر وارو آدم خور بنائي ڇڏيو آهي.... چوڏسا رتوچاڻ، ڌرتي تي رت پياڪ/ وحشي قافلن جي جَهجهي انداز/ تعداد ۾، وڏي وڃڻ واري انديشي جي تصديق ڪري ٿي...! ڌرتي ڇا ڪارج رکي ٿي ۽ انسان ڇا... ؟ اهڙي سوچ جي پروان ٿيڻ سان انسان جي شعور جي تاريخ جو اپمانُ ٿئي ٿو.....!! رت ۾ وهنتل ماڻهو تاريخ جي فرياد آهن، جن جي چيخن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ اڄ جو هٿيارن سان مُسلح ماڻهو ماڻهپي جي سڃاڻپ کان ڪيترو پري ٻيٺل آهي... ؟ سڄي ڌرتي جي امن کي هٿيارن جي نمائش/ استعمال سان تاراج ڪندڙ / عالمي سوچ جا مدبر سڏائيندڙ آخر پاڻ کي انساني حقن جي تاريخ جو گنهگار ڇو ٿا ثابت ڪن... ؟ ڇا دنيا جي امن جون واڳون هٿيارن جي ڊوڙ ۾ سرفهرست ملڪن جي سربراهن جي هٿن ۾ آهن... ؟ يا مظلوم قومن سان ٿيندڙ بغداد/ ظلم جي پويان پنهنجي ئي اندروني حالتن جو اثر آهي .....!!! آخر مذهب/ ڌرم جي آڙ ۾ رت جي وهندڙ درياهہ کي ڪير روڪيندو... ؟ ممتا جي اجڙندڙ جهولين ۾ اميدن جا ڇانورا ڪڏهن واپس ٿيندا... ؟ اهڙا ڪيترائي سوال سوچيندي هن ناول ۾ آشا جي ننڍڙي اميد کي منظر عام تي آندو آهي...!

مسيحا جي سڃاڻپ رکندڙ ماڻهن، اڄ جي هن جديد تعليم واري دؤر ۾ ماڻهپي جي مورچي کي ڦٽو ڪري، انسانيت جي ويساهہ کي ڇو لڄايو آهي.... احساسن کان ڪورا/ خالي مَن حرس/ لالچ جي گهوڙي تي سوار ٿي عام بي پهچ ماڻهن کي پنهنجي منزل جي ڏاڪڻ سمجهي، اهو ڄاڻندي بہ ڪين لتاڙي، اڳتي وڌڻ ڇوٽا چاهين تہ، مظلوم جي آهہ عرش خدا کي جُنبش ۾ آڻي ٿي، اهڙي درد جي رد عمل ۾ ٿيندڙ مزاحمت جو ذڪر بہ اوهان کي هن ئي ناول ۾ هڪ تبديلي جو سنيهو ارپيندو ..... ورهاڳن جي وڍن/ المين جي ڪٿا تائين ويچاريندي

www.sindhsalamat.com

هڪ ليکڪ جو قلم ڇاتو ڪري سگهي...؟! اهي ورهاڱا ڌرتي جا ورهاڱا ۽ آهين تہ دلين جا ۽...! جسمن جا ورهاڱا آهن تہ روحن جا ۽ ...! انهن ورهاڱن جي پيڙا کي محسوس ڪندي جڏهن اوهان جي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي، تڏهن مان ائين سمجهندس، جهڙوڪ امن ۽ درد جي ان سفر ۾ اوهان ۽ ديس جا باضمير/ ذميوار فردن ۾ شامل قطار جو حصو آهيو .....!!

درد ڇا آهي؟

انفرادي خوشي جي پويان ملندڙ درد وڏيڪ ڀاري ٿئي ٿو يا اجتماعي درد...؟ جنم يومي سان بيحد لڳاءُ رکڻ جي موت ۾ بي يقيني واري صورتحال جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪيئن ٿي ڪري...؟ اهڙين حالتن جي عڪاسي ڪندي/ ناول لکندي مون اڀائي مهينن جو وقت لڳايو آهي... لڳاتار اڀائي مهينن جا ڏينهن تہ پوڳيو ئي پوڳيو آهي، پر اڀائي مهينن جون اونداهيون/ چانڊوڪيون راتيون ۽ تڙپندي ۽ سوچيندي گذاريون آهن ..!

’مان هي ناول ڇو لکيو آهي .؟‘ جي جواب ۾ ايترو ئي چوڻ/ اظهار ڪرڻ جو حق بجانب رکان ٿو، تہ منهنجو هي ناول سفر پنهنجي قومي درد جو ردعمل آهي.... جڏهن سنڌ ڄاڻين جي عبادت گاهن تي، مذهبي جنونيت جي آڙ ۾ حملا ٿيڻ شروع ٿيا، تڏهن اقتدار ڏٺين جي خاموشي پويان مون کي بين الاقوامي سازش جو ڳجهو هٿ نظر آيو تہ منهنجي اندر جو ليکاري تڙپي اٿيو ۽ مان **’اجري ڌرتي ميرا ماڻهو‘** سري هيٺ لکجندڙ ناول کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجو هي تخليقي پورهيو، ڇپائي جي حوالي سان ٻيون ڪتاب آهي..... پنهنجي پهرين ڪهاڻي ڪتاب **’جنم جنم الميو‘** جي موت ۾ پنهنجي دوستن جيڪا ڀرپور موٽ ڏني، مان انهن جو تهہ دل سان شڪريو ادا ڪندي، اهائي اميد رکان ٿو تہ اوهان منهنجي هن ٻئين/ ناول ڪتاب، **’اجري ڌرتي ميرا ماڻهو‘** تي ۽ پنهنجي راءِ ضرور ڏيندا:

اوهان جي راين جي اوسيئڙي ۾

يار محمد چانڊيو
رتوديرو
yaarchandio@gmail.com
Cell: 0345_3830271

اُجري ڌرتي ميرا ماڻهو

www.sindhsalamat.com

1

زندگي ۾ پهريون پيرو هن جي ويهن ڏينهن جي جدائي جهڙو ڪر جياپي ۽ موت جي ٻہ واٽي تي آٽي بيهاريو آهي...! پل پل جي دوريءَ هڪ پل بہ چين سان رهڻ نہ ڏنو آهي.... دوستن سان هوندي دوستن کان ڏور .... خيالن ۾ گم... گهر ۾ هوندي ويهڻ وهڻ .... رات جو اکين ۾ اوجاڳا.... تڙپ ... هوءَ الائي ڪڏهن ايندي ....؟ ايندي بہ الائي نہ!؟

ڪلپنا_!

منهنجي زندگي جي آرزو، جواني جي سونهن ۽ خوابن جي راڻي.

اڄ ممبئي کان ڪراچي ايئرپورٽ تي پنهنجي جنم پومي تي واپس اچڻي آهي ۽ مان گلابن جا گل کڻي سندس آجيان لاءِ انتظار ۾ بيٺو آهيان .... هوءَ منهنجي پاڙيسرياڻي ۽ ڪلاس ميٽ آهي....روزاني لاڪاليج تائين اچڻ ۽ وڃڻ سبب پاڻ ۾ خيالن جي هڪ جهڙائي ۽ ڌرتي ڌڻين جي درد کي پنهنجو درد سمجهڻ واري هم آهنگي وڌي آهي، تڏهن تہ هن جي ممبئي ياترا سبب پاڻ کي هر گهڙي اڪيلائي جي نتهڻ اُس ۾ پگهرجندي محسوس ڪري رهيو آهيان .... اکين ۾ انتظار.... دل ۾ ٻڌتر .... "پرائي ديس ۾ رهندي هن سڪون پاتو هوندو الاءِ درد؟".... هوءَ پنهنجي پاءُ راجڪمار جي ڳالهين ۾ اچي ڪٿي ممبئي ۾ رهڻ جو فيصلو تہ نہ ڪري ويني هوندي، جيڪو سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، دهشت گردي ۽ هندو برادريءَ سان ٿيندڙ مذهبي روش جي ڪري گذريل پنجن سالن کان ممبئي ۾ ننڍڙو ڪاروبار ڪري پيٽ جو گذر سفر ڪري رهيو آهي..... پر ڪلپنا تہ ڌرتيءَ جي عشق ۾ تمام گهڻو اڳتي نڪري ويل آهي... ان جي آدرشن جو ڌرتيءَ سان گهرو سٻنڌ آهي.... هن جي پرورش ۾ سندس پتا جي شعور جا رنگ پريل آهن .

جنم پومي ڇا آهي؟

جنم پومي جو فرض ۽ قرض ڇا آهي؟

هن جي ذهن ۾ پتا جو نظريو جڙيل آهي:

"ماڻهو ڪٿي بہ هجي، جنم پومي ڏانهن واپسي ضرور ڪري...!!"

۽ هوءَ اڄ ويهن ڏينهن کان پوءِ واپس اچي رهي آهي۔

جنم پوميءَ جو پيار هن کي ڌرتيءَ سان ويجهڙو ڪري رهيو آهي ۽ مان هن جو ڪراچي ايئرپورٽ تي انتظار ڪندي ٿڪجندي بہ نہ ٿڪيو آهيان...!!

منهنجو انتظار ويو ٿي طويل ٿيندو.... جهڙي طرح هن سواءِ ويهہ ڏينهن ويهن جنمن جهڙا پاسيا هئا، تهڙي طرح وقت جون موجود گهڙيون بہ پاري عذاب کان گهٽ نہ پئي پانيو ... پنهنجي ان درد سان سرشار ڪيفيت کي پاڻ مٿان حاوي ٿيندي ڏسندي سوچيم: "ڪلپنا! تون ڇا ڄاڻين....؟ پاڻ بظاهر تہ فقط سُنا دوست ٿا ليکيا وڃون، پر سچ اڃان ڪي پيو آهي.....!! تون مون کان دور آهين تہ جيون جي هر هڪ پل، ڏکويل من جو مالڪ بنايو آهي.... تون ناهين تہ اندر درد جي سحر ۾ ڪويل ، ڪويل ۽ اکيون ڄڻ پٿر جو پيو روپ هجن.....!!"

"وشال! .... هاءِ...!!"

سوچ جو سحر ٽٽي ويو.

سامهون نهاريم.

هوءَ پوجا ايئروپلين جي اڏام ذريعي ايئرپورٽ تي نہ ڄاڻ تہ ڪهڙي مهل پهچي چڪي هئي.

"ڪيئن آهين؟"

ڪلپنا جي اکين ۾ خوشين جون ريڪائون اپري آيون. مان ڏانهنس پيار پرين/ معصوم نگاهن سان ڏسندي ئي رهجي ويس.

"گونگا! توسان ٿي ڳالهايان... ڪٿي گم ٿي وئين....؟ هان....؟ ڇا پيو سوچين؟؟"

"ڪجهہ بہ نہ.... "

"پوءِ بہ....؟"

"بس ڏسان ٿو تہ تون ڪيڏو تبديل ٿي وئي آهين....! "

"ڇا تبديل ٿيو آهي....؟"

" وڏيڪ سندر ٿي لڳين، پانيان ٿو تہ پارت جي هوا توکي پانءِ اچي وئي آهي....."

"مَسڪو نہ مارِ.... "

"سچ ٿو چوان.... !" چيم: "تون واقعي ڏاڍي خوبصورت ٿي پئي آهين."

"اچا.... "

www.sindhsalamat.com

”ها....“

”اهو تنهنجي نظرن جو ڪمال آهي.....“

”واقعي ڪلپنا....“ ٿڌو ساهه ڪڍي ويو.

پڻڪيم: ”تنهنجي حُسن! منهنجي جواني ۾ زلزلو برپا ڪري ڇڏيو آهي، تنهنجي پويان ساهن جي ترتيب بي ترتيب ٿي وئي هئي.... ۽ جڏهن هينئر منهنجي سامهون بيٺي آهين، تڏهن به دل جي ڌڙڪن تيز ـ تيز ٿي رهي آهي.... هيءَ ڪهڙي ڪيفيت آهي، جو مان نه توکان دور ٿو رهي سگهان ۽ نه ئي توکي ويجهو کان ڏسي پاڻ ٿو سنڀالي سگهان....؟“

”ڇا ٿو چئين... ٿورو زور سان ڳالهاءِ؟“

”ڪلپنا!“ منهنجو آواز بلند ٿيڻ لڳو ”ڪڏهن ڪڏهن، جيڪي ڳالهيون چوڻ گهربيون آهن، سي چپن کان ٻاهر نه نڪري سگهنديون آهن.“

”ان جو سبب ته ظاهر هجڻ گهرجي؟“

”جڏهن اندر ۾ هڪڙي ۽ ٻاهر ۾ ٻي هوندي آهي، تڏهن زبان سات ڇڏي ويندي آهي ۽ هر ڳالهه اڌمو/ پڻڪوبنجي دٻجي رهجي ويندي آهي.“

”اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”اهائي!“ چيم: ”ته تون جواني جي خوشبوءِ جي گهاٽي سهيلي ٿي وئي آهين“.

ڪلپنا جي بند سنهڙن چپن مان وڏو ٿهڪ نڪري ويو، اکين سان شرارت ڪندي چيائين ”اڳتي ڇا پروگرام آهي؟“

”هلبو!“

”ڪيڏانهن....؟“

”سِڌو لاڙڪاڻي....“

ڪلپنا ۽ مان ايئرپورٽ کان ٻاهر پنهنجي گاڏي طرف وڌڻ لڳاسين، منهنجون اکيون سان پريل نظرون بار بار هن جي سونهن سان نڪري آيل چهري ڏانهن ڪڍي ۽ جُهڪي ٿي ويون.

”ڪلپنا“

”هون!“ ڪلپنا جون نظرون مون طرف متوجهه ٿي ويون چيائين: ”وري ڪهڙي خيالن جي وهڪري ۾ هليو وئين؟“

”منهنجي هٿ ۾ گل آهن....“ چيم: ”تنهنجي آجيان، انتهائي پيار ۽ پنهنجائپ سان ڪرڻ گهران ٿو.“

منهنجا هٿ هن جي زلفن کي ڇهڻ لڳا، هوءَ هڪ پل لاءِ شرمائجي ڳاڙهي ۽ پيلي ٿيڻ لڳي....! اکيون جهڪائي ڇڏيائين....!

ڪلپنا ۽ مان گفتگو ڪندا ايئرپورٽ کان ٻاهر اچي پنهنجي گاڏي ۾ ويناسين، جتي مان ڊرائيونگ ڪرڻ لڳو هوس ۽ هوءَ منهنجي پرسان سيٽ تي اطمينان سان ڪراچي جي رنگينين کي گهوري ڏسي رهي هئي. گاڏي آهستي هلندي گاڏين جي شور ۾ داخل ٿي، پر هوءَ چپ، روشنين ۾ گم هئي.... مان ڪڏهن ڪڏهن هن جي جوبن سان پريل وجود ۽ سندس وجود تي اوڍيل ساڙهي کي چور نگاهن سان ڏسندو پئي رهيس...!!

”راجڪمار ڪيئن هو؟“

”نيڪ نه هو!“ منهنجي پڇڻ تي هن جو ڌيان مون طرف ٿي ويو، چيائين ”هن جي مزاج ۾ تبديلي نه آئي آهي... هر پل پنهنجي جنم ڀومي سنڌ جو فڪر اٿس... ڌرتي کان جلاوطني واري پيڙا هن جي زندگي جو حصو ٿي وئي آهي....“

”۽ هن جو ڪاروبار ڪيئن ٿو هلي؟“

”هن جو ڪاروبار ته سٺو ٿو هلي، پر... ديس کان ڌار رهڻ وارو درد، هن جي مستقل بنيادن تي اڳتي وڌڻ واري سفر ۾ رڪاوٽ بنيل آهي.“

”هن کي سنڌ ۾ ئي ڪاروبار ڪرڻ ڪپندو هو....“

”غير يقيني واري صورتحال کي نظر ۾ رکي هن کي اهڙو فيصلو ڪرڻو پيو هو....“

”پر....!“

”ڇا پر....؟“

”اها ڳنڀير صورتحال ته سمورن ديس واسين لاءِ آهي.... ڦرلٽ....! اغوا....! عدم تحفظ .... ۽ مذهبي انتشار جي وڌندڙ رجحان جا اثر، ٻِنا ڪنهن فرق جي سيني ديس ڄاين لاءِ هڪ جهڙا آهن....“

مون غور ڪري ڪلپنا ڏانهن نهاريو، هوءَ پنهنجي ڀاءُ جي ذڪر نڪرڻ تي غمگين ٿي وئي هئي، ڪيس وڌيڪ چيم: ”جيئن عيسائين جا چرچ گهر ۽ هندن

www.sindhsalamat.com

جا مندر غير محفوظ آهن، تيئن مسلمانن جون مسجدون بہ رتوچاڻ کان محفوظ نہ آهن.... سنڌي قوم جي وجود کي فنا ڪرڻ لاءِ گهريون سازشون گردش ڪري رهيون آهن!“

”پيڙائن جو شڪار تہ مان ٿي وئي آهيان وشال!“ ڪلپنا جي اکين مان درد ساگر جو روپ ڌاري ظاهر ٿيڻ لڳو، چيائين ”مشڪل ۾ تہ مان ڦاٿي آهيان.... چئن ڀاتين تي مشتمل خاندان وڪري ويو..... امان وقت کان اڳ ديهانت ڪري وئي... ادا راجڪمار هندُ ۾... بابو پيرسني ۾ بہ سنڌ جي مِٽي کي چنبڙيو پيو آهي.... ۽ مان ٻن ديسن جي پٽڪيل مسافر ۔ نہ سنڌ ۾ مستقبل ٿو نظر اچي ۽ نہ ئي هنڌ ۾ اندر کي شانتي ٿي ملي..... مان ڪيترن حصن ۾ ورهائجي وئي آهيان....!“

ڪلپنا سراپا نروس ٿي وئي!

هن جو اندر موهن جي آثارن جيان پُري رهيو هو...!!

”ڪلپنا! تون ايترو اداس ٿي پاڻ کي وڌيڪ پريشان نہ ڪر!“ چيم: ”وقت جو ايندڙ وهڪرو، تنهنجي زندگي ۾ ضرور خوشيون آڻيندو...!!“

”سيڀاڻو ڪنهن ڏنو آهي وشال....!؟ اهو ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ اڄ جي درد پويان ڇا لڪيل آهي....؟ خوشيون يا وڌيڪ پاونائون....؟“

اداس ٿي ويل ڪلپنا جي ڏکي حالت ڏني برداشت نہ ٿي، هن کي حالتن سان دليرانہ انداز ۾ سمجهوتي/ مقابلي ڪرڻ جو سمجهائيندو رهيس.

اسان جي گاڏي سپر هاءِ وني حيدرآباد جي حدن ۾ داخل ٿيڻ واري هئي، جو خاموش گهڙين ۾ هن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، چيائين: ”حجت ۾ هڪڙو عرض رکجي، جيڪڏهن قبول پوي تہ....!“

”جي....!“ وراڻيم ”اوهان عرض نَہ حڪم ڪندا ڪيو.... “

”منهنجي مَن تي مونجهہ جو انڌيرو پکڙجي رهيو آهي، چاهيان ٿي ڀِٽ شاهہ تي حاضري ڀرڻ ضروري آهي .... “

”منهنجي دل جي ڳالهہ ڪئي اٿئي!“ چيم ”تنهنجو فيصلو منهنجي بہ ترجماني ڪري ٿو.“

شام جو سِجُ آخري پساهن ۾ هو، اسان ڀٽ ڏٺي جي نگري ۾ پهچي ويا هئاسين... هر ڏسا ماڻهن جو ميڙ متل هو.... عجيب دل کي سڪون ڏيندڙ

ماحول...! سڀ ماڻهو، بنا ڪنهن مذهبي فرق جي ، سڀ جو سڀ هڪ ئي مرشد جي پيراندي کان ويٺل هئا ۔ مُقبري جي اترئين، اوپارين ۽ ڏاڪڻي پاسي کان صوفي فقير انسانيت جي فلسفي کي آلاپي رهيا هئا.

رات آهستي آهستي گهري ٿيڻ لڳي هئي ۽ مان وقت جي رفتار کي معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي بند ڪري رکيل موبائيل کي آنِ ڪيو تہ هڪ نامعلوم نمبر تان ڪالن جي ڀرمار لڳي وئي:

”جي!“ آهستي ڳالهايم ”اوهان ڪير؟ ڪهڙو ڪم آهي؟“

”ڏيو خبر سائين؟“ پريان آواز آيو.

”جيڪا پڇو؟“

”مرشد جي ؟“

”مرشد زنده باد“ چيم: ”پر توکي ڪنهن ٻڌايو تہ مان مرشد جي سامهون ٻيٺو آهيان...!!“

”مرشد جي سامهون ٻيٺو آهين سائين ؟“

”ها.“

”تون سچ ٿو چوين؟“

”ها بابا!“

”تہ پوءِ سائين؟“

”ڇا پوءِ؟“

”ٻڌرايوس نہ پوليس کان“

”ٻڌرايانس ....! ڇا مطلب؟“ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ ڪانئس پيهر پڇيم: ”تون آهين ڪير...؟ چوڻ ڇا ٿو چاهين؟.... تنهنجو آواز شور ۾ مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي؟؟“

”صابو ٿو ڳالهايان سائين“

”صابو ڳوٺ وارو؟“

”ها سائين“

”اوهہ ۔ نياڳا...!!“ ڪجهہ ياد ايندي ئي وراڻيم ” مان پنهنجي مرشد لطيف سرڪار جي سامهون ٻيٺو آهيان ۔ توهان جي رهزن مرشد جي سامهون نہ...!“

www.sindhsalamat.com

صابو جي ڪال ڪٽيندي مون کي رهزن مرشد جو ڪارنامو ياد اچڻ لڳو:

اهي بہ ڪي ڏينهن هئا، جڏهن مون کي نئين نئين مُڇن جي ساول لٿي هئي. مان هونئن تہ اڪثر پڙهائي جي سلسلي ۾ شهر رهندو هوس، پر ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ بہ وڃڻو پوندو هو.

هڪ ڀيري ڇهن مهينن جي وٿي کان پوءِ جيئن ئي ڳوٺ وڃي پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيو هوس تہ بابو سائين آيو هو، چيائين "وشال پٽ...! چڱو ٿيو اچي وئين...!! ويهہ نہ...! اٿ ... اچ تہ هلون ٿا."

"ڪيڏانهن؟"

"مرشد ڏانهن!" بابو جڻ جهومي پيو، چيائين "اسان وڏا پاڳن وارا آهيون، مرشد اسان جي ڳوٺ آيو آهي."

"آءٌ نہ هلندس بابا!" منهنجو آواز سخت ٿيڻ لڳو هو، چيم: "هي جديد دؤر آهي، ماڻهو ڪمپيوٽر جي مدد سان زندگي گذاري رهيا آهن ۽ اوهان وري پٿرن جي دؤر ۾ واپس وڃي، نڳ ماڻهن جي دوڪن ۾ اچي پنهنجو قيمتي وقت ۽ پسئو زيان ڪري رهيا آهيو؟!"

"ڪفر نہ بولِ" بابو توبهہ ڪرڻ واري انداز ۾ سمجهائڻ لڳو هو، چيائين "تون سو بہ اڪر پڙهيو آهين، باقي پاڻ کي سمجهين الائي ڇا ٿو؟"

"نہ هلندس! ..... نہ هلندس ..... نہ هلندس!" چيو هئم، "مرشد هڏ حرام پرائي مال تي گذران ڪرڻ وارو .... لوڀي...."

"توکي مرشد ڏانهن هلڻو پوندو."

بابو معصوم ٻارن جيان ضد ٻڌي ڀيئو.

"نيڪ آ، مان هلندس ... پر تماشو پاڻ ڏسجانءِ...!!"

"تماشو؟ ڇا جو ... ؟" بابو الجهن جو شڪار ٿيڻ لڳو هو.

"تبديلين جو تماشو ... " بابي جي معصوميت کي پرکڻ لاءِ سندس قريب وڃي چيو هئم: "جڏهن شعور جي روشني جهالت جي انڌيري ۾ ڪاهي پوندي آهي، تڏهن تبديلي جو جنم وٺڻ اٽٽر هوندو آهي."

"وشال ... !" بابا جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا

"جي بابا!"

"تون منهنجو فرمانبردار پٽ آهين نہ ...! مون کي تو ۾ وڏيون اميدون آهن ...! تون رڳو مرشد ڏي هل، باقي ڏسجانءِ، تنهنجي من جون سڀ اميدون پوريون ٿينديون."

ڀيڀري ڌاران مان بابي ۽ امان سان گڏجي مرشد طرف ويو هوس، جتي هو هڪ ڳوناٽي جي گهر ۾ ترسيل هو. مرشد کي پهرين نظر سان ڏسندي اکيون تعجب ۾ لرزي ويون هيون. ڳوٺ جي معتبر گهراڻي جون اهي جوان ۽ پوڙهيون عورتون، جيڪي ڪنهن ڌاري مرد جي پاڇي کان بہ پري رهنديون هيون، سي بہ بي پرده ٿي، غير مرد ڳوناٽڻ سان گڏجي مرشد مٿان فدا ٿي رهيون هيون. مان سڀ ڪجهہ ڏسندو رهيو هيس ۽ غور سان ٻڌندو رهيو هيس، ڪوڙ سارين عورتن جي آواز کي، جيڪي چئي رهيون هيون:

"مرشد مانائتا! دعا ڪيو پُتاڻي اولاد ٿئينم.....

دعا ڪيو سڀ مصيبتون دور ٿي وڃن....

مرشد مهربان! اهڙو تعويذ لکي ڏيو، منهنجي وڏ ور نياڻي خطرناڪ دورن کان پناهہ ۾ رهي، هوءَ نہ ٿي ڏسي ڏينهن ۽ رات، پٽي ٿي پنهنجا وار ۽ ڦاڙي ٿي پنهنجي جسم جا ڪپڙا ۽ گگون ڳاڙي چوي ٿي 'قرآن منهنجو گهوٽ ناهي...!"

مرشد ۽ ان جي اٻوجهہ مريدن جي سادگي کي ڏسي سوچيو هئم، "ڪير ٿو چئي تہ هڙا مرشد مانائتا آهن، مهربان آهن، مهان آهن ... ؟ هڙن مڪار ماڻهن تہ هميشہ پنهنجن مفادن تحت، ماڻهن کي جهالت ۾ رکي، سندن حقن کي پائمال پئي ڪيو آهي ...!"

منهنجون سوچون تڏهن وکري ويون هيون، جڏهن هڪ التجا ڀريل آواز منهنجي دماغ تي پڙاڏو بنجي گونجي اٿيو هو. اهو آواز منهنجي انهيءَ هستي جو آواز هو، جنهن جي پيرن هيٺان قدرت جنت جو راز سمايو آهي، منهنجي جيجل ماءُ ... جيڪا ڪيس مخاطب ٿي چئي رهي هئي: "مرشد سڳورا! مون کي بہ دعا ڪر تہ منهنجو پُٽ سنئين راهہ تي اچي، هو منڪر ٿي ڪفر بولڻ لڳو آهي...."

امان جو آواز ٻاٻري ڪنڀن جيان سيني ۾ درد اپارڻ ويو هو، عين ساعت بڙ بڙ ڪرڻ کان رهي نہ سگهيس، چپن ئي چپن ۾ چيو هئم: "منڪر انسان! تون ڪير ٿيندو آهين، منهنجي ممتا کي نفرت جي رنگ سان رنگڻ وارو ... ؟ تون

www.sindhsalamat.com

تہ پاڻ گناهن جي گند ۾ گتل آهين .... ياد رک، ڪوڙا ماڻهو! تنهنجي ڪرتوتن جو پاندو هڪ ڏينهن ضرور ڦاٽندو ۽ رسوائي تنهنجي مقدر جو حصو ٿيندي .... پوءِ سڀ ڳوٺ وارا تنهنجو گريبان پڪڙيندا... مون کي انهيءَ وقت جو انتظار رهندو....“

سوچيندي اچانڪ منهنجي، نظر چئن پنجن جوان جماڻ ڳوناڻين عورتن ڏانهن کڄي وئي هئي، جن ۾ آرزو به شامل هئي ـ هوءَ جهڙوڪر قيامت هئي.... مون سان بيحد پريم ڪندڙ، مون کان به وڌيڪ ...! ايترو پيار، جو شايد ڪوئي ڪنهن سان ڪندو هجي ... ؟ پر وقت ساٿ نہ ڏنو هو ... مان وڪيل بڻجڻ جي خوشيءَ ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ شهر وسايو هو ۽ هوءَ منهنجي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ بيتاب رهندي هئي..... آرزو جي محبت کي ڏسي اڪثر ڪو فيصلو نہ ڪري سگهندو هوس، آخر هي ڪهڙو پيار آهي، جنهن ۾ دل تہ ڌڙڪي ٿي، پر درد ناهي، اکيون تہ ڪيس پل پل ڏسڻ لاءِ واجهائن ٿيون، پر مَن منتظر ناهي ...!؟ اها محبت هئي، يا خالي دل جي تانگهہ ..... ان حقيقت کي اڄ تائين نہ سمجهي سگهيو آهيان...!!

”آرزو! وقت وڏو ظالم آهي!“ ڪيس گهٽي وقت کان پوءِ ڏسي ٿڌو ساهہ ڀريو هئم، ”تو شادي ڪرڻ ۾ ڏاڍي تڪڙ ڪئي هئي... قسمت توسان پوءِ به ساٿ نہ ڏنو هو، تنهنجو پوڙهو وَرُ مري توکي اڪيلو ڪري ويو ..... پوءِ به منهنجو توسان ساٿ نہ رهيو .... تو ڏاڍا ڏک ڏٺا .... پوءِ .... پوءِ تون مرشد جي ڦند ۾ ڦاٿينءَ .... اهي سڀ ڳالهيون مونکي ڳوٺ جي دوستن ئي ٻڌايون هيون. دوستن تہ اهو به ٻڌايو هو، تہ تنهنجو پوڙهو مڙس، پنهنجي موت نہ، پر زهر ملڻ سبب....!“

آرزو منهنجي اکين جو محور هئي.

وقت هن جي جوپن کي تبديل نہ ڪري سگهيو هو.

هوءَ اڄ به جوپن سان ٽمٽار هئي.

هن کي ڏسندي، مون کي پراڻو وقت ياد اچڻ لڳو هو، جڏهن مان هن جي پاءُ صاڻو جي شادي تي سندن گهر ويو هوس.

”وشال ... !؟“

”جي ... “

”محبت ڇا آهي؟“

”هڪ درد ۽ وڇوڙي جو نالو ... “

”۽ ٻيو؟“

”آرزو جي هڪ مرڪ محبت جي ابتدا آهي ... “

”۽ انتها؟“

”انتها ـ آرزو جي ٻي جوڙ شادي...!!“

هوءَ لڙڪ نہ روڪي سگهي هئي. سجو ڏينهن هُن پاءُ جا سهرا نہ چيا هئا. بس هر پل مون ڏانهن ڏسندي رهي هئي.

اڄ پڪ ٿي هئي، هوءَ واقعي منهنجي ٻي رُخي جو شڪار ٿي هئي!

رات ٿي، تہ به مان هن جي اجڙيل جواني بابت سوچيندي رهجي ويو هئس، تہ هوءَ مٿان اچي ڪڙڪي هئي.

اڪيلو ڪمرو... هوءَ اڪيلي .... ۽ مان .....!

”توکي خبر آهي تنهنجي ٻي وفائي باوجود مان توسان اڄ به ٻي انتها پيار ڪندي آهيان، پر تو وساري ڇڏيو آهي.“

”اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي ... “

”باقي ڪهڙي ڳالهہ آهي ... ؟“ جذبات ۾ اچي چيو هئائين: ”مان تنهنجون راهون ٿي نهاريان ۽ تون لاپرواهہ ٿي شهر وسايو آهي. ... “

”مون کي اهو ٻڌاءِ پوءِ مان ڇا ڪيان؟“

”مون کي سَڏ ۾ سَڏُ ڏي ... مون سان مون جهڙو پيار ڪر... نہ تہ قيامت تائين نہ بخش ڪندي سانءِ ... مون گهٽا درد سَٺا آهن .... مونکي سهارو ڏي..!“

مان حيران ٿي ويو هوس.

ٻهراڙي جي ڇوڪري ڳالهائڻ سِکي وئي هئي!

پوءِ اوچتو بجلي هلي وئي.

هوءَ منهنجي قريب، صفا قريب تر اچي وئي هئي.

پگهر ۾ شل ٿي مون کي چنبڙڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هئائين ... هن جي جسم جي پگهر ۾ جوانيءَ جي خوشبو محسوس ڪندي به چپ رهيو هوس.

”وشال ... وقت تمام ٿورو آهي ... “ اونداهين ڪمري جي تنهائيءَ ۾ هن جو آواز منهنجي وجود کي ڪنبائڻ لڳو. چيائين: ”مون کي پنهنجي پيار جي نشاني ڏي. ... “

www.sindhsalamat.com

”نِشاني!“ چيو هئم: ”نہ مان تنهنجو ڪالهہ هئس ۽ نہ اڄ.... مون کان نشاني وٺي ڇا ڪندينءَ ... ؟“

”وشال ... ! مان تنهنجي پيار ۾ تمام گهڻو اڳتي نڪري وئي آهيان .... تنهنجو هڪ پاڪر، مون لاءِ وڏي غنميت هوندو.... منهنجا شهزادا! منهنجي ويجهو اچ .... مون سان پيار ڪر..... منهنجي حسرت جو پيرم رک.... مان تو مان نشاني چاهيان ٿي ...!“

”آرزو ... ! هوش ۾ اچ ... “ ڪيس چڙڀ ڏئي چيو هئم. ”پيار جسم جو محتاج نہ هئڻ گهرجي.....“

”آرزو جي آرزو آهي وشال ... “

”مان اهڙو پاپ نہ ٿو ڪري سگهان ... “

”ڇو؟“ چيو هئائين: ”ڇا ايڏو شريف آهين؟“

”شريف هجان يا نہ! پر محبت ۾ پاڪدامني جو حامي آهيان.“

”تون پٿر دل آهين، پٿر دل ...! ۽ شايد نامرد پڻ ...! ورنہ ڪهڙو شريف زادو نڪرائيندو هڙو جسم .....!“

آرزو ڪاوڙ ۾ وڦلڻ لڳي هئي، چيو هئائين: ”اها مون کي خبر آهي، تون ڪنهن سان پيار ڪندو آهين .....“

”ڪنهن سان ڪندو آهيان؟“ حيرت مان ڪانئس پڇيو هئم: ”توکي ڪيئن خبر پئي؟“

”پنهنجي پڦاٽ ماهين سان ...“

”اها بہ تو جيان وٽندي آهي، بس ... “ وراڻيو هئم: ”پيار صرف ڪلپنا سان ڪندو آهيان.“

”ڪلپنا سان!“

”ڪير آهي ڪلپنا؟“

”ڪاليج ۾ ايل ۔ ايل بي جي ٽين سال ۾ پڙهندي آهي.“

”ڇا مون کان وڌيڪ خوبصورت آهي؟“

”هڪ ماڻهو جي ٻي ماڻهو سان پيٽا ڪرڻ جو قائل نہ آهيان!“

”پوءِ تون اڳ ۾ نہ ٻڌايو هو؟“

”ڇا؟“

”تہ تون مون کي پسند نہ ڪندو آهين ...! “

”تون مون کي وڻندي آهين.... مون کي تنهنجي هر درد جو قدر آهي.“

”ڪوڙا ...! دوکيباز ...! اگر توکي منهنجو ٿورو بہ قدر هجي ها تہ منهنجي حسرتن جو قدر ضرور ڪرين ها ...“

آرزو ڪاوڙجي ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي هئي ۽ مان اونداهي ڪمري ۾ پيار جي ان رنگ تي حيرت ۾ اڪيلو سوچيندي رهجي ويو هوس!

اهائي آرزو، گهڻي وقت کان پوءِ منهنجي سامهون هئي. مان هن ڏانهن تڪي رهيو هوس ۽ هوءَ مرشد ڏانهن...!! مون غور سان ڏٺو، مرشد جي اکين ۾ طلسم سمايل هو، هن جون ٻئي چُنجهيون اکيون آرزو جي جوڀن سان سرشار ڇاتي کي گهورڻ ۾ مگن هيون.....!!

”ڪيڏا نہ اٻوجهہ ۽ سادا آهيو ... !“ غيرت پڙڪو کاڌو هو، تيز ڳالهايو هئم: ”مردود مرشد! توهان جي ننگن ۾ نظرون ٿو وجهي ۽ اوهان ڪيس سائين ....مِنا ڪري ٿا پڪاريو، لعنت آهي اوهان جي مٿان ...!“

”تون ڪير ٿيندو آهين، مرشد جي مانَ ۾ گستاخي ڪرڻ وارو ... ؟ نہ ڇڏيندا سين توکي جيئرو ... مرشد جا دشمن!“

مان حيران رهجي ويس.

چند ڳوٺاڻن مون تي حملو ڪري ڏنو هو .... لتون ... مڪون ....

مون کي ڇڏائڻ لاءِ نہ بابي کو ٻاڙو ٻوليو هو، نہ امان!

آرزوءَ بہ قاتل نگاهن سان پئي نهاريو، جيڪڏهن ڪيس موقعو ملي وڃي ها تہ هوءَ بہ مرشد جي حق ۾ منهنجو قتل ڪري وجهي ها، يا ٻيبي زليخان وانگي هوءَ پنهنجو چولو ڦاڙي، يوسف جيان مون کي ڏوهي ٺهرائڻ جي سازش ڪيڏي ها...!

ان رات منهنجي اندر ۾ ڳوٺاڻن جي سادگيءَ تي ڪروڌ ۽ مرشد جو مڪروهہ فعل جون سوچون حاوي رهيون. پاڻ سان پاڻ وڙهندي صبح ٿي ويو.

صبح سان صابو ڊوڙندو آيو هو، چيائين: ”آرزو پڇي وئي ... “

”ڪنهن سان ... ؟“

www.sindhsalamat.com

”مرشد سان ...!“

مون کان ٿهڪ نڪري ويو هو. مون طنزيہ پنهنجن اٻوجهہ ڳوناڻن ڏانهن ڏنو، جن جا ڪنڌ شرم کان جُهڪي ويا هئا...!

ان ڳالهہ کي وڏو وقت گذريو هو.

اڄ وري صابوءَ فون ڪري ان مرشد بابت پڇا ڳاڇا ڪئي هئي!

آرزوءَ ۾ منهنجي ڪابہ دلچسپي نہ رهي هئي... منهنجي دل جي دنيا ۾ ڪلپنا پويتر پيار جا رنگ پري ڇڏيا هئا.... مان شروع کان وٺي محبتن جي حاصلات کان اڳتي. ”اکين ۾ ٿي ويهہ، واري ڇپر ڍڪيان“ جو حامي رهيو آهيان.

”ڪيڏو فرق آهي هڪ پڙهي لکي ۽ اڻ پڙهيل ڇوڪريءَ ۾.“ سوچيم: ”آرزو اڻ پڙهيل.... جاهل.... قاتل..... جسم جي پوڄاري.....!

۽ ڪلپنا پڙهي لِکي.... ديس جو درد رکندڙ ..... ماڻهپي جي ڄاڻو... پيار ۽ احترام جي قابل.....“

منهنجي يادن ۾ آرزو جو ڪوبہ حصو نہ رهيو هو. ڪلپنا جي سونهن، سوڀيا، اخلاقي قدرن ۽ سندس خوش اسلوب خوبين اڳيان پاڻ سنواري ويٺو هوس، اهو ڄاڻيندي بہ هُن ۽ منهنجي‘ وچ ۾ سمنڊ ۽ ساحل‘ جيڏي دوري هئي....

شروعاتي ڏينهن ۾ تہ هوءَ مون کان تمام گهڻو پري رهندي هئي، پر پوءِ جڏهن وقت مون کي ايل ۔ ايل بي ڪرڻ باوجود هڪ وڪيل بجاءِ انساني حقن جو اڳواڻ بنايو ويو هو، تڏهن هن منهنجي هڪ طرفي پيار جي موت ۾ صرف همدردي ڏيکاري هئي.... هوءَ اڄ منهنجي سڀ دوست آهي.... درد کي سمجهندڙ دوست، پر پريمڪا نہ ...! پيار ۾ جسمن جي بک نہ رکڻ گهرجي. پيار تہ لافاني..... اکين جو ڏوءَ ۽ پويترتا جو حصو هجڻ گهرجي.....!!

”وشال ...!“ ڪلپنا جو آواز مون تائين پهتو.

هوءَ پٽ ڏٽي جي نگري ۾ موجود ماڻهن جو هجوم چيريندي مون تائين پهتي:

”اوهان دعا گُهري؟“

”نہ ...“

”ڇو ... ؟“

”منهنجي دعا، هن کي امتحان ۾ وجهي ڇڏيندي ...“

”ڪنهن کي ... ؟“

”جيڪا دل جي پرسان.... اکين جي گهرائي ۾ رهندڙ عجيب ڇوڪري آهي....“

”وساري ڇڏيس!“

www.sindhsalamat.com

”نہ وسرندي ...!“

پوءِ ڪي ساعتون ڪلپنا ۽ منهنجي وچ ۾ خاموشي ڇانئجي وئي هئي. پٽ ڏٽي جي آڳر تي اکين ۾ ڳوڙها نہ لڪي سگهيا!

”پاڻ کي هاڻي هلڻ گهرجي ... “ ڪلپنا خاموشي کي ٽوڙيو هو.

”پر شيخ اياز جي مزار کان بہ ٽيندا سين.“

اسان جا قدم پٽ شاهہ جي هيٺ مٿاهين سوڙهين گهٽين ۾ ڪڇڻ لڳا هئا.... هن سوڙهين گهٽين ۾ موجود دڪاندارن کان ڪجهہ سامان بہ ورتو.... چوڙيون.... مٽي جون مورتيون.... ڪائڻ لاءِ ڊاڪ ۽ توتَ بہ...!!

”ڪلپنا“

”هون“

”پٽ ڏٽيءَ جي روضي تي ڪهڙيون دعائون گهريوئي ...؟ “

”ديس ۾ امن هجي ...! ايڪو هجي.. ۽ ديس تا ابد آباد رهي ...!“

”بس... ؟!“

”سڀ دعائون ٻڌائيبيون آهن ڇا ... ؟“

(.....)

مان چپ رهيس.

”۽ ها هڪ دعا اها بہ گهريم ... “ ڪلپنا مون کي چپ ڏسي ڀيهر ڳالهائڻ لڳي، چيائين ”ڪاش! هو بہ پاڻ سنڀالي وني..... نہ تہ سڄي حياتي دربدر ٿي ويندو.... وکري ويندو، وڻن جي انهن پتن جيان، جيڪي ڇڄڻ کان پوءِ طوفان جي ور چڙهي ويندا آهن، هميشہ نہ ملڻ لاءِ .....!!“

اسان رات جي خاموشي ۾ شيخ اياز جي مزار تائين پهچڻ ۾ وڏو وقت لڳايو.

رات جي انڌيري ۾ شيخ اياز جي مزار جي ڏاڪڻ تي چڙهندي هن مون کي آواز ڏيندي چيو: ”مون کي هٿ جو سهارو ڏي، ڪٿي ٿاڀڙجي نہ پوان!“

ڪلپنا جو نفيس هٿ مون طرف وڌيو ۽ منهنجو هن طرف!

هٿ هٿن سان مليا ۽ هوءَ منهنجي هٿ جي پڪڙ ۾ قابو ٿي وئي.

”اهو سامهون تلاءُ آهي ڇا؟“

”اها آهي ڪراڙ ڍنڍ ...! جنهن ۾ آسمان جي ستارن جو عڪس ماحول کي معطر ڪري رهيو آهي ...!“

آڇا!“ ڪلپنا ڪراڙ ڍنڍ طرف نهار ڪندي ڳالهايو: ”اسان جي ڌرتي، ڪيڏي نہ سندر آهي...!!“

”۽ اسان جا ماڻهو؟“

”مجبور... مفلس... سادا.... ۽ تعليم کان پرانهان، جاگيرداري سسٽم ۾ جڪڙيل.....!!“

اسان شيخ اياز جي مزار تي ڪيترو وقت خاموش ٿي ويهي رهيا سين.

”وقت جي هڪ باغي شاعر جي مزار اڄ بہ آمر قوتن لاءِ للڪار جو مظهر آهي.“

سانت واري ماحول ۾ ڪلپنا جو درد سان ڀريل آواز شيخ اياز جي مزار ۽ ڪراڙ ڍنڍ سان ٽڪرايو:

ڳيو پاڻي ڍُڪ ۾ ٻوڙي جي ڪائي،
پنهنجي اوچي شان کي مور نہ لڄائي.

اوچتو موبائل جي رنگ وڳي.

”وشال ... !“ پريان کان ايندڙ آواز ادا سرتاج جو هو. ”اڄ سڄو ڏينهن تنهنجي موبائل ڇو بند هئي؟“

”چارجنگ نہ هجڻ جي ڪري ... “

”چڱو ڀلا اهو ٻڌاءِ آهين ڪٿي ... ؟“

”پٽ شاهہ تي!“

”ڇو؟“

”حاضري ڀرڻ!“

”چڱو ڇڏ بحث!“ چيائين ”جيجي جي طبيعت خراب آهي، اسان ڳوٺ کان لاڙڪاڻي پيا اچون.“

”اوهہ ...!“

”پر ٻڌ تون بہ جلد موٽڻ جي ڪجان، طبيعت صفا سيريس اٿس.“

”مان هاڻي ئي نڪران ٿو ... “

ادا سرتاج جي ڪال ڪٽجي وئي.

www.sindhsalamat.com

مان ڏاڍو اداس ٿيڻ لڳس.

”چا ٿيو آهي وشال ... ڪنهن جي فون هئي ... خيريت ته آهي نه؟“

”ڪلپنا! جيجي جي طبيعت اچانڪ بگڙي وئي آهي ...!“

”پريشان نه ٿي ... ڏٺي خير ڪندو.“

اسان شيخ اياز جي مزار تان اُتي گاڏي ۾ ويٺا سين.

پٽ شاهه کان لاڙڪاڻي تائين چئن ڪلاڪن جو سفر ڏاڍو بيچينيءَ سان گذريو.

2

ڪلپنا کي سندس گهر تائين ڇڏي چانڊڪا اسپتال آيس. جيجيءَ جي طبيعت ڪجهه بهتر نظر آئي.

”جيجي! ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي آهي.“

ادا سرتاج گهڻو پريشان هو.

”پاڳل آهين چا ... ؟ هروپرو پريشان ڇو ٿو ٿئين ...؟ مون ڊاڪٽرن سان مشورو ڪيو آهي، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو پر هوريان، هوريان.... آخر هن جي پيرسني آهي.... ستر اسي سالن کان وڌيڪ عمر هوندس ...!“

”پوءِ چا ڪرڻو پوندو؟“

”فقط انتظار...! مالڪ خير ڪندو ... ڪمزور جسم ۾ سگهه آهستي آهستي ايندي آهي.“

ٻئين صبح جو جيجيءَ جي طبعيت گهڻو بهتر هئي. مان پرسان واري هوٽل تان ناشتو ڪري، جيئن ئي فارغ ٿيس ته ماهين کي پنهنجي ماءُ پڦي سلميٰ سميت جيجيءَ جي طبعيت پڇڻ لاءِ ايندي ڏٺم.... تقريبن ڇهن مهينن کان پوءِ هن کي ڏٺو هئم.... چا ته حسين جميل ٿي پئي هئي....! هنن اڃان تائين مون کي نه ڏٺو هو، پر منهنجي نظر هنن تي پئجي وئي.

”پُڦي!“

مون زور سان آواز لڳايو.

منهنجي آواز تي ماهين ۽ پڦيءَ ٻنهي يڪدم ٻيهي پوئتي نهاريو.

”اڙي ابا ...!“ پڦي مون کي ڏسندي ئي ڳالهايو: ”امان جي طبيعت هاڻي ڪيئن آهي؟“

”ڪجهه ٺيڪ اٿس...“

مان پُڦيءَ سان خير عافيت ۽ ضروري حال احوال وٺڻ ۾ مصروف ٿي ويس، پر ”ماهين“ غور سان ڏسڻ جي حد ڪري ڇڏي، ڄڻ اکين سان چوندي هجي: ”دل جا پڪا ...! ڪهڙو ديس وسايو اٿئي ... ؟ ڳوٺ کان روپوش ٿي ويو آهين ... ؟ ڪو ڏس نه پتو..... پنهنجن کان پري.... اها به ڪا زندگي آهي ... ؟!“

مان اکيون مٽي ڪري هن ڏانهن ڏٺو.

www.sindhsalamat.com

هن بار بار خماريل نگاهن سان مون ڏانهن پئي تڪيو.

مون کي ماهين سان اکين ملائي ڳالهائڻ جي جرئت نہ ٿي، ڇو تہ هن ڪيترائي مياري سنديس موڪليا هئا:

”وشال! مغرور ڇوڪرو آهي...!!“

”پاڻ کي شهري ٻابو ٿو سمجهي!“

”انساني حقن جو اڳواڻ ٿي ويو آهي، تڏهن من وڏي ويو اٿس!“

هن بيوقوف کي انساني حقن جو اڳواڻ ڪيئن بنايو ويو ۔ پيا ماڻهو نہ مليا هين ڇا؟“

”اجان ڪو وڏو آفيسر نہ ٿيو آهي، نہ تہ ڳوٺ کي تاراج ڪري ...!“

”سڄي زندگي ڳوٺ ۾ رهيو ۽ هاڻي.....“

”رڳو گاڏيءَ ۾ پيو گهمندو وتندو ... “

”مغرور ...! پٿردل ...! رول....!“

۽ پيا ڪيترائي خطاب، ماهين منهنجي نانءُ ڪري ڇڏيا هئا، پر مان ڪيس جواب ۾ چورائي موڪليندو هوس: ”مان جو ئي آهيان، سو ئي آهيان....“

زندگيءَ جي تنها سفر ۾ مون کان ڪوبہ فيصلو نہ ٿي پڳو!

مان ماهين جو ٿيان..... يا ڪلپنا کي پنهنجو ٻڌايان؟

مان مجبور هوس.

منهنجي درد جي مسافت ”هُن“ کان ڀاري هئي...!!

مان پُڇي ۽ ماهين سان گڏجي واردِ ۾ داخل جيجي طرف آيس. جيجي اسان کي ڏسندي ڏاڍو خوش ٿي، چيائين: ”اولاد پوڙهائپ جو وڏو سهارو هوندي آهي.“

” اهڙي صالح اولاد خدا دشمن کي بہ ڏي.“

پُڇيءَ جو اشارو شايد مون طرف هو.

پُڇي سلميٰ جي تعريف ٻڌي ماهين ٻيهر مون طرف ڏسڻ لڳي، جڻ چوڻ لاءِ بيتاب هجي:

”ڏس وشال....! غور سان منهنجي اکين ۾ ڏس....! تنهنجي يادن منهنجي مَن کي ڪيڏو بيچين ڪيو آهي.... ظالم تون آخر ڪهڙي مرض جي دوا آهين، جو منهنجي احساسن کي سمجهين ئي نہ ٿو ... ؟!“

موبائل جي رنگ تي منهنجو ڌيان ماهين کان هٽي ويو.

ڪلپنا جي ڪال هئي.

هڪ لمحي لاءِ ٻاهر نڪري هن جي ڪال اٽينڊ ڪيم:

”تنهنجي جيجي جي عيادت ڪرڻ گهران ٿي.“

”ڀلي اچ، ڪنهن روڪيو اٿئي ڇا؟“

”منهنجي ڪال ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ تون ڪٿي آهين؟“

”اسپتال!“

”مان بہ اسپتال جي گيٽ تي ٻيني آهيان ...“

”اچان ٿو ...“

ٻن چئن منٽن ۾ ڪلپنا سان گڏجي واپس جيجيءَ ڏانهن آيس. ڪلپنا کي مون سان گڏ ايندو ڏسي ماهين جي چهري تي اداسي پکيڙجي وئي هئي .... هن حيران ڪِن نظرن سان ڪڏهن مون طرف تہ ڪڏهن ڪلپنا طرف پئي ڏٺو.

”نمستي!“ ڪلپنا جيجيءَ جي پرسان پهچندي سلام ڪيو.

سڀ حيران ٿي ويا.

”ڀڳوان تنهنجي صحت جو خير ڪري!“

مان بہ حيران ٿيڻ لڳس، ڪلپنا پنهنجن ٻنهي هٿن کي جوڙي احترام مان جيجيءَ جي اڳيان ٻيني.

”مهرباني.... ڏٺي تنهنجي بہ ڀلائي ڪندو ...!“ جيجيءَ جواب ۾ وراڻيو.

ماهين سُرندي منهنجي پرسان اچي ٻيني، آهستي آواز ۾ پڇيائين:

”ڪير آهي؟“

”.....“ مان چُپ!

”ڊاڪٽرياڻي آهي؟“

”نہ!“

”نرس !؟“

”نہ!“

”ٻاقي ڪير آهي؟“

مون کان ٿهڪ نڪري ويو.

www.sindhsalamat.com

هن ڏي غور سان ڏٺم، الائي تہ ڇا پئي محسوس ڪيائين.
ماهين جي پريشان حالت کي پروڙي ورتم.... هن جو ڪٽڪائون رنگ تامٽي هٽي رهيو هو.
"سهٽي آهي نہ!؟"
"ڇا ڇيئہ...؟"
"آهستي ڳالهاءِ!" چيم: "ماهين سندري ڪيئن ٿي لڳئي....؟ خوبصورت آهي يا نہ؟"
"نہ ...!"
ماهين جهڙوڪر سڙي ۽ پڄري رهي هجي!
"ماهين...!"
"هان...! "
"ٻڌاءِ نہ پليز ...!؟ ڇوڪري ڪيئن ٿي لڳئي؟!"
"چُپ ڪر شيطان!" ماهين جو غصو وڌڻ لڳو، چيائين:
پوتي ڪُلهي تي رکيل...! فيشني ڊريس، چشمو پاتل...! ڄڻ انڊيائي فلمن جي اداڪار هجي!"
"ڪلهہ تہ انڊيا کان آئي آهي!"
"ڪلهہ...؟ انڊيا کان؟"
"ها!"
"سچي پچي!؟"
"ٻيو نہ تہ ڪوڙ ٿو ڳالهايان؟"
"اداڪاره آهي؟"
"ها...! "
"ڪهڙي؟"
"سچاڻ...!"
"ڪترينا ڪيف...؟"
"نہ...! "
"جوهي چاولا...؟ "
"نہ...! "

"پريانڪا چوپڙا...؟"
"نہ...! "
"ايشوريا راءِ...!؟"
"نہ...! "
"ڪرشما ڪپور...؟ "
"نہ.....!!"
"باقي ڪير آ .... تنهنجي دوست آهي؟"
"ها."
پوءِ نالو بہ تون ٻڌاءِ؟"
"ڪلپنا ديوي!"
"سِري ديوي جي ڀيڻ آهي ڇا؟"
"ها...! "
"ننڍي يا وڏي؟"
"ننڍي!"
منهنجي سوچ ۾ مذاق ڪرڻ جي صلاحيت تيزي سان اڀرڻ لڳي.
"اوهہ....! وڏي سمارٽ آهي" چيائين: "وشال! هيءَ سنڌي بہ ڳالهائيندي آهي؟"
"اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي .... پاڪستان کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جو انڊيا ۾ قدر آهي ...!"
"سو وري ڪيئن؟"
"انڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو مليل آهي!"
"پر ٻڌ!" ماهين ڳالهين جو رخ تبديل ڪرڻ لڳي، چيائين "ڪلپنا ديوي جي شادي ٿيل آهي؟"
" پاڻ کان پڇيس."
اسان جي آهستہ گفتگو تي ڪلپنا جيجي سان حال احوال ڪندي اچانڪ اسان طرف وڌي آئي، چيائين: "ڪهڙيون ٿا ساز شون ستيو؟"
"ڪلپنا هيءَ آهي منهنجي پڻات ماهين- پيءُ ماءُ جي اڪيلي ۽ لاڏلي...."
ڪلپنا سان مخاطب ٿيڻ کانپوءِ مرڪندي ماهين سان مخاطب ٿيس: "ماهين

www.sindhsalamat.com

هيءَ ڪلپنا۔ منهنجي تنظيمي سفر جي ساٿياڻي، لاڙڪاڻي ۾ ئي پنهنجي پتا مهان شاعر پرڪاش سان رهي ٿي!!“

”ڪيئن آهيو؟“

”بلڪل ٺيڪ“

”ماهين۔ ڏاڍو سنو نالو آهي“

”ماهين ۽ ڪلپنا جي گفتگو ڪندي اچانڪ جيجي جو آواز گونجيو.

”ماهي!“

”جي ناني امان!“

”هيڏي اچ ...“

”ها.“

جيجي جي حڪم تي عمل ڪندي هوءَ تيز قدم ڪڍندي جيجي تائين پهتي.

”ماهي!“ جيجي ماهين جي هٿ کي پڪڙيندي چيو: ”مان تنهنجي هٿن تي ميندي ڏسڻ چاهيان ٿي.“

”هو جمالو!“ مان جهمر هڻڻ واري انداز سان ٻهڪي پيو هئس. سوچيم: ”چُٽي جِندُ ڇوڪَرِ جي...!!“

مان مرڪندو جيجي ڏانهن ڏسندو رهيس.

ماهين شرمائجي وئي!

”وِشا....“

جيجي جو آواز مون تائين پهتو.

هوءَ مون کي ننڍپڻ کان ”وِشا“ جي نانءَ سان پڪاريندي آهي!

”جي جيجي!“

”تون ٻه هيڏي اچ!“

دل ٻڌڻ ۽ ترڻ واري مرحلي مان گذرڻ لڳي.

وڃڙندڙ قدمن سان جيجي جي پرسان آيس.

” مالڪ خير ڪجانءِ! “ ڏڙڪندڙ دل سان ٻاڏايم: ”ڪٿي مان تماشي جو شڪار ته نه ٿيندس ....“

”منهنجي دل جي اميد آهي، ماهي ۽ وشا جي جوڙي...!“

مان جڻ پنڊ پُهڻ ٿيڻ لڳس!

هڪ طرف ڪلپنا هئي ته ٻئي طرف ماهين!

عجيب اتفاق هو، ٻئي منهنجون هيون، پر مان ڪنهن جو به نه هوس...!

ڪلپنا منهنجي درد جي دوا کان باخبر هوندي به بي خبر هئي ۽ ماهين جو وري مون ٿيڻ نه ٻئي چاهيو!

مان جهڙوڪر الجهن ۾ ڦاسي ويو هجان...! ماهين مون ڏي ٻئي ڏنو ۽ مان ڪلپنا ڏانهن...!!

”وِشا!“ جيجي جو آواز ٻيهر گونجيو: ”هيڏي وڏي اچ .... ماهين جي سامهون!“

”نه جيجي نه!“

مان پنهنجو هٿ جيجي ڏانهن وڌائڻ بجاءِ ٻاهر ڊوڙ پاتي.

ڪجهه دير کان پوءِ ماهين ۽ ڪلپنا کي پنهنجي طرف ايندي ڏٺم ، هو وڏي اچي منهنجي پرسان ڇپر تي ويهي رهيون.

منهنجو ڪنڌ جهڪيل هو.

ماهين ۽ ڪلپنا هڪ ٻئي ڏانهن تڪيندیون رهيون.

”ماهين جهڙي خوبصورت ۽ خوب سيرت ڇوڪري توکي وري نه ملندي... توکي پنهنجي جيجي جي فيصلي تي سنجيدگي سان سوچ .... سُٽن رشتن جو قدر ڪرڻ گهرجي...!!“

”منهنجو وجود ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل هوندي به اُن سوچ جو حامي آهي، ته ڪنهن کي دوکو نه ڏجي.... مان انساني حقن جو ترجمان آهيان، پيار هڪ سان ۽ شادي ٻي سان.... اها ويساهه گهاتي مون کان نه پڇندي ڪلپنا...!!“

”وشال، تون ڪنهن سان محبت ڪندو آهين .... ڪير آهي، اها، جنهن جي محبت توکي پنهنجن کان پري ڪري ڇڏيو آهي....؟!“

”جنهن سان محبت هجي، ان کي خبر نه هجي.... جنهن کي، پنهنجي زندگي جي آخري اميد ڀائنجي ۽ اها اجا به ڏور وڃڻ جي سانباهن ۾ هجي.... جنهن کي ڏسندي دل ڏڙڪڻ لڳي ۽ ان کي فلڪ به نه هجي..... ٻڌاءِ پيار جي ان راهه ۾ ، ”اُن“ جو نالو ڪٿي، هن مٿان آگريون ڪڻايان يا پنهنجي مٿان ماڻهو ڪلايان.....؟ ٻڌاءِ ڪلپنا...!؟“

www.sindhsalamat.com

”وشال توکي غلط فهمي تہ ناهي ٿي؟“

”جتي پيار ٿيندو آهي، جتي اکيون ملنديون آهن ۽ جتي دليون تيز ڌڙڪنديون آهن، اُتي ڪابہ غلط فهمي جنم نہ وٺندي آهي!“

”مان توکان پڇڻ گهران ٿي، آخر اُن ڇوڪري جو نانءُ وٺندي تنهنجا چَپ خشڪ ڇو ٿا ٿين؟“ ايترو چوندي ماهين جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، چيائين ”هي وقت اٿئي، منهنجو قدر ڪر.... مون کي سڃاڻ...! مون تنهنجي سهاري جي تلاش ۾ ڏاڍو پوڳيو آهي.... بابي جي دڙڪن ۽ امان جي مهڻن بيزار ڪري وڌو آهي..... زندگي هڪ پيرو ملندي آهي ۽ اها هڪ پيرو مليل زندگي مان توسان گڏ گذارڻ چاهيان ٿي..... مون کي جدا نہ ڪر وشال...!“

”مون وٽ سگهارن لفظن جو اظهار تہ ڪونهي.... پر منهنجي ڳالهہ کي سمجهو.... مان ڏاڍو مجبور آهيان.... هوءَ منهنجي پهرين ۽ آخري منزل آهي.... مون حياتي جي نٿهڻ اُس ۾ حياتيءَ جو هر پل هن جي انتظار ۾ ڪٽيو آهي.... مان هن کي پنهنجو بنائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندس ماهين ...!“

منهنجي اکين جا بند پڇي پيا.

چيم: ”مان ڏاڍو ڪمزور آهيان .... ڏاڍو ڪمزور ماهين...! منهنجي زندگي جا رنگ ڏاڍا ڪچا آهن، مون کي پنهنجي غلاميءَ جي ڏيڻ ۾ قيد نہ ڪر.... مان آزاد پنڇي آهيان، منهنجا پرَ نہ پَٽِ، مان گهٽو اڳتي اڏري وڃڻ چاهيان ٿو، سمنڊ جي هُن پارِ جون سرحدون اڪرڻ منهنجو عشق آهي.... “

”واهہ! محبت هجي تہ اهڙي...!“ ماهين شايد منهنجي پيار جي گهرائي تائين پهچي وئي هئي. چيائين:”اڄ کان پوءِ منهنجي طرفان تنهنجون سڀ رڪاوٽون ختم .... پر جڏهن بہ لاحاصل محبتن جي ڇولين ۾ پاڻ کي ٻڏندو محسوس ڪرين، تڏهن منهنجا دروازا تولاءِ کليل هوندا... مون ڏي موٽي اچجان....“

منهنجي ديوانگيءَ تي ماهين پاڻ قربان ڪري ڇڏيو.

ڪلپنا حيران ٿي وئي.

جهٽ رکي ماهين اٿي هلي وئي ۽ مان ڪلپنا جي مُک تي پکڙيل معصوميت کي پڙهندي رهجي ويس. جڻ ڪيس چوندو هجان ”مون کي ڪنهن جي سهاري تي ٿي ڇڏين ڪلپنا...! مان جيون جو هڪ پل بہ تو سوا نہ ٿو

گذاري سگهان..... تون آهين تہ مان آهيان.... تو سوا مان بن بن پتڪيل مسافر .... نہ منزل جي جاڻ ۽ نہ ئي زندگي جو فڪر....!“

تصورن جي اڏام کان ٿڪجي ڪلپنا ڏانهن نهاريم.

هوءَ گهري سوچ ۾ هئي.

ڪلپنا جي چهري کان نظرون مٽائيندي، اچانڪ منهنجي نظر هاسپيٽل جي ايمرجنسي وارڊ ٻاهران هجوم جي شڪل اختيار ڪري ٻيهندڙ ماڻهن تي پئي:

”ڇا ماجرا آهي؟“

”شايد ڪو ماڻهو گذاري ويو هوندو!“

ماڻهن جي شور ۾ اضافو اچڻ لڳو.

نيڪ اُن سَمي ادا سرتاج کي بہ پاڻ ڏانهن تڪڙو تڪڙو ايندي ڏٺم.

”ڪلپنا....؟“

”هون!“

”ادا سرتاج ڊوڙندو ٿو اچي؟“

”خدا جيجي ڏانهن خير ڪري!

ادا سرتاج ڊوڙندو اسان تائين پهتو، چيائين: ”هڪ مريض جي طبيعت تمام گهٽي سيريس ٿي وئي آهي، شايد مشڪل.....“

”خراب وائي نہ ٻول سرتاج...! خدا سَٽائي ڪندو.“ چيم: ”پر تون گاڏي مان ڪئمرا ڪٽي سگهو موتُ .....!!“

”آءٌ اِجهو آيس.“

ڪلپنا ۽ مان اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ٻاهران هجوم ڪري ٻيٺل مريض جي وارثن تائين پهتاسين تہ سرتاج بہ ڪئميرا ڪٽي واپس پهچي ويو.

”ڇا مسئلو آهي؟“

”اسان سان ظلم ٿي رهيو آهي.... اسان غريب ۽ بي سهارا، ڊاڪٽرن جي لاپرواهي سبب پريشان آهيون.“

”اوهان جو نالو؟“

”توڪل علي!“

www.sindhsalamat.com

”۽ تنهنجو نالو؟“
”سبحان خاتون“
”ڪٿان آيا آهيو؟“
”بلوچستان ڪان“
”رهائش ڪهڙي شهر ۾ آهي؟“
”قلات!“
”اوهان جي مريض جو نالو؟“
”سومر خان!“
”مريض سان رشتو؟“
”ڀاءُ آهي !“
”۽ اوهان جو ؟“
”پُٽ ..!“
”اوهان جي مريض کي داخل ٿيندي گهڻو وقت ٿيو آهي؟“
”هڪ هفتو .... هڪ ڏينهن!“
”مريض کي ڇا ٿيو آهي؟“
”گوليون لڳيون اٿس...“
”اڄ آپريشن ٿيڻو هو، پر ڊاڪٽرن جي اوچتو هڙتال....“
”ايم. ايس ڪير آهي...؟“
”خبر ناهي.....!!“
ڪلپنا ڊوڙندي ايمرجنسي وارڊ ڀرسان موجود رسيپشن طرف وڃي جلد ئي واپس موٽي آئي، هن جي هٿ ۾ اسپتال جي ايم ايس جو نالو ۽ رابطي جو نمبر هو.
”هيلو!“
”ڊاڪٽر موسيٰ ....؟“
”جي ها ....“
”وشال ٿو ڳالهايان، انساني حقن جي تنظيم جو اڳواڻ...“ چيم: ”اسان جي ٽيم توهان جي اسپتال جي وزٽ تي پهتل آهي.“
”پوءِ اسان لاءِ ڪوئي حڪم ؟“

”توهان ۽ توهان جي سيني ڊاڪٽرن سان اهم ميٽنگ ڪرڻي آهي.“
”اهو ناممڪن آهي وشال صاحب!“
”پر ڇو ڊاڪٽر صاحب ؟“
”اسپتال جي سيني ڊاڪٽرن اڄ بائيڪاٽ ڪيو آهي؟“
”بائيڪاٽ جو سبب؟“
”مطالبن جي مڃتا...!“
”ڏسو نہ موسيٰ صاحب!“ منهنجو آواز ڳرو ٿيڻ لڳو: ”ڇا اوهان ڊاڪٽرن کي پاڻ بائيڪاٽ ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي؟“
”هرگز نہ!“
”ڇا اوهان جا ڊاڪٽر احتجاجن واري ڏينهن جي پگهار نہ ڪٽندا؟“
”ڪٽندا!“
”اهو تہ نسورو ناحق آهي.... احتجاج بہ ... پگهار بہ ... ۽ مريض بہ بي موت مرن ...!!!“
”اوهان جي سوچ ڪنهن حد تائين درست آهي، پر اسان جي مجبوري بہ آهي!“
” اوهان پنهنجو پاور ڏيکاريو ڊاڪٽر صاحب!“
”وشال صاحب اوهان ڄاڻو ٿا تہ اسان کي ڪيترا اختيار آهن؟“
”ڊاڪٽر موسيٰ پنهنجي ٻيوسي پاڻ وٽ رکو..“ چيم: ”ڪجهہ مريض سيريس ڪنڊيشن ۾ آهن، اوهان کي متبادل بندوبست ڪرڻو ئي پوندو ...“
”ڏاڍو مشڪل ٿو لڳي...“
”توهان جي ٿوري غفلت وڏو ممڻ مچائي سگهي ٿي.... اوهان جي غير ذميواري، اوهان کي وڏو نقصان ڏئي سگهي ٿي..... اسان جي پهرين رپورٽ سي . ايم صاحب کي هوندي.... ٻي رپورٽ اقوام متحده کي ۽ جڏهن تہ ٽين رپورٽ صحت جي عالمي ادارن کي.....!!“
”اوهان ڇاڻا چوڻ گهرو...؟“
”اوهان ڪجهہ پرائيويٽ يا واسطيدار ڊاڪٽرن کي وٺي اسپتال پهچو؟“
”اهو ٺيڪ رهندو!“ ڊاڪٽر موسيٰ اطمينان بخش لهجو اختيار ڪيو ”پر وِشال صاحب اسان کي ٿورو وقت لڳي ويندو...!!“

www.sindhsalamat.com

”گهڻو وقت؟“

”اڌ مُنو ڪلاڪ...“

”نيڪ آهي، مريضن سان گڏ اسان بہ اوهان جي انتظار ۾ ويٺا آهيون....“

سموري اسپتال ۾ ”چَلي جا رهي هي، خدا ڪي سهاري“ واري روئيداد هئي...! ڊاڪٽر گم...! بجلي اٽلي...! ۽ بدنظمي جي انتها...!

انساني حقن جي لتاڙ جو چٽو ثبوت هئي.

شايد ويهہ پنجويهہ منٽ مَس گذريا هوندا جو ڊاڪٽر موسيٰ کي پنجن ڇهن ڊاڪٽرن سان گڏجي ايندي ڏٺم.

”ڊاڪٽر موسيٰ صاحب مطالبا جائز هجن يا ناجائز، پر مطالبن جي مڃتا لاءِ ڊاڪٽرن کي پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي نہ ڪرڻ گهرجي...“

ڪلپنا جي سمجهائڻ ۾ اثر هو.

ڊاڪٽرن خاموشيءَ ۾ ڀلائي سمجهي.

”ڊاڪٽر موسيٰ صاحب، ڊاڪٽر مسيحا هوندا آهن...“ منهنجي آواز بہ ڪلپنا سان ساٿ ڏنو، چيم: ”سڄي دنيا ۾ ڊاڪٽرن جي اهڙي بيحسيءَ واري طرز عمل جو احتجاج اسان ناهي ڏنو..... اوهان پنهنجي ادارن کي پاڻ تباهہ ڪري رهيا آهيو.... ڊاڪٽرن جو ڪم علاج ڪرڻ هوندو آهي، نہ ڪي مريضن جي حياتين سان کيڏڻ ...!؟“

”ڊاڪٽرن جي يونين آڏو اسان بي وس آهيون...!“ ڊاڪٽر موسيٰ مٿان جهڙوڪر ڪوئي خوف سوار هو.

”ڊاڪٽر صاحب!“ ڪلپنا ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو

”اسان نہ ٿا چاهيون تہ پنهنجي ديس جي بدنامي عالمي سطح تي ٿي، پر اوهان هن ڏٽڙيل قوم جي افسوسناڪ حال تي رحم ڪائو...! قوم کي هٿرادو بحرانن جي ور نہ چاڙهيو... سڄي دنيا ترقي جي رازن کي ڄاڻيندي چنڊ تي قدم رکڻ شروع ڪيا آهن ۽ اسان پنهنجي ديس ڄاڻن کي، ايڊز... پوليو... ٽي بي... ۽ هيپاٽائيٽس بي ـ سي وغيره کان پاڪ ۽ محفوظ نہ رکي سگهيا آهيون... دنيا الائي ڪٿي وڃي پڳي آهي ۽ اسان وٽ رڪارڊ ڪرپشن، منشيات جو عام وڪرو ۽ انساني اسمگلنگ جو ڪاروبار پيو هلي.....!!“

”اوهان بلڪل نيڪ ٿا چئو مئڊم...!“ ڊاڪٽر موسيٰ ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”اوهان جهڙا ذميوار فرد ئي قومن جا گائيڊر هوندا آهن ..“

”اسان چاهيون ٿا تہ ادارن جا سربراهہ پنهنجي پنهنجي ادارن ۾ ذميواري جو مظاهرو ڪري تباهہ حالي جو شڪار ٿيل ادارن کي بچائين...! نيٺ صبح ضرور ٿيڻو آهي.... جيڪر ان تبديلي جو آغاز هاڻي کان ٿيڻ گهرجي.... اسان دنيا جي آڏو ايٽمي طاقت جو اعتراف تہ فخر سان ڳاٽُ اوچو ڪري ڪيون ٿا، پر سچ اهو آهي تہ اسان جو هر ٻيو ماڻهو پيٽ گذر لاءِ پريشان آهي ... هڪ ماڻهو، ٻي ماڻهو کان وات جو گرهہ پيو کسي... ڪنهن بہ اداري جو تقدس نہ رهيو آهي.... ڀڄ ڊاهہ.... قتل و غارت..... معصوم ٻارڙن سان زيادتن جو وڌندڙ سلسلو ناسور بنجي ويو آهي... هيءَ دهشتگردي .... انتها پسندي... ۽ مذهبي جنونيت پنهنجين ئي غلطين جو ردعمل آهن، پر هتان جو صحت بخش اسپتالون اتان جي بيمار سماج کي صحتمند ماحول ڏئي سگهن ٿيون...! اسان اوهان مان پر اميد ڪردار ادا ڪرڻ جي توقع رکون ٿا!“

”وشال صاحب! اوهان جي مهرباني، اوهان اسان جي سُتل ضمير کي جهنجهوڙي جاڳايو. اسان ٻيهر پنهنجي پاران ڀرپور ڪوشش ڪنداسين تہ اڄ کان پوءِ اهڙي ڪابہ ڪوتاهي اسان جي فرض اڳيان نہ اچي.“

www.sindhsalamat.com

3

اسان کي ايندڙ هفتي انساني حقن جي عالمي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ مصر وڃڻ جون تياريون ڪرڻيون هيون، پر ان حوالي سان ڪلپنا ڏاڍو مونجهاري جو شڪار هئي، چيائين: ”بابو سائين ناراض آهي؟“

”ڇو ناراض آهي؟“

”چوي ٿو، اسان پاڻ غلام... هليا آهيون دنيا جي امن ۽ استحڪام جي بحالي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ...!

مان منجهي پيس.

ڪيڏان ته ڪهڙو؟

اهو سوچ ۾ به نه هو ته ڪلپنا جي انساني حقن واري سفر ۾، سندس پِتا ”پرڪاش“ رڪاوٽ بڻبو...! وقت جو هڪ سگهارو مزاحمتي شاعر، مظلومن جي داد رَسي ۾ ڇالئه آرهو هو ....؟! ڪٿي هُو پنهنجي ديس ۾ ٿيندڙ ڪارواين سبب دل شڪسته ته نه ٿيو هو.... پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ سڄي حياتي جدوجهد ڪندڙ شاعر کي ته حياتيءَ جي آخري حصي ۾ پوڙهو شينهن هجڻ گهرجي ها ..... پوءِ هي ڊِڄُ ڊاءُ ڇا جو ...؟!

ڳالهه سمجهه کان گهٽو مٿي پانيم ته شام ٿيڻ کان اڳ ڪلپنا سان گڏجي سندس گهر هليو ويس. ڪاڪو پرڪاش ڊائري تي ڪجهه لکڻ ۾ مصروف نظر آيو.

”آداب بابا...“

”وشال پُت! تون.....؟ ڪڏهن آئين...؟“

”هاڻي ئي...!“ چيم: ”هيڪر سوچيم، ته اوهان لکي رهيا آهيو، اوهان کي ڊسترب نه ڪيان... پر.... پر پوءِ سوچيم، گهٽي وقت کان اوهان سان نه مليو آهيان، روبرو ڪجهه ڳالهه ٻولهه ڪري وٺجي!“

”جي آئين! ڀلي آئين...!!“

ڪلپنا جي گهر کي ٿيون دفعو ڏسڻ جو موقعو مليو هو. هن جو گهر ٻن ڪمرن ۽ ٿوري آڳنڌ تي مشتمل هو. آڳنڌ جي هڪ پاسي کان خوبصورت گل ۽ ٻوٽا پوکيل هئا ۽ ٻي پاسي کان ٿوري ڇپر ، جنهن جي پريان مانجهاندڙي

قطار ۾ پوکيل هئي، ان جي ڇانوَ ۾ ڇپر تي ويهي هو اڪثر پنهنجي ديس جا درد ڊائري تي شاعريءَ جي روپ ۾ تحرير ڪندي نظر ايندو آهي.

”بابا ڇا ٿا لکو؟“

”نظم...“

”نظم.... ڇا تي پيا لکو؟“

”ڇوڪريءَ تي!“ چيائين ”مگر منفرد آهي....“

”پوءِ ته رومانٽڪ هوندو. ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي مُرڪ به هوندي...!!“

”مرڪ نَه درد...!“

” درد؟“

”ها...“

”پوءِ ٻڌايو ني ... “

”هاءِ...! هاءِ...!“ چيائين: ”سنڌ جي هڪ اهڙي ناري جي سچي ڪٿا آهي، جنهن ۾ هُن جو بي رحم ڀاءُ ڪيس بيدرد ٿي مارڻ چاهي ٿو!“

”ارشاد .... ارشاد...!!“

”ڀاءُ منهنجا!
جيڪڏهن بابو هُجي ها .
تون ٻهانا کوڙ ناهي،
مون کي ڪا ڏوهي نه ڏين ها...!!
ڀاءُ منهنجا!
جيڪڏهن بابو هجي ها،
تون نڙيءَ تي زور ڏيئي
دٻدٻو _ دهشت پکيڙي
گهاءُ ڪو گهرو نه ڏين ها!
بيگناهه ڪاري نه چئين ها...!!

”واهه زبردست...!!“

”بس ڪري ٻڌ!“ ڪاڪي پرڪاش مون کي خاموش ڪرائي وڌيڪ شاعري ٻڌڻ لاءِ چيو:

”ڀاءُ منهنجا!

www.sindhsalamat.com

سوچ ٿورو، ڇا ٿيو ٿي؟
غيرتون ڪاڏي ڪيون ٿي؟
ڇو انائن جي رکي بُک،
۽ اندر ۾ حِرَص پالي،
ساز شون ڪيڏيون ڪيون ٿي...!!
ڀاءُ منهنجا!
جيڪڏهن تنهنجي اڱڻ تي
منهنجي لئہ سايو نہ آهي،
آءُ ناري بيگناهين.
منهنجو ڪو رايو نہ آهي."

"واهہ. واهہ...!!"

مان سندس نظم تي داد ڏيڻ کان رهي نہ سگهيس، چيم: "سنڌ جي مظلوم عورت جي درد ڪٿا جو ڇا تہ شاندار اظهار آهي."

"پهريان غور سان ٻڌ ، واهہ واهہ پوءِ ڪر !" ڪاڪي پرڪاش جو آواز گونجيو.

"جي .... جي ٻڌايو..." چيم: "مان دل سان ٻڌان پيو!"

"ڀاءُ منهنجا!
دير ڇا جي؟ کڻ ڪهاڙي؟
ٿيءُ خوني! مار مون کي ...!!
ڀاءُ منهنجا...!
جيڪڏهن بابو هجي ها،
ڀيڻ جو قاتل نہ ٿين ها...!!"

ڪاڪي پرڪاش هاڻي دادُ واري نگاهہ سان ڏٺو.

"واهہ غضب جي شاعري آهي..." چيم: "سنڌ جون نياڻيون، جن ڪات ڪهاڙن جي غليظ رواجن جي پنجوڙن ۾ حياتيون وڃائن پيون، تن المناڪ سانحن جي عڪاسي ڪندي اوهان جَسُ لهڻو!"

"تون ڇو چپ آهين؟" ڪاڪي پرڪاش جو رخ ڪلپنا طرف ٿي ويو، کيس اداس ۽ خاموش ڏسي چيائين: "توکي منهنجي شاعري نہ وڻي ڇا؟"

"نہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي!" ڪلپنا جو آواز ڏکويل هو.

"تہ پوءِ ايتري گهري خاموشي جو ڇا مطلب ....؟"

"بَس ....!"

"ڇا بسَِ ....؟" ڪاڪي پرڪاش جو آواز سخت ٿيڻ لڳو: "تون اسان کي ٻُڌائڻ ۾ دير ڪري پريشان ڇو ٿي ڪرين آخر؟"

ڪلپنا ٻاڙو نہ ٻوليو...! چپ.... ڄڻ گونگي ڇوڪري هجي!

"بابا....!" ڪلپنا جي خاموشي مون کان برداشت نہ ٿي، چيم: "اسين مزاحمت جي مٽيءَ مان جنم ورتل وجود آهيون. اسان سڄي دنيا جي امن لاءِ خدمتون سرانجام ڏيڻ چاهيون ٿا....."

"سمجهي ويس...!" چيائين: "ڪلپنا کي مصر ۾ ٿيندڙ انساني حقن جي عالمي سيمينار ۾ وڃڻ جي اجازت گهرجي نہ...!!"

"جي ها..."

"اهو ناممڪن آهي.....!!"

چپ ٿي ويس، ڪي ساعتون، ڪي لمحا ماٺ وٺي ويم...!

"وشال...؟" ڪاڪي پرڪاش گهڻي خاموشي کان پوءِ ڳالهايو.

"جي بابا...!"

"تون انصاف ڪر...! فيصلو تنهنجي هٿ ۾ آهي... هن کي هر حال ۾ مصر وڃڻ جي اجازت گهرجي..... هوءَ هن مهيني مصر جي وزٽ تي ويندي، ٻي مهيني شام.... ٽين مهيني بيلجيم.... چوٿين مهيني نيويارڪ.... پنجين مهيني وري ڪنهن ٻئي ملڪ..... انساني حقن وارا سڄي دنيا ۾ ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي پيا سيمينار ۽ پروگرام ڪرائيندا رهندا ۽ مان پنهنجي جوان ڌيءَ دربدر ٿيندي ڏسان ڇا...!"

مان چپ رهيس .... ڳالهايان بہ ها تہ ڇا؟

"هڪ پيءُ کي جڏهن اولاد ئي هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ هجي.... پُٽ جلاوَطن ۽ اکين کان ڪوهين ڏور...! هڪ ڌيءَ، سا بہ پنهنجي پوڙهي پيءُ کان مهيني ٻي ڏور هلي وڃي.... اهو ڀاري درد هاڻي مون کان برداشت نہ ٿو ٿئي!"

www.sindhsalamat.com

”سچ ٿا چئو بابا، پر.....“

”پَر پر ڪجھ بہ نہ پت...! تنهائي وڏو عذاب آهي!“

”بابا...! هن پيري مون کي نہ روڪيو.... دنيا جي سيني مظلومن قومن جي اهم گڏجاڻي آهي.... پوءِ جيڪو توهان جو حڪم هوندو.... ڪيڏانهن نہ ويندس....“ گهٽي خاموشيءَ کان پوءِ ڪلپنا ڳالهايو.

”مصر جي سيمينار کان پوءِ توکي هر صورت ۾ شادي بہ ڪرڻي پوندي ڪلپنا...! اهو منهنجو شرط آهي ...!!“

”آءٌ شادي بہ ڪنديس بابا...!“

”هڪ پيءُ جو هڪ ڌيءَ سان واعدو؟“

”پڪو واعدو...!“

ڪاڪي پرڪاش جو اداس چهرو ٻهڪڻ لڳو ۽ منهنجي چهري تي ڄڻ رات جا ٻارنهن وڄندا هجن...! ائين ڀانيم، ڄڻ هن جي جدائي جا ڏينهن ويجهو آيا هجن ۽ مان هُن جي يادن جي درد ۾ پاڻ وڃائيندو هجان...! هونئن بہ مرد، جنهن عورت سان بي پناهہ محبت ڪرڻ لڳندو آهي، ان جي حاصلات جي اميد تائين تہ ڏاڍو پُراميد هوندو آهي، پر جڏهن لاحاصلات جي ليڪ جو بنياد پوڻ لڳندو آهي، تڏهن خوف ۾ اچي پنهنجون وايون بتال ڪري ويهندو آهي.... حقيقتن کان خبردار هوندي بہ بي خبر هوندو آهي.... اهڙو ئي قِصو ڪلپنا ۽ منهنجو بہ هو.... هڪ هندو ڇوڪريءَ ۽ مسلم نوجوان جي شادي، گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ تہ مشڪل هئي.... پوءِ بہ نہ ڄاڻ تہ ڇو منهنجي مَن ۾ هن لاءِ محبت ويئي ٿي وڌندي.....

4

شام جو جيجيءَ کي اسپتال مان موڪل ملڻي هئي ۽ مون کي شام ٿيڻ جو شدت سان انتظار هو. جڏهن شام ٿي تہ جيجي ضد ٻڌي ٻيني، چيائين: ”وِشا کي بہ مون سان گڏ ڳوٺ هلڻو پوندو...!“

جيتوڻيڪ وڏي عرصي کان ڳوٺ نہ وڃڻ ڪري اڪثر مٿن مائٽن ۽ ننڍپڻ جي دوستن جا ڏورا پا بہ سُجهنِ پيا، پر ان باوجود بہ ڳوٺ وڃڻ جو سوچي مَنُ ٻُڌي رهيو هو، جنهن جو ظاهري تہ ڪوبہ سبب نہ هو، پر مان سمجهيم پئي، شهر ۾ آوارگي سان زندگي گذارڻ جو مزو پنهنجو ۽ منفرد هوندو آهي.... نہ روڪ نہ ٽوڪ...! ۽ نہ ئي ڪنهن جي حڪم مڙهيل زندگي گذارڻ جو اونو...! پنهنجي زندگي پنهنجي مرضي...! مگر ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي اختيار جون واڳون پين هٿن ۾ بہ اچي ويندیون آهن، جيئن اڄ جيجيءَ جي اصرار مون کي ڳوٺ جي ڳليون واپس ڏسڻ تي مجبور ڪيو آهي!

ڳوٺ پهتس تہ بابو، امان، سئوت، پڦات ۽ ڪجهہ پيا ڳوناٽا ڏاڍو خوش نظر آيا، چيائون: ”پلي ماڻهو ڪيڏو بہ وڏو ڇو نہ ٿي وڃين، پر پنهنجن کي نہ وساري!“

”ڳوٺن ۾ ڇا رکيو آهي...؟!“ چيم: ”نہ امن...! نہ روزگار جا ذريعا...! سڀ پريشان..... ڪنهن کي آجهو ڪونهي تہ، ڪنهن کي تن تي ڍڪڻ لاءِ سُٺو ڪپڙو نہ ...! اها آهي ٻهراڙين جي زندگي .....!!“

”السلام عليڪم ...“

”وعليڪم سلام ...“ اچانڪ آواز تي پري ڪچهري جون نگاهون سامهون ايندڙ طرف ڪڍي ويون.

”اڙي سؤٽ دودا تون!“ هن جي ويجهو ايندي ئي ڪيس هڪل ڪيم ”ڪٿي هئين....؟“

”بس سؤٽ!“ ٿڌو ساهہ ڪڍي ويس، چيائين: ”تون ڳوٺ ۾ رهين تہ خبر پوئي، اسان ڪيترين تڪليفن ۾ گذاري رهيا آهيون.....!!“

”خير تہ آهي ... وري ڇا ٿيو؟“

www.sindhsalamat.com

”پڙهيو لکيو هوندي بہ نوڪري نہ ملي تہ زندگي گذارڻ لاءِ هارپي کي ترجيع ڏنم.... پر ساڳيا درد زندگي جو حصو رهيا آهن... ڪڏهن ٻوڏ تہ ڪڏهن سوڪ ... فصل ٻڏيو يا سڪيو وڃن.... ويتر روز بہ روز قرضي....“ دودو ايترو چوندي مون طرف وڏي آيو، پاڪر ۾ پرڻ جي ڪوشش ڪئي مانس تہ رڙ ڪري چيائين: ”پاڪر نہ پائجان؟“

”ڇو؟“

”ڪٽڪ جو ٿريشر هٽائي ٻاهران ٿو اچان، سارو جسم ڪُتِ ۽ متي ۾ پريل آهي.“

”خير آ يار ... اچ وڏي، پاءِ پاڪر...!!“

”نہ ادا پاڪُر نہ...! بوجاري ڪٽڪ جي سوئن منهنجي جسم کي هَڇارو ڪري ڇڏيو آهي... ڪَنهي ڪَنهي بُت ئي رهڙي ڇڏيو اٿم...“

”پوءِ چا ٿيو، مان بہ ڪٽي ڪنهدس .... اها ڪا وڏي ڳالهہ آهي!“

”نہ ادا“

”يا سِڪ نہ اٿئي؟“

”چڱو نہ ٿو مُڙين تہ اچ .... وجهہ پاڪر.... لاهِ سِڪَ...!!“

دودو ۽ مان پاڻ ۾ پڪجي وياسين.

”اڙي وشال...!“

”هون...!!“

”سال گذري ويا، تون ساڳي جو ساڳيو.... سيپڪڙو.... ڪائين سُنو... اُٿين ويهين آفيسرن سان.....“

”ويهہ منهنجي سامهون...“ چيم: ”تون رڳو ڪوڏر هٿ ۾ ڪٽي صبح جو زمين تي ۽ شام جو گهر تائين محدود .... توکي چا خبر تہ دنيا ۾ چا ٿو وَهي واپري.... يا دنيا ڪٿي ٻيٺي آهي؟“

”ڪٿي ٻيٺي آهي؟“

” ڍڳي جي سڳ تي!“ ڪلندي چيم.

”اسان چا ڄاڻون!“ دودي وراڻيو ”اسان کان اهو پڇ تہ هَرُ ڪيئن هلائبو آهي...؟ زمين ڪيئن آباد ٿيندي آهي...؟ ٻيجارو ڪيئن پوکبو آهي؟..... رونبو ڪيئن ڪبو آهي..... يا فصل جي سار سنڀال ڪيئن لهڻ گهرجي؟...!!“

”واهہ ! تون تہ باقاعدي ڄاڻو ڪڙمي تي ويو آهين...!!“

”بس ادا وقت سڀ ڪجهہ سيکاري ٿو ڇڏي.“

”چڱو ڀلا اهو تہ ٻڌاءِ، ڪٽڪ جي ٻَٽئي گهٽي ٿيئي؟ ۽ توکي حصو ڪيترو آيو؟“

”حصو وري ڪهڙو؟“ دودي جي ڳالهين ۾ درد سمائجڻ لڳو، چيائين: ”ڪُل چار مڻ ڪٽڪ آئي!“

”بس چار مڻ...؟“

”ها...“

”ڇهہ مهينا پنهنجي ٻارن ٻچن سميت لوڙيئي.... رات جا اوجاڳا... پاڻي جا وارا ۽ سنڀال.... وليون....ٿريشر جو ڳاهہ...! تنهنجي ايڏي محنت...!! توکي چا بچيو؟“

”اڙي ادا....! بس جيئون پيا...!“

دودي جي آواز ۾ اداسي حاوي ٿيڻ لڳي، جنهن کي محسوس ڪندي سندس دل رکڻ خاطر چيم:

”دودا توکي ياد آهي؟“

”چا؟“

”تو گهڻو وقت اڳ هڪ ڪَمُ چيو هو؟“

”ڪَمُ؟“

”ها!“

”الائي ڪهڙو؟“

دودو سوچ ۾ پئجي ويو.

”اڙي بيوقوف! پنهنجي نوڪري لاءِ چيو هُيئہ نہ؟“

”ها .... ها“ دودي جي طبيعت ۾ تبديلي اچڻ لڳي.

”پوءِ ڪو آسرو وغيره ٿيو آهي چا؟“

”ها! هڪ دوست آهي، جيڪو ايجوڪيشن منسٽر جو خاص ماڻهو آهي، ڪيس چيو اٿم، دلجاءِ ڏني اٿائين.“

”ائين ڪر يار.... لوڙي مَري ويو هان.“

”پر دودا ٻُڌ تہ....“

”جيءُ .... جيءُ ... ادا!“

www.sindhsalamat.com

”ادي ماهِ لقا ڪٿي آهي، ظاهر ناهي ڇو؟“

”ڪٽڪ جي بَٽئي تي مون سان گڏ هئي، هاڻي گهر وئي، ننڍڙي جو فڪر هئس.“

”اڇا ٻُڌ...! ننڍڙي جو نالو ڇا رکيو اٿئي؟“

”زوهيبُ!“

”سُنو نالو آهي.“

”چڱو سؤٽ مان وهنجي ڪپڙا مٽائي واپس ٿو اچان، پوءِ ٿا ڪچهري ڪري وٺون.“

”نيڪ آهي!“ چيم ”پر آدي کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي اچجانءِ، گهٽا ڏينهن ٿيا آهن، ڪيس نہ ڏنو اٿم.“

دودو موڪلائي ، پنهنجي گهر طرف وڌي ويو. هن جي گهر ۾ اسان جي گهر ۾ هڪ گهٽي جو مفاصلو آهي.

”سؤٽ دلمراد ڪٿي آهي؟“ دودي جي ويندي ئي بابي کان پڇا ڳاڇا ڪئي: ”هو نظر نہ ٿو اچي؟“

”ڏوڙ وِجهيس نياڳي کي!“

بابي جي ڳالهہ ڄڻ مونجهاري جو شڪار بڻائي ورتو، چيم: ”هتان جي ٻِن جُهڳن ۾ بہ وڇوٽيون پوڻ لڳيون آهن ...؟“

”ها!“

”وڏي ڳالهہ آهي ...!“ چيم: ”پوءِ هڪ ڳوٺ ۾ گڏ ڪيئن رهي سگهبو؟“

”گڏ رهون يا ڌار...! ڪهڙو فرق ٿو پوي؟!“

بابي جي سخت لهجي ۾ ضرور ڪو راز هوندو. اهو سوچيندي ئي ٻڌتر جو شڪار ٿيڻ لڳس! رات جو ننڊ ئي نہ پئي آئي جو امان پڇيو:

”ننڊ نہ ٿي اچئي ڇا...؟“

”نہ امان...!“ چيم: ”تون ۽ مان سڄي رات ڪچهري ڪنداسين!“

”امان...!“ منهنجي اکين ۾ پاڻي تري آيو.

”توکي جيجي جي پارت هجي...!!“

”اها بہ ڪا چوڻ جي ڳالهہ آهي.“ چيائين: ”منهنجي سَسُ آهي، سَسُ ۽ ماءُ برابر هونديون آهن مان هن کي ڪيئن ڏکيو رکنديس..“

”پوءِ بہ امان...! هن جو تون ئي خيال ڪجانءِ پيرسن آهي.....“

رات جون ڪيتريون ئي گهڙيون امان ۽ مان ڪڏهن چپ تہ ڪڏهن ڳالهائيندي گذاريون . اچانڪ منهنجي ذهن ۾ هڪ ڳالهہ ايري آئي:

”امان ! سؤٽ دلمراد جو ڇا مسئلو آهي؟“

”بس! پُٽ ڳالهہ نہ پڇ... “

”پر امان ....! مان راز ڄاڻڻ گهران ٿو.“

”زمانو ڏاڍو خراب ٿي ويو آهي پٽ.... اڳي اهڙو زمانو ڪٿي هو.....!!“

منهنجي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي.

”ها امان، مان ٻڌان پيو.... تون چُپ نہ ٿي...!“

”ماهِ لقاءَ....“

امان ايترو چئي چپ ٿي وئي.

گهڻي دير تائين هن جي ماڻِ نہ ٽُٽي.

”هُو اسان جي ادي ماهِ لقا کي وڙهندو هوندو، ڄَڻُ!“

”نہ ....نہ...“

”باقي؟“

”ڪجهہ بہ نہ.... تون ننڊ ڪر.“

ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي، ڳالهائيندي ٻولهائيندي آخر هوءَ چو چپ ٿي وئي هئي.

” امان ٻڌاءِ ؟“

”نہ پُٽ، ڇڏ انهيءَ ڳالهہ کي!“

”اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي، جنهن جي ٻڌائڻ ۾ ڊڄي رهي آهين؟“

چيم،”مون کي سڄي رات وسوسي ۾ ننڊ نہ ايندي..... ٻڌاءِ مون کي ... ڇا توکي پنهنجي پُٽَ تي ڀروسو ناهي؟“

”آهي...“ چيائين، ”هڪ رات دودو پاڻي جي واري تي زمين تي ويل هو... ان ڪميني موقعو تاڙي ماهِ لقا جي عزت ۾ هٿ وڌا هئا....“

ذهن مان ٽڪاءَ نڪري ويا،.

سوچيم، ”سنڌ جي ننڍڙن ڳوٺن ۾ بہ اهڙا بيغرت پاڻر رهن ٿا، جيڪي پنهنجي نفساني تسڪين لاءِ پنهنجي ڀاڄاين مان بہ نہ ٿا مڙن...!!“

www.sindhsalamat.com

" پوءِ ان ڪميني شخص وري ماهِ لقا جي مٿان يار سان ملڻ جو الزام مڙهيو هو...."

"پوءِ؟"

"پر ماهِ لقا چيو تہ منهنجي عزت ۾ هٿ وجهڻ وارو اهو ئي "دِلو" آهي..... مگر ڪنهن بہ نہ ٿي مڃيو....."

"اسان کي پڪ ڪيئن پوي تہ اصل مجرم دلمراد آهي يا ماهِ لقا...!!؟"

" ڳوٺاڻن جي بحث تي ماهِ لقا سيني کي روئي قسم ساک تي ٻڌايو تہ جنهن مون سان بدمعاشي ڪرڻ پي چاهي، ان جي مٿي تان ٽوپي لاٿي اٿم."

"پوءِ؟؟"

"پوءِ ٽوپي جي ڳولها شروع ٿي وئي، ٽوپي ماهِ لقا جي ڪٽ، هيٺان ڪريل هئي..... جڏهن سيني ڏٺو تہ ٽوپي دلو جي آهي، تڏهن سيني گڏجي سندس مُنهَن ڪارو ڪيو هو..."

"مطلب ڏوهي بہ دِلو، ۽ الزام بہ ادي ماهِ لقا تي!" چيم: "پوءِ هن دلمراد جون نصيحتون ڪاڏي ويون...؟ 'وياج نہ ڪائو، رشوت گناهہ آهي ۽ پنهنجي اکين کي جُهڪائي هلو' جو درس ڏيڻ وارو نيڪ نمازي ايڏو ڪريل نڪتو.... لعنت هجيس ٻهروپيو ڪنهن جاءِ جو...!!"

امان چپ ٿي وئي، پر منهنجي اندر ۾ طوفان جاري هو، چيم: "پوءِ ڇا ٿيو امان؟"

امان ڪجهہ بہ نہ ٿي ڳالهايو.

"ڇا اهو دجال اجان بہ آدي ۽ دودي سان گڏ هڪ گهر ۾ رهي ٿو؟"

"نہ!" امان جي آواز ۾ بہ ڪاوڙ پريل هئي، چيائين "هتي رهي ها تہ ٻوٽيون ڪاوانس ها"

"باقي ڪٿي ٿو رهي...؟"

"افغانستان ڀڄي ويو آهي، ويڙهاڪن ڏي...!!"

"امان! ماڻهو سڄي زندگي نيڪيون ڪري، پر جيڪڏهن هڪ غليظ عمل ڪري ٿو تہ پنهنجي سڄي حياتي جي عملن جو انت ٿو آڻي ڇڏي...!!"

رات پنهنجي سفر ۾ اڳتي وڌندي شايد اڌ رات کان بہ ٽپي وئي هئي، امان کي ننڊ جو گهيرتُ وٺي ويو ، پر مان ننڊ نہ اچڻ سبب جاڳي رهيو هوس. ڳوٺ جي اڳئين پاسي، زمينن مان رکي رکي ڪُتن جون ڀونڪون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون، مون اندازو لڳائي ورتو هو تہ ڳوٺ جي رات شهر جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اونداهين ۽ خطرناڪ ٿئي ٿي.

پرهہ سَمي بابو سائين تهجد جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ اُٿيو تہ مون هروڀرو اکيون بند ڪري ڇڏيون....!

نئين صبح جي سج اجان شايد چيهہ مَس ڪڍي هوندي، مان اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾ اجان رلهي اوجهي سُتو پيو هوس، تہ سيراندي کان ماهِ لقا جو آواز ٻڌو هو:

"ادا...! اُٺ صبح ٿي ويو آ...!!!"

"اُٺان ٿو... جهت ٻيهہ، ٿوري ننڊ ڪرڻ ڏي!"

"نہ ٻيهنديس... "چيائين: "هاڻي ئي اُٺ؟"

"نہ ....!" اکين کي زور سان بند ڪندي وراڻيم.

"اُٺين ٿو يا هاريانءِ مٿان پاڻي...؟!"

"اٺان ٿو.... بس نہ...!!"

"ها اُٺ؟"

"ڀاڄائي...! ايڏانهن پاڻيءَ جي جڳ ڪٽي اچ، ڏسون تہ ڪيئن ٿو ننڊ ڪري...!" ماهہ لقا جو ضِد جاري هو.

"اٺيو تہ آهيان!"

"ڪوڙا..." چيائين: "اٺيو وري ڏوڙ آهين... اُٺ دير نہ ڪر.... ڇڏ رلهيءَ جي پچر.... ايڏي ننڊ... ماڻهو آهين يا ديوُ؟"

"ها اُٺان ٿو، اکيون تہ کولڻ ڏي... پنج منٽ....!"

"نہ هڪ منٽ بہ نہ؟" چيائين: "تون ڪمڙو مامو آهين، پنهنجو پاڻيجو بہ نہ ڏنو اٿئي؟"

ماهِ لقا سان ڪٽي نہ بہ اٺان ها، پر سندس ننڍڙي پٽ جي ذڪر اچڻ تي اٿي ويٺس.

"پاڻي تہ آڻي ڏي نہ، هَٿُ مُنهُن ڌوئان..."

www.sindhsalamat.com

”نہ .... نلڪي تي وڃ...“

اڪيون مهٽيندو نلڪي طرف ويس! جڏهن واپس موٽ ڪاڏم تہ اڪيون اڃان بہ ترورا ڪري رهيون هيون.

”تنهنجو ننڍڙو ڪٽي آهي؟“

”گهر ننڊ پيو آ، ڪٽي ٿي اچانس...“ چيائين: ”پنهنجي ديوَ مامي تي ويو آهي، رات ڏينهن نينڊي...!!“

مون کان ٿهڪ نڪري ويو. چيم: ”شڪر ڪر مامَن تي ويو.... پنهنجي ڍڳي ۽ گدلي پيءُ تي نہ ويو.“

”ڍڳو.... گدلو....“ چوندي ماهِ لقا کان بہ ٿهڪ نڪري ويو، جڻ منهنجي ڳالهہ دل سان لڳي هجيس!

ماهِ لقا پنهنجي ننڍڙي ڪي ڪٽي اچڻ جو چئي، پنهنجي گهر طرف هلي وئي ۽ مان ترورا ٿيندڙ پنهنجي اڌ بند ۽ اڌ ڪليل اکين سان گهر جي اڳڻ ڪي چوطرف ڏسڻ لڳس.

سامهون ڪمري جي اوپر کان امان ڪيرُ ولوڙي رهي هئي ۽ ان جي پرسان اولهہ طرف رڌڻي ۾ پاڃائي بختاور رڌ پچاءُ ڪري رهي هئي..... ۽.... ۽ اُن جي پرسان هڪ ٻِي عورت بہ بيٺل هئي....

”ڪير آهي اها...؟ گلابي ۽ خوبصورت پوشاڪ ۾....؟ پيهر نهاريم. پُنيري بيٺل ماهين هئي...!

هوءَ ايڏو پنڌ لتاڙي صبح سويري ڪيئن پهتي ؟؟“

هن کي ڏسندي ئي رڌڻي طرف وڌي ويس.

”مکڻ ڪائيندين؟“ امان پڇيو.

”رُڪو؟“

”ها“

”نہ وڻندو...“

”مکڻ ۾ ماکي ملائي، پوءِ ڪائو!“

پوئتي ڏٺم، پاڃائي بختاور سان گڏ ماهين، ڪٽڪ جا اوڙاڻا تيار ڪري ڪٽي آئي هئي.

”واهہ ڙي عشق!“ دل ئي دل ۾ چيم: ”ڇوڪري! پنهنجي جواني جو خير گُهرُ..... نہ لڳ اسان رولاڪن جي ڪڍ.... پاڳل دربدر نہ ٿي وڃين....!“

”اچو ماني ڪائو!“

”مان ڪو تنهنجو مهمان آهيان ڇا؟“

”نخرا نہ ڪريو...“ ماهين جي اکين ۾ شرارت پرجي آئي، چيائين ”ماڻِ ڪري هلي ماني ڪاءِ...!!“

مان اندر ڪمري ۾ هليو آيس، تہ ماهين بہ ماني ڪٽي ڪڍ لڳي آئي.

”پاڃائي ڪاڏي وئي؟“

”ماکي ڪٽڻ!“

”وڏي چالاڪ آهين ماهين!“

”متان نہ مڃين...“ چيائين: ”منهنجو روح تنهنجو پيچو نہ ڇڏيندو!“

”ڇو نَہ ڇڏيندو؟“

”ڇو تہ تون ان ڇوڪريءَ جي اڌوري خواب جي ساڃيان آهين، جنهن جو هر خواب تون ۽ اُن جي منزل بہ تون هوندو آهين!“

”ماهين تون هاڻي ڇوڪري ناهين رهي“ چيم: ”هڪ جوان عورت آهين ...عورت...! اکين ۾ جواني جي چمڪ... سينو مضبوط/ پريل... چيلهہ تي وارن جو چوٽو.... نيٺن ۾ شرارت... ڳل ماسَ سان ٽمتار... پرون سيت ٿيل.... ۽ ...“

”۽ .... ڇا ؟“

”دل ۾ ٻيماني!“

”ڇاجي ٻيماني؟“ ماهين غصي ۾ اچڻ لڳي، چيائين: ”چڱائي گم گناهہ نازل...!!“

”ڇاجي چڱائي...؟ هان...؟ منهنجي گهر ۾ منهنجي خدمت... ناهي ضرورت!؟“

”تون وڏو مَداري آهين وشال...!“ ماهين جو آواز ڳرو ٿيڻ لڳو، چيائين: ”تنهنجون هڪ ۾ اڪيون آهن.... ٻي ۾ هتَ.... ۽ ٽين ۾ آسرو...؟!“

”اڪيون ڪنهن ۾ آهن؟“

”مون ۾!“

www.sindhsalamat.com

”هَٿ؟“

”آرزو ۾...!!“

”۽ آسرو؟“

”ڪلپنا ۾...!!“

”مارِ! هن کي تہ سڀ خبر آهي.“ سوچيم، ”پر هن کي ڪنهن ٻڌايو؟“

”ڇا ٿيو؟“

”ڪجهہ بہ نہ!“

”ڪجهہ سوچين ضرور ٿو.“

”سوچيان ٿو توکي ڪيئن خبر پئي؟“

”جنهن جي محبت پٿردل انسان سان هجي ۽ اهو پٿردل انسان جڏهن دُور ۽ دَرِ دَرِ ڀٽڪندي نظر اچي، تڏهن ”اُن“ جي هر اُٿڻي ويهڻي تي نظر رکڻي پوندي آهي..... پر تنهنجي اکين تي، رَتُ جي رشتيداري کان، نفرت ۽ دور وڃڻ جو جنون سوار آهي..... مون کي تنهنجي جنون ختم ٿيڻ واري ڏينهن جو انتظار آهي وشال.... مان پُراميد آهيان، تون ضرور موٽي ايندين؟“

”منهنجو انتظار نہ ڪر؟“

”ڪنديس!“

”مان تنهنجو نہ ٿيندس ـ نہ ٿيندس...“

”اهو وقت ٻڌائيندو.....!“

ماهين ۽ منهنجو تڪرار اڃان وڌيڪ تيز ٿي وڃي ها، پر اوچتو ماهہِ لقا کي ڪمري ۾ ايندي ڏٺو هئم، هوءَ پنهنجي ننڍڙي پُٽ کي ڪڇ ۾ کڻي آئي هئي.

”اوهہُ...! هي تہ چنڊ جو ٽڪرو آهي ...! ماهہ لقا هي تہ تنهنجي هم شڪل آهي.“

ماهہِ لقا مرڪي پئي، ڄڻ هن جي اميدن جو چنڊ بہ هن جي جهولي ۾ مرڪي رهيو هجي.

مان هڪ لمحي لاءِ اکيون مٿي ڪري ماهين طرف ڏٺو ۽ پوءِ کيس آهستي چيو: ”اهڙو خوبصورت ٻار تون ڪڏهين....؟“

ماهين جي پيلي رنگ کي ڏسندي ڊڄي ويس، سندس دل رکڻ خاطر قريب وڌي ويس، چيم: ”مان ماهين جو آهيان...!“

”ڇا؟“ پڇيائين.

”ماروٽ!“

ماهين کان هڪ ٽهڪ نڪري ويو ۽ پوءِ کلندي کلندي هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

ڀاڄائي بختاور موٽي آئي.

هن جي هٿ ۾ ماکي ۽ مکڻ هو.

۽ ماهين ڪڻڪ جا اوڦراٽا اڳيان آڻي رکيا.

ادي ماهہِ لقا، ماهين جي اهڙي خدمت ڪرڻ تي حيران هئي،

چيائين: ”ماهين خدا تنهنجي محنت رائيگان نہ ڪندو..“

”آمين...“

ماهين ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپي!

مان ماني کائڻ ۾ جُنبي ويس، پر رکي رکي ماهين طرف ترڇي نگاهن سان ڏسندو بہ پئي رهيس، هن جون اکيون، منهنجي چهري کي پرکڻ ۾ گم هيون.

”ماهين...؟“

(.....) هوءَ خيالن ۾ گم هئي.

”ماهين، مان توسان آهيان ماهين...!!“

”هان....!“

”مون کي تنهنجو قدر آهي، پر مان توکي دوکي ۾ رکڻ نہ ٿو چاهيان..... تون تہ سڀ ڪجهہ سمجهين ٿي...!!“

”مان ڪجهہ بہ نہ ٿي سمجهان سنگدل ماڻهو...!“

ماهين جي اکين جا بند ٽٽي پيا ۽ هوءَ ڪمري مان ٻاهر هلي وئي.

www.sindhsalamat.com

5

اڄ سڄو ڏينهن سوچيندي گذريو آهي:

هر سوچ آڏوري.... پيڙا.... پيڙا جو ڪنن سفر!

مان زندگي جي ڪهڙي موڙ تي بيٺو آهيان؟

منزل ڇاهي...؟ هي رستا ڪٿي مون کي ممڪن ۽ ناممڪن جي صليب تي چاڙهي، حياتي کي زهر تہ نہ بنائيندا؟

منهنجي ۽ منهنجي دل جي هن خانہ بدوشي جي پڇاڻي ڇا آهي؟

مان تنهاين جي رڻ ۾ دربدر تہ نہ ٿيندس!

نہ؟

ها!؟

رستا سوڙها آهن ۽ روشني نظر نہ ٿي اچي...!!

آرزو:

نہ منهنجي هئي ۽ نہ آهي... پوءِ هن ڇو مون کي پنهنجو سمجهيو هو؟ منهنجي ياد ۾ هُن پريم جا ڏيئا ڇو روشن ڪيا.... ڇو انتظار ڪيو... ! پر مان تہ نَہ متيو هوس نہ...!!!

ماهين ؛

زور آور...! ضدي...!!

مان هر صورت ۾ "هن" جو ٿيان؟

ناممڪن!

مان مڃان يا نہ، پر آهي ماڪي مڪڻ جي سڀنڌ جهڙي.... قربائتي.... سدا ملوڪ.... سيبتي..... نازل.... روئٽي...!

"منهنجو روح تنهنجو پيچو ڪندو رهندو." جهڙو ضد نہ ڪري، تہ سونهن جي راڻي...!!

ڪلپنا:

منهنجي جواني جي سڦلتا.... سياڻي جي روشني.... پيار جي ابتدا.... منهنجي خوشي/منهنجو درد .... زندگي جي نڪار.... منهنجي منزل جو آغازُ/

پڇاڻي.... خطرن جي گهيري ۾.... ٻن ديسن/ ٻن حصن ۾ ورهايل...! انساني حقن جي علمبردار.... حساس.... منهنجي دل جي درد کان اڻ ڄاڻ...!

ڪير منهنجي ٿيندي؟

ڪنهن جي پاڳ جي لڪير مون کي پنهنجو ڪري وٺندي؟

منهنجا سپنا اگهبا يا مان خود سپنن جو حصو ٿي ويندس؟

ڇا ٿيندو؟

منزل جو تعين ڪهڙي وقت/ حالتن جو سنيهو آڻيندو...!؟

منهنجا خواب/ هنن جا خواب .

ڪڏهن حقيقتن ۾ تبديل ٿيندا...؟ ٿيندا بہ الائي نہ...!؟

www.sindhsalamat.com

6

ٻي رات اسان جي اوطاق ۾ سيني ڳوناڻن جي وچ ۾ وڏي ڪچهري لڳي... ڪِلَ.... ڀوڳ... ۽ مذاقن جو ماحول جُڙي ويو، جنهن کان پوءِ راندين جي ٻه شروعات ٿي ... تاش پتي ۽ نوٽڻ راند کيڏندي رات جا ٻارنهن وڄي ويا. پر مان ڪابه راند کيڏڻ سواءِ ماڻ ڪري ويٺو رهيس.

"ادا وشال!" نوٽڻ راند ۾ شڪست کان پوءِ صابُو مون طرف وڌي آيو، آهستي چيائين: "ادي آرزو جو ڇا ٿيندو؟"

"ڇا وري ڇا ٿيندو؟" چيم "مطلبي مرشدن کي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن جو مالڪ ڪندؤ ته اهڙا خُلم پيا ٿيندا رهندا!"

"يار! اسان مسڪينن جي تون ئي مدد ڪري سگهين ٿو." صابو ٽڏو ساهه پري چيو، "اهو اسان کان پڇيو اٿئي، اسان جون عزتون ڪيترو بدنامي ۽ رسوائي جي ور چڙهيون آهن. اسان سنڌ جي سادي ۽ اڀوجهه ماڻهن کي، بزرگي جي روپ ۾ انهن رهزنن مرشدن نه ڄاڻ ڪيترو نقصان پهچايو آهي...!"

"نيڪ آهي ياءِ صابو، مان پوري ڪوشش ڪندس."

گذريل رات جي اوجاڳي سبب ننڊ اچڻ لڳي، ته ڪچهري کان موڪلائي گهر اچي سُمهي پيس.

خبر ناهي، رات جي ڪهڙي پهر ننڊ ئي ننڊ ۾ محسوس ٿيو ته ڪوئي اسان جي ڳوٺ جي امن کي تباهه ڪري رهيو هجي... سڄي ڳوٺ جا ماڻهو خوفزده نظر ايندا هجن ۽ .... پوءِ جڏهن ننڊ مان چرڪ ڀري اٿيس ته گولين جا اڻ کٽ آواز... رڙيون... هڪلون...

"آيو...! نه چڏيونِ .... پڪڙيونِ...! ڪاڏي ويندا.... دل نه هاريو اِجهو پُهتو...!"

فائرنگ.... لڳاتار فائرنگ.... 'چور آهن يا ڏاڙيل...!!

فائرنگ جاري هئي، اچانڪ هڪلون بند ٿيون ته روئاڻ شروع ٿي ويو.

منهنجي دل گهبرائڻ لڳي، سوچيم: "قانون جي بالادستي جي ڪوٽ، پهراڙين ۾ انارڪي وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي... آخر هن امن جي نگري جا ماڻهو ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن؟"

"ڇا ٿيو...؟ جواب ڇو نه ٿا ڏيو...؟ خير ته آهي نه؟؟"

"خير ناهي ؟"

"ڇو؟ ڇا ٿيو؟"

گوڙ ويو ٿي وڌندو، حقيقت معلوم نه پئي ٿي سگهي، رڳو چوڏسا روڄ راڙو، جاري هو. مان صورتحال کي معلوم ڪرڻ لاءِ ٻه چار قدم مَس ڪنيا ته دودو ڊوڙندو اسان جي گهر پهتو.

"دودا ڇا ٿيو آ؟...!!"

" ادا خير ناهي!" دودو سهڪي رهيو هو، چيائين "هٿيارٻندن گهر تي حملو ڪري ماهِ لقا کي زخمي ڪيو آهي..."

"ماهِ لقا کي؟"

"ها ...."

مون کان رڙ نِڪري وئي.

امان جا ڇَهَ ڇجي پيا.

رات جي انڌيري ۾ سپ ڊوڙندا دودي جي گهر آياسين. ادي ماهِ لقا رت ۾ لِتُ پِتُ هئي... نه هان ... نه هون...! الائي ته ڪيترين گوليون هن جي جسم کي پروڻ ڪري ويون هيون.

"جلدي اسپتال پهچايوس."

"نه ....ساهه نڪري ويو اٿس."

"ڪهڙن ظالمن ظلم ڪيو؟"

"بابي سائين کي سنڀاليو!" چيم: "بيهوش ٿي ويو آ...!"

امان ماهِ لقا جي لاش کي چنبڙي وئي.

دودي جي چيلهه ۾ سندور ٻڌجي ويو.

سڄو ماحول شامِ غريبان ٿي لڳو ۽ منهنجو اندر به جڻ ويڄندو هجي، لڙڪ لاڙيندو اوطاق طرف آيس، جتي سرتاج پين ڳوناڻن سان گڏجي، هٿيارٻندن جي پويان پيرو ڪٽڻ/ وڄڻ لاءِ بضد هو. "اهڙي خطرناڪ صورتحال ۾ مون کي به ڪوئي مثبت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ..."

سوچيندي تعلقي پوليس آفيسر جو نمبر ملايم.

"هيلو...! ڊي ايس پي سان ڳالهائڻو آهي."

www.sindhsalamat.com

"ڪير ٿا ڳالهايو؟"

"انساني حقن جو اڳواڻ وشال...!"

"صاحب نندِ پيو آهي، توهان پنهنجو ڪم ٻڌايو؟"

"ڳوٺ تي هٿياربندن جديد هٿيارن سان حملو ڪيو آهي..."

"ڪڏهن؟"

"هاڻي!"

"ڪهڙي ڳوٺ تي حملو ٿيو آهي؟"

"ڄامُ نگر ڳوٺ تي!"

"اسان صبح ٿيندي ئي صاحب کي اطلاع ڏئي ڇڏيندا سين.."

"صبح سان اطلاع جو ڇا مطلب؟" چيم "اوهان کي هاڻي جو هاڻي تحرڪ ۾ اچڻو پوندو.... هيلو.... هيلو...!!

ڪال جي ڪٽجي وڃڻ تي ٻيون نمبر ملايم:

"هيلو.. ايس ايس پي صاحب سان، ڪنهن ايمرجنسي بابت ڳالهائڻ ٿو چاهيان...!"

"سوري رانگ نمبر..."

عجيب ڪيفيت جو شڪار ٿي ويس، پر ٻين لمحي ذهن ۾ هڪ نئون خيال اچي ويو ۽ منهنجا هٿ ڪلپنا جي نمبر ملائڻ ۾ مصروف ٿي ويا.

"ڪلپنا...!" منهنجي من جو درد اٿلڻ لڳو، چيم: "مون کي ڊي آءِ جي - آءِ جي ۽ هوم منسٽر جا نمبر گهرجن...."

"وشال تون پريشان ڇو آهين....؟ آخر ڇا ماجرا آهي؟"

"ڪلپنا منهنجي جوان ڀيڻ کي هٿياربندن حملو ڪري قتل ڪيو آهي...مون کي تنهنجي مدد کپي...!"

"وشال! تون پاڻ کي سنڀال...! هٿراڏو سازشن ذريعي اسان جي ڌرتي کي اهڙين حالتن جي ور چاڙهيو ويو آهي.... مان سيني آفيسرن سان رابطو ڪري ٿي وٺان.....!!"

سڄي ڳوٺ ۾ حراس پڪڙيل هو. بي رحم هٿياربندن جي هٿان جواني ۾ مارجي ويل ماهِ لقا جو درد مون لاءِ تمام گهڻو ڀاري هو. غم جي ان عالم ۾ رهندي تقريبن ڪلاڪ سوا مَس گذريو تہ هڪ اڻ ڄاتل نمبر تان ڪال آئي.

"هيلو.."

"وشال صاحب؟"

"جي ڳالهايان پيو."

"ايس ايس پي ماجد حسين پيو ڳالهايان.."

"جي سر!"

"اسان پنهنجي گهڻي نفري موڪلي رستن جي ناڪابندي ڪرائي ڇڏي آهي.... اوهان سان انصاف ٿيندو...."

"سر...! اسان کي هر صورت ۾ قاتل جو انجام گهرجي!" چيم: "هڪ انساني حقن جي اڳواڻ جي ڀيڻ جي گهر ۾ ظالمانہ ڪاروائي ٿي آهي، ان ظلم جا پيرا ڪٿي ٿا دنگ ڪن، اهو اوهان جي فرض ۾ شامل آهي...!!"

"وشال صاحب! اسان جي مٿان تمام گهڻو پريشر آهي، اوهان اطمينان رکو، اوهان جي ڀيڻ جي خونَ ۾ ملوث هٿ، ضرور بي نقاب ٿيندا."

"وشال صاحب! مان اوهان جي درد کي سمجهي سگهان ٿو، اوهان ڪنهن بہ گمان ۾ نہ رهو، هي قانون اوهان جو پرپور ساٿ ڏيندو...!!"

هڪ ڀيڻ جو قتل هڪ ڀاءِ جي من اندر کي ڪيترو زخمي ڪري ٿو... هڪ ڀاري درد پوڙهي ماءُ ۽ صغير ٻار لاءِ ڇا هوندو آهي....!!"

صبح... منجهند ... شام مون سميت گهر جا سڀ ڀاتي ڳوڙهن جي عالم ۾ پيڙا پوڳيندا رهياسين ... تڪليف جي ان سفر ۾ پٽڪندي سج لٿي ڌاران ايس - ايس پي ماجد جي فون اچي وئي:

"اسان ڪجهہ مشڪوڪ ماڻهو گرفتار ڪيا آهن، جن مان دلمراد نالي هڪ همراهہ توهان جي ڳوٺ تي حملو ڪري توهان جي ڀيڻ کي قتل ڪرڻ جو اعتراف ڪيو آهي."

"هان...!" مون کان هڪ وڏي دانهن نڪتي. يڪدم ايس - ايس پي ماجد جي ڪال ڪٽيندي وڏي آواز ۾ چيم: "اسان جي ڀيڻ جي حياتيءَ کي تنهنجو ظالم ڀاءُ دلمراد ڪائي ويو دودا...."

"ڇا ...؟؟"

"ها دودا! اسان جي اڪيلي ڀيڻ جو، تنهنجي ئي ڀاءُ خون ڪيو آهي."

www.sindhsalamat.com

منهنجي رڙ تي تڏي تي ويٺل ماڻهن جي چهري تي نوان سوال اڀرڻ لڳا. بابي جو ڳوڙهن سان ڍڪيل چهرو، حقارت جي ريڪائن ۾ تبديل ٿيڻ لڳو. سرتاج جي اکين ۾ حيرت لهي آئي ۽ دودي جي اکين ۾ جڻ خون، چيائين: ”مان هڪ صغير ٻار جي ماءُ جي بيگناهه خون ۾ ملوث قاتل ڀاءُ کي ڦاسي جي ڦندي تائين پهچرائيندس...!!“

7

پنجن ڏينهن کان پوءِ:

انساني حقن جي تنظيم پاران مصر جي خاص شهر ’ڪاريو‘ ۾ رٿيل عالمي سيمينار ۾ شرڪت لاءِ سڄي دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ کان اسان جي تنظيم جا خاص نمائنده شريڪ ٿيل هئا، ”دنيا ۾ امن، استحڪام ۽ آزادي“ جي ايجنڊا هيٺ، هن ٽن ڏينهن جي سيمينار ۾ شرڪت ڪندي، سڄي دنيا جي مظلوم ۽ جابر قوتن جي ڊگهي بحث ۾ فلسطين، چيچنيا، ڪشمير، يوگوسلاويه، افغانستان، ايسٽ تيمور، ڏکڻ سوڊان، عراق، شام ۽ ٻين ملڪن ۾ عوام تي ٿيندڙ پُرتشدد ڪاروائين کان باخبر ٿي ويا هئاسين.... دنيا جي هر خطي ۾ استحصال جو شڪار ٿيندڙ مظلومن تي ٿيندڙ ظلم پويان سرمائيدار طبقي جو ڳجهو هٿ هو..... ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙهجندڙ بي يار و مددگار مزدورن جا اتحادي اڳواڻ، وقت جي آمر قوتن جا ڪهڙي طرح غلام ٿين ٿا، ”وڙهو/ ويڙهايو ۽ حڪومت ڪيو“ واريون پاليسيون هڪ ملڪ کان ٻي ... ٻي کان ٽين ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪيئن ٿيون رائج ڪرايون وڃن. هن عالمي سيمينار ۾ ڊگها ۽ وڏا بحث ڪيا ويا، پر ”آخر انهن مسئلن جو حل ڪيئن ڪڍجي“ واري الجهن پوءِ به برقرار رهي...!

امن جي فِضا کي ناڪتروجن ۽ هائڊروجن بم جو استعمال ڳهي رهيو آهي..... سڄي دنيا ۾ هٿرادو معدني وسيلن جي ڪوٽ جو ڊرامو رچائي عالمي مهانگائي کي ڪيئن منظرعام تي آندو ويو آهي..... مذهبي انتها پسنديءَ کي اڀاري سڄي دنيا جي انسان کي ڇو ڄاڻي ٻُجهي نفرت جي طرف ڌِڪيو پيو وڃي...؟ مطلب ته ڌرتي جي گولي تي، انساني حقن جي ٿيندڙ هر ڀڃڪڙي تي غور ۽ ويچار ڪيو ويو، پر ”انهن درپيش حالتن جو ذميوار ڪير آهي ۽ انهن کي ڪهڙي طرح روڪي سگهجي ٿو“ وارا انيڪ سوال پوءِ به سُلجهڻ طرف وڌي نه سگهيا... رڳو سڪٽي لڪپڙهه...! قراردادن جون منظوريون..... ۽ ظلم پڪيڙيندڙ باطل قوتن جي لفظي نندا.....“

www.sindhsalamat.com

سيمينار جي ٽئين ۽ آخري ڏينهن تي ڪلپنا کي مٿي اسٽيج تي ڳالهائڻ لاءِ گهرايو ويو ۽ هُن اسٽيج تي اچي پنهنجي ڀرپور اعتماد سان تقرير شروع ڪئي:

”پوري دنيا تي حڪمراني ڪرڻ جا خواب ڏسندڙ وقت جي فرعونن جو تعداد روز بروز وڌندي نظر اچي رهيو آهي، اهڙي عالمي صورتحال ۾ اڄ بہ هزارين ۽ لکين ماڻهو، انساني حقن جي لتاڙ ۽ تذليل جو شڪار آهن...! دنيا وارو! جيڪڏهن اوهين سموري ڌرتيءَ تي، امن جي روشن صبح جي آجيان ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ انهيءَ انقلاب جو آغاز پنهنجي حقيقتن پسند جدوجهد سان ڪيو..... جيڪڏهن اوهين دل و جانِ ۽ انتهائي پرخلوص جذبن سان امن جي ابتدا ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ سڪٽي نعريبازيءَ مان ڪم نہ هلندو..... ڪجهہ دانشمندي ۽ ڪجهہ جرئتمندي ئي منزل جو درست تعين هوندي.....!“

“Wow that is good speech…!”

Good views should be valued……!!”

”واهہ ڪلپنا...! تنهنجي تقرير جو انداز...!!“

مون سان گڏ ڪشادي هال ۾ ويٺل سڄي دنيا جي نمائندگي ڪندڙ سوين ماڻهن تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيون، مون کي ڪلپنا جي مضبوطي سان انگريزي ڳالهائڻ تي خوشي ٿيڻ لڳي، ڪلپنا جي تقرير جاري هئي:

”دنيا وارو! ظلم جي ڪاري رات جو آخر ڪڏهن ۽ ڪير انت آڻيندو...؟ ڌرتي جي گولي تي موجود جن خِطن ۾ انساني حقن جي سرعام لتاڙ ٿي رهي آهي، تن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي نازڪ صورتحال بہ شامل آهي، جيڪي پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ قومي وجود جي سڃاڻپ جي بحالي لاءِ آواز بلند ڪرڻ ۽ تحريڪ هلائڻ جي ڏوهہ ۾ راهہ ويندي، بي گناهہ ماريا ۽ ساڙيا وڃن ٿا.....

دنيا وارو! اهو ڪٿان جو انصاف آهي، جنهن ۾ ڌرتي ڌڻي جلا وطن ۽ ڌاريا ديس جي حڪمراني ڪندڙ هجن ...! اهي ڪهڙا قومي ۽ بين الاقوامي قانون جا معيار آهن، جن ۾ قاتل حڪمران ۽ شهيدن جا وارث ڏوهي قرار ڏنا ويا هجن...؟ ڇا امن، انصاف ۽ برابريءَ جا حق گُهرڻ ڏوهہ آهي...؟ ڇا دنيا

جي گولي تي پنهنجي تاريخ، ثقافت ۽ قومي ٻوليءَ کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ لڳاتار جدوجهد ڪرڻ جُرم آهي.....

دنيا وارو! سڄي دنيا جا مظلوم پنهنجي بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ اوهان جي انصاف ڏانهن واجهائي رهيا آهن، پر اوهان جي انصاف جي منزل اڃان گهڻي دور آهي.... اڄ، جتي سڄي دنيا ۾ تبديلين ۽ ترقين جي حاصلات لاءِ هڪ وڏي ڊوڙ جاري ٿي چُڪي آهي، اُتي ڌرتي ساري ڌرتيءَ جو محور بہ بڻي آهي...!!

“We proud that our organization has such females who can speech on the problems faced by women..”

“Mashallah, this woman is delivering much better speech”

“kalpina you are great”

سڄو هال هڪ ڀيرو ڀيهَرَ آڻ کٽ تاڙين جي گونج ۾ گم ٿيڻ لڳو. سامهون اسٽيج تان تقرير ڪندي ڪلپنا ڇا تہ سُندر لڳي رهي هئي، منهنجو ڌيان هڪ ڀيرو وري تاڙين جي شور کان آجو ٿي هن ۽ هن جي دلڪش لفظن واري تقرير طرف ٿي ويو:

”دنيا وارو! جيڪڏهن اوهين هن ڌرتي تي دل جي اٿاهہ گهراين سان امن جي آجيان ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ اچو تہ ظلم ڪندڙن جا پيرا کٽي اُنهن جو گهيراءُ ڪيون ... ظلم ڪنهن سان ٿو ٿئي..... ڇو ٿو ٿئي...؟ ڪير ٿو ڪري...؟ اچو تہ انهن ساز شي گروهن کي وائڪو ڪيون.... اچو تہ گڏجي وک وڌائي انقلاب جي روشني تلاش ڪيون،..... مغرب کان مشرق ۽ سڄي دنيا جا ماڻهو امن جي آجيان لاءِ مُنتظر آهن، پر امن تڏهن ئي قائم ٿي سگهي ٿو، جڏهن دنيا جي وستي ـ وستي ۽ واهڻ، واهڻ عِلم جي روشني عام هوندي ۽ دنيا جي گولي تي جڏهن جهالت جو انڌيرو باقي نہ رهندو، تڏهن ئي هر ذهن انتها پسند سوچ کان آجو، امن جي درسگاهہ بنجي، امن کي نصب العين سَمجهي وٺندو...!!“

ڪلپنا جڏهن اسٽيج کان هيٺ لَهي آئي، تڏهن سڄي هال ۾ ويٺل ماڻهن سندس گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ نوجوانن جي هڪ قطار لڳي وئي:

www.sindhsalamat.com

”پليز آٽوگراف ميڊم!“

”انسان ٿيو ۽ انسان جو قدر ڪرڻ سکو...“

”انسان مذهب کان مٿانهون آهي“

”اچو تہ انسان جي مهانتا کي سڃاڻي وٺون!“

”احترام، عزت ۽ وفاداري امن جو خوش آئنده سنيهو آهي“

”آزادي جو پيام، غلامي سان جنگ جوتي بہ، امن جو پرچارڪ رهي ٿو.“

ڪلپنا جهڙوڪر آٽوگراف ڏيندي الجهڻ لڳي هئي، پر پوءِ جڏهن هن پنهنجون جُهڪيل اکيون مٿي ڪڍي مون طرف نهاريو ، تہ مون کي پنهنجي پرسان ڏسي هن پاڻ سنڀالي ورتو.

”ڪلپنا! پليز هڪ ننڍڙو آٽوگراف.... “ هڪ نوجوان هجوم مان قطارون چيريندو اسان تائين پهتو. چيائين: ”اوهان جي تقرير ڏاڍي پُراثر هئي...!!“

”مهرباني!“ چوندي ڪلپنا آٽوگراف لکڻ شروع ڪيو، لکيائين: ”دنيا ۾ دولت ۽ شهرت جا بکيا ڪڏهن بہ انقلاب نہ آڻي سگهندا آهن.“

”ڪلپنا! ڇا اوهان شادي شده آهيو؟“

”سوري!“

”منهنجو نالو موهن ۽ مان انڊيا جي احمدآباد سان تعلق رکان ٿو.“

”اوڪي....“

”ڇا اوهان مون کي پنهنجي رابطي لاءِ موبائل نمبر ڏيڻ چاهيندو؟“

”سوري...!!“

ڪلپنا پنهنجي جڳهہ تي وڃي ويٺي، پر مان احمدآباد جي ان موهن نالي نوجوان ڏانهن ڏسڻ لڳس ـ جنهن جي اکين ۾ نہ ڄاڻ تہ ڪهڙي بي تابي سمايل هئي، جو هن جون نگاهون ڪلپنا کي بار بار ڏسڻ کان نہ ٿي مُڙيون.

8

مصر کان پاڪستان واپسي تي اسان کي ڪراچي لهڻو هو، پر سموري سنڌ ۾ موسمياتي خرابي سبب اسان کي اسلام آباد ايئرپورٽ تي لاٿو ويو، جتي پهچندي ـ PTA (پاڪ ٽيلي ڪميونيڪشن اٿارٽي) ۾ اهم عهدي تي ڪم ڪندڙ هڪ رتيديري واسي دوست ساگر نواز کي فون ڪري چيم:

”اسان تنهنجا مهمان آهيون...!!“

”آهيو ڪٿي؟“ پڇيائين، ”ڪيتري دير ۾ پهچي ويندؤ؟“

”دير وري ڇاجي؟“ چيم: ”اسان اسلام آباد ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرڻ وارا آهيون.“

”گهڻا ڄڻا آهيو؟“

”فقط ٻہ ڄڻا آهيون...!“

ڏهہ ـ پندرنهن منٽ مَس گذريا هوندا جو ، هو پاڻ گاڏي ڊرائيونگ ڪندو اسان تائين پهتو. پهچندي ئي دانهن نڪري ويس.

چيائين: ”وشال حيڤ هجئي!“

”ڇو؟“

هو وڏي اچي ڀاڪر پائي مليو، چيائين، ”چوري چوري شادي ڪيئي، اسان کي بہ نہ ٻڌايئي؟“

”شادي...“ چيم، ”وڏي وڻ جيڏو ٿيو آهين، ڪجهہ عقل بہ ڏار...!!“

مون هڪ نظر ڦيرائي ڪلپنا ڏانهن ڏنو، هن جو چهرو ڪجهہ وساٽل لڳي رهيو هو، جنهن ڪري مون ساگر کي وڌيڪ ڳالهائڻ نہ ڏنو، چيم، ”ساگر! مان مئڊم سان اوهان جو غائبانہ تعارف ڪرائي چڪو آهيان، باقي هن مئڊم جو تعارف، سندس نالو ڪلپنا ديوي، پاڻ هندو ڌرم سان تعلق رکندڙ ۽ سنڌ جي نمائندگي طور انساني حقن جي اهم صوبائي عهدي تي فرائض سرانجام ڏئي رهي آهي.“

”زبردست...!!“ مرڪندي وراٽيائين: ”پاڻ کي هاڻي هلڻ گهرجي.“

www.sindhsalamat.com

اسلام آباد ڏاڍو خوبصورت شهر آهي، هن شهر جي حسناڪي دلين کي تمام گهڻو موهي ٿي. شڪر پڙيا، پاڪستان مونومينٽ لوڪ ورثا (ميوزم) راول ليڪ (Rawallac) ٻري امام جي ماحول کي ڪلپنا سان گڏجي ڏسندي ڏاڍو خوش ٿيس.

ٽئين ڏينهن صبح سويري مارگلا جي پهاڙين تي وياسين. مارگلا جي وڏين وڏين پهاڙين تي گهمندي ڪلپنا جي سينڊل جي آواز تي بار بار چرڪي هن ڏانهن پئي ڏٺم، هوءَ موبائل ۾ آيل مئسيجز کي پڙهڻ ۾ مصروف ٿي لڳي، جڻ ڪجهه خاص مواد وارا پيغام هجن، جنهن کي پڙهندي هوءَ انتهائي محتياط ٿيڻ لڳي هئي.

"ڪلپنا! ڇا ڳالهه آهي؟"

"هان!" سوچن ۾ گم ٿيل ڪلپنا چرڪ ڀريو هو. "ڪجهه به نه...! ڪجهه به نه...!!"

"پوءِ به؟"

"موهن جا مئسيج اچڻ لڳا آهن، سوچيان ٿي هُن نمبر ڪٿان هٿ ڪيو؟"

"نه مُڙيو...!!" دل ئي دل ۾ وهم وڌڻ لڳو، چيم "ڇا ٿو لکي؟"

"لکي ٿو!" ڪلپنا موبائيل ۾ آيل مئسيج پڙهڻ لڳي "تون تمام گهڻي خوبصورت ۽ قابل تعريف چوڪري آهين، مون کي تنهنجي تقرير ڏاڍو موهيو آهي...! مان توهان سان فئملي تعلقات رکڻ چاهيان ٿو، اگر توکي ڪوئي اعتراض نه هجي ته...! مان ڪوشش ڪندس ته توسان ڪجهه ملاقاتون روبرو ڪيان، پوءِ تنهنجو انڊيا اچڻ ٿئي يا ڪٽي مون کي ئي پاڪستان ڇو نه اچڻو پوي...! (تنهنجو موهن)

"تنهنجو موهن....!" مون کي جڻ چڙ اچڻ لڳي. "ڪو ڄاڻي نه سڃاڻي ادو ان جو مهمان."

مون سان گڏ ڪلپنا کان به ٿهڪ نڪري ويو.

ڪلندي ڪلندي چيائين: "باقي هڪ ڳالهه ضرور آهي!"

"ڪهڙي؟"

"موهن آهي سنو چوڪرو.."

"تو ڪيئن سمجهيو...؟"

"هن جي لفظن مان ..."

"ڇا رکيو آهي، هن جي لفظن ۾...؟" مان جڻ پڇرڻ لڳس.

"هن جي لفظن ۾ پنهنجائپ آهي...!"

"۽ منهنجي لفظن ۾ ڌاريائپ آهي!؟"

منهنجي اکين ۾ پاڻي تري آيو، لڙڪ هاڻين اکين سان هن ڏي ڏٺم، هوءَ منهنجي ادائيگي تي حيران هئي.

چيائين: "وشال مون توکي ڌاريو ته ڪونه ڪوٺيو...!!؟"

"ڪلپنا تون نه ٿي ڄاڻين؟"

"ڇا"

"جيڪو ماڻهو دلين جي ڌڙڪن ۾ نه رهي سگهندو آهي، سو ڌاريو نه هوندو آهي ته پيو ڇا هوندو آهي؟"

هوءَ ڪجهه نه ڪُڇي!

منهنجو مَنُ ريزا ريزا ٿيڻ لڳو، ائين ڀانيم، جڻ مارگلا جي پهاڙين تي زلزلو آيو هجي...! هونئن به دلين جي دنيا ۾ آيل زلزلو، پهاڙين جي زلزلي کان وڌيڪ ڀاري هوندو آهي...!

مان خاموش ٿي ويس. ڪپلنا منهنجي خاموشي کي نه سمجهي سگهي!

مارگلا کان واپسيءَ تي منهنجي من ۾ مايوسين جي گهري خاموشي حاوي ٿي وئي هئي. ساگر گاڏي ڊرائيونگ ڪندي، ڪڏهن مون طرف ته ڪڏهن ڪلپنا کي پئي ڏٺو. شايد هن منهنجي بدليل چهري جي ريڪائن کي پرکڻ ٿي گهريو. گاڏي ۾ سفر ڪندي، الائي ڇو مون کي ائين لڳي رهيو هو، جڻ اسلام آباد جا سمورا رستا خزان جو شڪار ٿي ويا هجن. پنهنجي ڪيفيت، پنهنجي سمجهه کان ٻاهر هئي... اندر ۾ وڍ هئا... جسم ۾ بيچيني... ۽ سوچن جو سفر تيز:

"منهنجي قسمت ۾ شايد هن جي حاصلات لکيل ناهي.... هن جي حاصلات ته پري جي ڳالهه ٿي .... هن جي پيار کي به نه ڪٽي سگهيس...؟ هوءَ پٿر دل آهي...؟ .... ناهي ... !؟ آهي...!؟"

ڪيترين ئي هاڪاري ۽ ناڪاري سوچيون گردش ڪنديون رهيون.

اوچتو گاڏي بريڪ لڳائي، ته سوچن جي ڊوڙ کان واپس مڙيس. ساگر جو گهر سامهون هو. ڪلپنا پنهنجي پرس کي سنڀالي هڪ نگاهه مون تي وڌي ۽

www.sindhsalamat.com

منهنجي چهري جي بدليل رنگن کي ڏسي هن هڪ لفظ بہ ڳالهائڻ سواءِ چپ چاپ گاڏي مان هيٺ لهي، ساگر جي گهر ۾ داخل ٿي وئي.

”ڇا مسئلو آهي؟“ ساگر مون کي غور سان ڏسندي پڇيو: ”تنهنجو چهرو ڪجهہ لٽل ٿو لڳي...!!“

”خير آ...! بس...!!“

”مون تنهنجي چهري جون ڪجهہ اڏوريون ڪهاڻيون پڙهي ورتيون آهن!“

”هن مون کان ڏڪار ڇو ڪئي آهي ...؟ ڇا مان هُن جي لائق نہ آهيان؟“ منهنجي دل جو درد وڌڻ لڳو، چيم: ”مان هن جي جيت جا خواب کڻي هڪ هڪ پل انتظار ۾ گذاري جيئندو ۽ مرندو رهيو آهيان...!!“

”واهہ ديوانا ... واهہ!“ ساگر جو طنزيہ لهجو مون کي ڏکيو لڳو، چيائين: ”توکي ”هُن“ کي چاهڻ کان اڳ ۾ ڪجهہ سوچڻ گهرجي ها، تنهنجي ۽ هُن جي وچ ۾ مذهب جي ديوار آهي، پر تون....!“

”محبتون ڪڏهن بہ مذهبن جون محتاج نہ هونديون آهن...“ چيم: ”ساگر جيڪڏهن سوچي ۽ فيصلو ڪري محبتون ڪيون وڃن ها تہ پوءِ ڪير بہ محبتن ۾ دوکو نہ کائي ها.... ڪوبہ دلين جي ڌڙڪنن کي نہ سمجهي ها.... ڪوبہ بادشاهہ گداگر سان محبت جي هام نہ ڀري ها..... ڪوبہ ماڻهو مسافر ۽ راهگير سان دل جا پيچ نہ پائي ويهي ها...!!“

منهنجي اکين مان لڙڪ قطارون ٺاهي دامن کي ڀڄائي رهيا هئا، دل جو درد اکين ۾ لٽل هو...!

”وشال صاحب ....“ ساگر پنهنجي گاڏي کي سڄي پاسي موڙي ڳالهايو: ”مون اڳ ٻڌو هو، پر اڄ اکين سان ڏٺو اٿم، محبت ماڻهوءَ کي ڍاهي بہ ٿي تہ ٺاهي بہ...!“

”ٺاهي تہ ٿَـرُ بہ باغ بهار لڳي ۽ جي ڍاهي تہ هر منظر خزان...!“

”ها بلڪل نيڪ ٿا چئو!“ ساگر جي هڪ گهري نهار مون تائين ڪجي وئي، چيائين ”سرد موسم ۾ اوهان جي چهري تي پگهر اچي رهيو آهي...“

”من اندر جي گرم موسم کي ٻاهر جي سرد موسم پنهنجي اثر ۾ نہ رکي سگهندي آهي.“ ڪيس سمجهائيندي چيم: ”تو ڪڏهن ”ساگر“ لفظ جي مفهوم کي گهرائي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي...؟“

”نہ!“

”تون ڪڏهن سمنڊ تي ويو آهين؟“

”ها“

”سمنڊ ڪيترو گهرو هوندو آهي؟“

”تمام گهڻو!“

”منهنجو مَنُ بہ هڪ ساگر جهڙو گهرو آهي.... هزارين غم ساگر جي لهرن جيان، منهنجي من کي گهيري ۾ آڻي رهيا آهن.... هر ڏک اڻ کٽ ....! اڻ مَيو...!!“

”اُن ساگر جي ٻوڏِ کان محفوظ رهڻ لاءِ مَن جي ساگر کي مضبوط بہ رکي سگهجي ٿو...“

”سو وري ڪيئن؟“

”هڪ ٽڏي بوتل...! گرمي جي شدت ۽ پريشاني جا پگهر ختم...!!“

ساگر هڪ ٽڏي بوتل مون طرف وڌائي.

منهنجي من اندر ۾ آنڌ مانڌ مچي، ساهہ کي سوڙهو ڪري رهي هئي ۽ چپ پياس جي شدت ۾ ڪنبي رهيا هئا، مُني بوتل يَڪ ساهي ڏوڪي ٽڏو ساهہ کنيم، چيم: ”ساگر! بوتل ڪڙي ڇو آهي؟“

”زهر کي زهر پڇي!“

”ڇا مطلب؟“

”درد جي ابتدا درد ۽ بوتل جي ابتدا رليڪس.... سڀ ٽينشن ختم...!!“

چيائين: ”اڳ ۾ ڪڏهن نہ پيتي اٿئي ڇا؟“

”ڇا؟“

”ووڊڪا!“

”هان...!“ مون کان دانهن نڪري وئي، چيم ”تون مون کي شراب پياريو آهي...!؟“

”نہ ...! بوتل پيئاري آهي...!!“

”منهنجو متو ٿو ڦري ... تون ڪا حرڪت ضرور ڪئي آهي.“

”تنهنجو متو ٿو ڦري هاڻي ئي.... اجا انتظار ڪر.“

”انتظار؟“

www.sindhsalamat.com

”ها!“

”ڪنهن جو؟“

”ان وقت جو جڏهن تنهنجو مٿو وڌيڪ ڦِري ۽ پوري اسلام آباد توکي گول ڦرندي نظر اچي.“

مان حيران هئس، مُنهنجو اداس مَنُ اداس نہ رهيو هو... درد ڇا ٿيندو آهي...؟ ڇو ٿيندو آهي...؟ نہ ڄاڻ تہ اندر ۾ ڪوبہ غم نہ رهيو هو ..... اسلام آباد هڪ ڀيرو ٻيهر ڏاڍي وڻندڙ ۽ من موهيندڙ ٿي پئي هئي... هر منظر جُهڙالو...! ۽ هر پل راحت بخشيندڙ...!! منهنجون اکيون خمار جي اڻ ڏٺي سڪون ۾ بار بار کوئجي ٿي ويون.... مون کي سمجهہ ۾ ئي نہ ٿي آيو تہ مان ڪير آهيان ...؟ ڪاڏي وڃي رهيو آهيان؟

”وشال! هي ٽَڪري دامن ڪوهہِ جي نالي سان مشهور آهي...“

”دامن ڪوهہ ڇا آهي؟“

”هڪ خوبصورت ٽڪري!“ ساگر جو ٻيهر آواز آيو، چيائين:” هتي ٻن ڏينهن کان وڏو ميلو لڳل آهي !“

”هن ميلي ۾ ڪير ايندو؟“

”سڄي ملڪ جون سونهن راڻيون!“

”هتي ڇا ٿيندو_ ؟“

”ناچ ...! حسن جي نمائش...!! ۽ .....“

”۽ ..... ۽ ڇا؟“ منهنجو آواز ڀاري ٿيڻ لڳو ”ها..ها..ها.. هي پيارو پاڪستان آهي، هتي سڀ ڪجهہ جائز آهي.... سڀ ڪجهہ...! ڪلما پڙهڻ.... جسمن جي نمائش ڪرڻ...!!“

”چُپ ڪر...! بڪواس نہ ڪَر..... نہ غم ٿو برداشت ڪري سگهين ۽ نہ غم ڀلائڻ جو دارون...!!“

”دارون هڪ ديواني جو!“

(مون کان هڪ ٽهڪ نڪري ويو.)

منهنجي ٽهڪ پويان ساگر جي چپن تي مرڪ تري آئي، چيائين: ”جهڙالي مَن کي جوش وٺراءِ ... دل کولي ٽهڪ ڏي.... ۽ خوشين جا لمحا اکين ۾ قيد ڪر...!!!“

دامن ڪوهہ ۾ داخل ٿيندي ساگر اڳ ۾ ۽ مان اُن جي پويان لَڙِڪڙائيندي هلندو ماڻهن جي هڪ هجوم طرف هليو آيس. جتي جوان ۽ حسين عورتون مردن جي موهہ اڳيان پنجابي گاني جي ڌن تي ڊانس ڪري رهيون هيون... اڌ اگهاڙين ۽ اڌ ڍڪيل جوان جسمن وارين عورتن کي هرڻين وارا ڇال پائيندي ڏسي تڪيندو رهجي ويس. دامن ڪوهہ جي هر ڏسا ميلي ۽ جوانڙين جي حُسن ۾ ٻهڪي اُٿي هئي.

”هي نوجوان حسين ڇوڪرين جو ناچ ڪهڙي خوشي ۾ ٿي رهيو آهي؟“

ساگر کان پڇڻ وارو ئي هوس جو منهنجي نظر اسٽيج تي سڀني نر تڪين کان منفرد ناچ ڪندڙ ڇوڪري تي پئي.

”هيءَ ڇوڪري تہ ڏاڍو وڻندڙ ناچ ڪري رهي آهي.... وار چيلهہ تي...! سنهڙو سيپڪڙو جسم.... اکين ۾ شرارت.... اڀريل ڇاتي جو اڌ اُڀار نموندار...! ڀوري بگڙ، ڄڻ سندس جسم باهہ مان ٺهيل هجي...! چنڊ جي چانڊوڪي کي لڄي ڪندڙ جواني....!!

”پر هي نچن ڇو ٿيون...؟ هي ڪهڙو ميلو آهي، جتي وڏا وڏا امير ماڻهو نچندڙن نارين کي خريدڻ جي ڪوشش ڪندي ساوا، ڳاڙها نوٽ نِڇاور ڪري رهيا آهن؟!“

مسلسل منهنجون نظرون اسٽيج تي ٿيندڙ ناچ ۾ کُتل آهن...! ٿورو ذهن تي زور ٿو ڏيان.... اها عورت تہ ڪٿي ڏٺل ٿي لڳي...! پر ڏٺي ڪٿي آهي...؟ ڪٿي؟ منهنجون خماريل اکيون هن جي سڃاڻپ ڳولهينديون رهيون. غور سان ڏسڻ ڪري منهنجون ۽ هن جون اکيون اچانڪ اڙجي ويون. هن کان ڄڻ سڀ ڪجهہ وسري ويو. نچندي هن جي نخرن ۾ سُسِتي اچي وئي. ائين گهوري ڏسڻ لڳي ڄڻ سڃاڻي وئي هجي ۽ پوءِ هوءَ لوهہ پائي مون طرف وڌي آهي:

”ڪيئن آهين.... ؟“ ويجهو اچي پڇيائين.

مان حيران ٿي هن کي اوپرن وانگي تڪيندو رهيس، ”تون آهين ڪير؟“

”تو.... مون کي نہ سڃاتو؟“

”نہ!“

”وشال! مان آرزو آهيان!“

”ڪهڙي آرزو؟ ڪنهن جي آرزو؟“

www.sindhsalamat.com

”تنهنجي ننڍپڻ جي آرزو ....“

”منهنجي ننڍپڻ جي؟“

”ها“

”مان ڪير آهيان؟“

”تون وشال...! مان آرزو...!!“

”مان ڪنهن کي نہ ٿو سڃاڻان؟ نہ توکي، نہ پاڻ کي...!!

”وشال تون مون کي نہ ٿو سڃاڻين...؟ مون تنهنجي پيار جي حاصلات جي آس ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃايو آهي.... سڀ ڪجهہ...! ڳوٺ.... رشتا.... محبت ۔ سڀ اميدون...!

”محبت ؟“

”ها!“

”محبت آهي ڇا؟“

”محبت بيوفا يادن جو حصو آهي.... محبت آرزو جي اڌوري ڪهاڻي آهي“

”تون آهين ڪير؟“

”سنڌ جي چيڪي مٽي آهيان مان، پر وقت دامن ڪوهہ جي راڻي بڻائي ڇڏيو آهي.“

”ءِ مان سنڌ جي مٽيءَ جو هڳاءُ آهيان..“

ڪجهہ ڏٺل ۔ ڪجهہ اوپري لڳندڙ عورت، مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ پڪڙي اچي گاڏي ۾ ويهاريو.

گاڏي جبل جي وَر وَڪڙ رستن تي ائين هلڻ لڳي، جيئن سمنڊ جي تيز لهرن ۾ تيز لانچ ...!!

”هاڻي ڏي خبر؟“ هوءَ سهارو ڏيندي بند ڪمري ۾ وٺي وئي، چيائين: ”تنهنجي هن بگڙيل حالت ۾ ڪنهن جو ڪروڌ آهي...؟ جيئن آسمان جون بلنديون ڌرتي نہ ٿيون ڇهي سگهن، تيئن تنهنجي اڌولتا کي بہ ڪوئي نٿو جهڪائي سگهي...؟ پوءِ توکي ڇا ٿيو آهي..؟ ڳالهائين ڇو نہ ٿو؟“

”منهنجا لفظ صديون اڳ مري ويا آهن، مان ڇا ڳالهايان...؟ هي منهنجو پيو جنم آهي، پين جنم وارا ماڻهو نہ ڳالهائي سگهندا آهن...!!“

”پيون جنم؟“

”ها“

”پهرين جنم ۾ ڇا ڪندو هئين؟“

”وقت جو شهزادو هيس..... مون وٽ ٽي پريون هيون.... ٻہ حڪم جي تابع پَريون ۽ هڪ نافرمان پري!“

”انهن پَرين جا نالا ڇا هئا؟“

”پَريون فقط پريون هونديون آهن، انهن جو ڪوبہ نالو نہ هوندو آهي!“

”تون پاڻ کي ڪنهن جي خاطر وڃائي ڇڏيو آهي؟“

منهنجون اکيون ٻوٽجڻ لڳيون ۔

پوءِ بہ اهو محسوس ضرور ڪيم، تہ هوءَ منهنجي هٿن کي چمڻ لڳي هئي، چيائين: ”تو مون کي ٺڪرائي ڇڏيو تہ مان دربدر ٿي ويس، پر وقت اڄ توکي بہ راهہ ۾ رولي ڇڏيو آهي....!!“

”.....“

مون کان آواز نہ ٿي نڪتو.

”وشال! ڪجهہ ڳالهاءِ...! منهنجو ساهہ ٿو گُهٽجي .... مان توکي ان حال ۾ نٿي ڏسي سگهان .... منهنجي زندگي...! مان تنهنجي هر ساهہ تان قربان وڃان.....! تون مون وٽ نہ هوندي بہ منهنجو آهين.... تون ئي مون گنهگار جو يوسف آهين ۽ مان تنهنجي فراق ۾ پڇرندڙ زليخان....! هاڻي تہ اُٺ نہ منهنجا... ش .... هہ .... ز .... ا.... د .... ا ....“.

مان پيو ڪجهہ ٻُڌي نہ سگهيو هوس.

صبح جو دير سان اک کُلي تہ هوءَ نہ هئي!

بند ڪمري ۾ ڏيمي اوندهہ پکڙيل هئي.

”مان ڪٿي آهيان؟.... مون کي ڇا ٿيو آ ....“

مان پاڻ سنڀالڻ ۾ لڳي ويس.

سوچن جي رفتار تيز ٿيندي وئي، الائي ڪيترا منظر اکين اڳيان گردش ڪرڻ لڳا:

بند ڪمري ۾ هوءَ منهنجي مٿان بيٺل هئي شايد!

مان ساڪت بڻيل...! ڪجهہ بہ نہ ڪچي سگهڻ جهڙو...!!

www.sindhsalamat.com

”وشال! تون نہ ملين، تنهنجي نہ ملڻ جي ڏک ۾ مان ڪميني مرشد جي ڪڍ لڳس، جيڪو لالچ ۾ اچي مون کي هتي چنڊ تَڪن ۾ وڪٽي گم ٿي ويو... پر هاڻي توکي نہ وڃائيندس... تون اُٿ تہ سهي، فون تي ڊاڪٽر کي اچڻ جو چيو اٿم، اجهو ڪِي آيو ... توکي ڪجهہ نَہ ٿيندو....“

پوءِ.... پَڪ سان ڪو ڊاڪٽر ئي آيو هوندو... هڪ انجيڪشن لڳي هئي ۽ ڪجهہ پاڻي جا چنڊا....!!

”مريض صبح تائين هوش ۾ اچي ويندو، گهڻي شراب پيئڻ سبب هي گهري خمار ۾ آهي، باقي خطري جي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي...!“

جڏهن ڊاڪٽر هليو ويو هو تہ هڪ وجود جا قدم پاڻ ڏانهن ڪڇندي محسوس ڪيا هئم. پرسان پهچندي هن جي پاري وجود جو ڇهاءُ پنهنجي وجود جي مٿان حاوي ٿيندي محسوس ڪيو هئم.... هن جا چَپ، منهنجي گرم چپن تائين ايندي رُڪجي ويا هئا، پر..... پر هن جا وار منهنجي ٻانهن مٿان مڪمل قابض هئا ۽ مان هن جي قبضي هيٺ...!! منهنجا ڍڳا ساهہ، هُن جي جوڀن سان ۽ هن جو جوڀن منهنجي سيني سان ٽڪرائڻ تي لڳا، مگر مان تہ ڪڇڻ جهڙو ۽ نہ مزاحمت ڪرڻ جهڙو هوس.... ٻڌم تہ سڀ ڪجهہ پئي، پر آواز صفا نہ پئي نڪتو، ڇڻ زبان ڪٽيل هجي.....

”وشال !جڏهن مان عام چوڪري هئس، تڏهن تنهنجي انگ انگ تي چمين جا نشان ڏئي، توکان پيار جون نشانيون ۽ اڏورين آشائن جون ساڀيائون پئي گهريم.... منهنجي منٿن کي تو نہ ڏنو هو.... اڄ جڏهن مان ڪال گرل بڻجي وئي آهيان تہ، اسلام آباد جا سڀ سفيد پوش منهنجي حُسن جا پوڄاري ٿي پيا آهن، مان چاهيان تہ تنهنجي جواني مان بنا ڪنهن انتظار جي سڀ ڪجهہ پائي سگهان ٿي، پر اڄ منهنجي دل، تنهنجي جسم ۽ تنهنجي جواني جي تحفظ لاءِ هام پري ٿي.... تون ڪٿي بہ هُج، خوش هُج.... ڪنهن جو بہ هُج، پر مان توکي مُرڪندي ڏسڻ چاهيان ٿي...!“

اوچتو ڪمري جي دروازي جو چيڪات ٿيو... اکين اڳيان رات وارا منظر وڃائجي، گم ٿي ويا.... اونداهين ڪمري ۾ روشن سج جا اولڙا پکڙجڻ لڳا تہ هُن ڏانهن ڏٺم:

”آرزو ....“ مونکان دانهن نڪري وئي، چيم: ”تون ڪٿي هُئينءَ...؟ سڄو ڳوٺ تنهنجي ڳولا ۾ آهي...!!“

آرزو مون طرف وڌي آئي، هُن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

”مون کي تنهنجو فڪر هو....“ چيائين: ”وقت جي ڪهڙي طوفان، تنهنجي جوانيءَ ۾ مٿي جا تَهہ جمائي ڇڏيا آهن؟“

”آرزو! جنهن پيار جي حاصلات، توکي برباد ڪيو، تنهن محبت جي پويان پٽڪندي مون بہ پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃايو آهي.“

آرزو جي ڳوڙهن سان پنل نيٽن ۾ نماري نہ سگهيس.

هوءَ جينز پهريل جسم ۾ ڏاڍي پُرڪشش لڳي رهي هئي.

”مان ويندس... “ چيم: ”تون بہ مون سان گڏجي ڳوٺ هَلُ.... تنهنجو وار بہ وِنگو نہ ٿيندو.... انسان غلطين جو گهر آهي...“

”وشال! منهنجي سڃاڻپ بدلجي وئي آهي.... مان اُها نہ رهي آهيان.... وقت جي طوفانن مون کي ”وئشيا“ جي سڃاڻپ ڏني آهي... مان ”مان“ نہ رهي آهيان.... ”مان“ واپسي جا رستا پڪڙي ڳوٺ وارن جي چهرن تي بدنامي نہ ٿي ڏسڻ چاهيان...“

”توکي واپس هلڻو پوندو!“

”ڪڏهن بہ نہ !“

”ڇو؟“

”منهنجا هٿ پير ٻڌل آهن..“ آرزو جو آواز جيهڙو ٿيڻ لڳو، رازداري واري انداز ۾ چيائين: ”مان بظاهر تہ آزاد آهيان، پر منهنجي پويان وحشي ڪُتن جون قطارون ڇڏيل آهن.... منهنجي ڪمرن ۽ منهنجي محفلن ۾ ماڻهو اچي وڃي تہ سگهن ٿا، پر مان ڪڏهن بہ اسلام آباد کان ٻاهر نہ ٿي نڪري سگهان...!“

”تون هل، توکي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، مان توسان، توکي هن جنهم، مان ٻاهر ڪڍڻ تائين ساٿ ڏيندس.... تون مون تي نہ سهي، هڪ انساني حقن جي اڳواڻ تي اعتبار رک!“

”اعتبار...؟“

”ها!“

www.sindhsalamat.com

”انساني حقن جون سڀ تنظيمون، انهن جون ذيلي تنظيمون آهن...!“
آرزو جو آواز جيهڻو ئي رهيو، چيائين: ”هو ملڪ جا ڪرتا ڌرتا آهن، چاهن ته جمهوريت هجي ۽ چاهين ته آمريتي راڄ...!! هنن جون سنگينون ڪير ٿو روڪي سگهي.... تون ڳوٺ وڃي، ڪنهن سان به آرزو جو ذڪر نه ڪجان.... آرزو جو انت ٿي ويو آ.... مري وئي آ هوءَ...!! ”مان“ جيڪا تنهنجي، سامهون آهيان، تنهن جو نالو راڻي آهي ، اسلام آباد جي راڻي..... سنڌ جي حُسن کي اسلام آباد جا وڏا وڏا سفيد پوش سجدو ڪندڙ آهن.... مون کي آرزو جي سڃاڻپ ڪير به واپس نٿو ڏئي سگهي! ڪير به نه...!!؟“

”مان هلان ٿو هاڻي- راڻي“

”جهٽ ويهه وشال!“

”ڇو؟“

”اڄ دل ڪولي ڏسڻ چاهيان ٿي توکي...!!“

”ڇا رکيو آهي مون ۾؟“

”تون منهنجي ننڍپڻ جي محبت آهين، اکپوٽ کان گُڏين جي راند تائين جون يادون وابسته آهن توسان.... توکي اهو زمانو ياد هوندو، جڏهن اکپوٽ راند کيڏندي تون ڳوٺ جي ڳلين ۾ لڪي ويندو هئين ته مان توکي نه ڳولي سگهندي هيس، پر تون ڳولي لهڻ ۾ دير نه ڪندو هئين.... چوندو هئين: ”آرزو تون ڪٿي آهين...؟ ڄاڻ لَڀينءَ...؟ اجهو تو وٽ پهچڻ وارو آهيان...! پوءِ ڀيون چوڪريون شور ڪنديون ڊوڙي ويندیون هيون ۽ مان پڪڙجي پوندي هيس.... اڄ به گمناميءَ جي لِڪ لِڪوٽيءَ ۾ مون کي تو ئي ڳولي لڌو آهي. مان نه...!!“

مون غور ڪري آرزو ڏي نهاريو. هن جي اکين ۾ ساگر جهڙي ٻوڏ هئي!

هن کان موڪلائي ٻاهر آيس.

ٻاهر ايندي ساگر جي ڪئي دفعا کال اچڻ لڳي، پر مان هن سان ناراض هجڻ سبب سندس هر ايندڙ کال کي ڪٽيندو رهيس. گهڻي دير کان پوءِ هن چالاڪيءَ کان ڪم وٺندي هڪ نئين نمبر تان کال ڪري فون کڻڻ تي مجبور ڪيو:

”ناراض آهين؟“

”ها“

”مذاق ۾ ايڏو سيريس؟“

”توکي منهنجي حساسيت جي خبر هوندي اهڙي ڪريل مذاق نه ڪرڻ ڪپندي هئي“

”تو واقعي ڪڏهن به شراب نه پيتو آهي؟“

”نه“

”پوءِ تون اڄ جي هن نئين نسل جو بزرگ چئبين!“ ساگر جي آواز ۾ حيرانگي ڊوڙي آئي، چيائين: ”هتي اسلام اباد جا اڪثر ماڻهو شراب نه پيئن ته زندهه ئي نه رهي سگهن.“

”ماڻهو کي هڪ زندگي ٿي ملي، پوءِ به هو اها مختصر زندگي مري ـ مري ڇو ٿا گذارين؟“

”هو ان کي انجواءِ ٿا سمجهن.“

”وشال...!سوري يار...!!“

”مان توکي ڇا ڪري سگهندس...؟ معافي وٺين يا نه...!مون سان جيڪو وهيو واپريو، اها مونکي خبر...!!“

”هڪ ڳالهه ته ٻڌ؟“

”ها پُڇ!“

”سرڪاري نوڪري ڪندين...؟ ڇڏ اجايو رلڻ ....ڪجهه پنهنجي فيوچر جو به سوچ ...!!“

”سوچيان ٿو پنهنجي والدين ۽ ٻين ويجهن رشتيدارن کي ڳوٺ کان ڪنهن سني شهر شفٽ ڪرائي ڇڏيان.“

”اسلام آباد هليو اچ ....هڪ وفاقي منسٽر سان گهرا واسطا آهن، تون چوين ته تنهنجي لاءِ هڪ سٽيپي ڪرسي واري نوڪري جو بندوبست ڪجي ..... تنهنجو ڇا خيال آهي؟“

”مان سرڪاري نوڪري نه ڪري سگهندس...“

”ڇو؟“

”منهنجو هر عمل انهن جي نافرماني ۾ شمار ٿيندو...“

”ڇا مطلب؟“

www.sindhsalamat.com

”مان نہ شراب پيئڻ جو عادي آهيان ....۽ نہ ئي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ انوکين محفلن ۾ شريڪ ٿي سگهندس...“

”ٻاڦي ڇا ڪندين؟“

”ڌرتيءَ جي حفاظت!“

”اسين بہ سڀ ڌرتيءَ جي حفاظت ڪيون ٿا...“

”توهان ڪهڙي حفاظت ٿا ڪيو؟“

”ڏينهن رات پاڪ وطن جي خدمت ۾ مصروف آهيون، ڪنهن ڌارئي جي مجال جو ميري اک کڻي نهاري... “

”پيو ڪو ڇو نهاريندو؟ رڳو اوهان خير ڪري ڪائو!“

”نہ سمجهيم؟“

”پنهنجي ئي ملڪ جي ننڍين قومن جا حق غضب نہ ڪيو...!“

”اجان بہ نہ سمجهيم؟“

”ٻلوچن ۽ سنڌين کي ديوار سان نہ لڳايو...! ايئن نہ ٿئي جو آزاد بلوچستان ۽ سنڌو ديش وجود ۾ اچي وڃي...!“

”اهي ماءُ جا لال اجان نہ ڄاوا آهن، جيڪي پاڪ وطن کي ٽڪرا ڪري سگهن.“

”ڄاوا ڇا وڏا بہ ٿيا آهن.....توهان کي نظر نہ ايندا تہ ڪو بہ فرق نہ پوندو...“

”ڄميا آهن تہ باقي بہ نہ رهندا!“

”اهو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي، جنهن ظلم جي خلاف اسان انساني حقن جي پليٽ فارم تان سڄي دنيا آڏو آواز اٿاريندا رهنداسين.“

”تون اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر.... تمام جلد باغي سمجهي ماريو ويندين!“

”مان باغي .... تون غدار...!“ چيم: ”تو سنڌ جي مٽيءَ کي لڄايو آهي...! تاريخ توکي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي...!“

9

اسلام آباد کان پنڊي ڪوچ تي لاڙڪاڻي ايندي ڪلپنا تمام گهڻو نروس هئي، هڪ ئي سيٽ تي سفر ڪندي هن جي ڪڇندڙ ساهن جي رفتار جو آواز بہ ڇٽو پئي ٻڌم، پر هوءَ صفا چپ هئي.

”ڪلپنا ...“

منهنجي آواز تي هن ڇرڪ ڀري مون ڏي تڪيو .

”ڇو پريشان آهين؟“

”نہ!“

”تنهنجون اکيون ڳالهائن ٿيون.“

ڪجهہ گهڙيون وري خاموشي جي حوالي ٿي ويون.

”تون سمجهين ڇو نہ ٿو؟“

”ڇا؟“

”جيتوڻيڪ پيار هڪ فطري جذبو آهي، ان جي ’ٿيڻ ۽ نہ ٿي وڃڻ‘ تي ڪنهن جو بہ وَسُ نہ هلندو آهي.“ هن جي آواز ۾ التجا سمايل هئي. چيائين: ”پر پوءِ بہ حالتن سان سمجهوتو ڪري اهڙي هنڌ ڊِل هرگز نہ اٽڪائجي، جتي درد ساٿي بنجي ۽ پيڙائون جيون جو حصو!“

”ڇا مقصد آهي، تنهنجو...؟ آخر تون چوڻ ڇا ٿي چاهين؟“

”وشال! مون گهڻي وقت کان محسوس ڪيو آهي....!“ هوءَ ايترو چوندي رُڪجي وئي.

”ڇا محسوس ڪيو اٿئي؟“ چيم: ”مان تنهنجي بند چپن مان هي لفظ ٻڌڻ گهران ٿو، جن لفظن جي انتظار ۾ حياتي جا آڻ ڳڻيا پَلَ گذاريا آهن!“

”تون ..... تون .....“ چوندي وري چُپ ٿي وئي. جهٽ بعد هن پنهنجي خاموشيءَ تي قابو پائيندي ڳالهائڻ جي شروعات ڪئي.

”تو ڪڏهن پرديسي پکي ڏٺا آهن؟“

”ڪهڙا پکي؟“

”اهي پکي جيڪي سال جي هڪ موسم سنڌوءَ جي ڍنڍين ۾ گذاريندا آهن، تہ وري سال جي ٻي موسم گنگا جمنا جي ندين ۾ رهندي گذاريندا آهن‘

www.sindhsalamat.com

انهن پڪين جي خوبصورتي پري کان ڏسڻ گهرجي، نہ ڪي انهن جا پَرَ پٽجن...! ڇو تہ پَرَ پٽيل پکي نہ سنڌ جي ڍنڍن جا مهمان ٿي سگهندا آهن ۽ نہ ئي گنگا جمنا جا...!!"

"ڪلپنا! مان تنهنجي لفظن جي رمز کي نہ ٿو سمجهان؟"

"انهن پرديسي پڪين سان ڪڏهن بہ دل نہ اڙائجي...!!"

"ڪلپنا!" چيم، "دلين جي ڏڙڪنن ۾ فاصلا ڪابہ اهميت نہ رکندا آهن....!!"

"مذهبن جي ڌاريائي ڏڙڪندڙ دلين ۾ بہ وڇوٽيون آڻي سگهي ٿي." چيائين: "هڪ هندو ڇوڪريءَ ۽ مسلمان نوجوان جي پريم کي ڇا انتها پسند قوتون برداشت ڪري سگهنديون....!؟"

اوچتو موبائيل جي رنگ اچڻ سان ڪلپنا ۽ منهنجي وچ ۾ ڇڙي ويل بحث اڌورو رهجي ويو هو. هوءَ فون تي ڳالهائيندي اچانڪ گهبرائجي وئي ۽ هن جي چهري جا رنگ اڏامي ويا.

"لاڙڪاڻي ۾ تمام وڏو سانحو ٿيو آهي؟!"

"وري ڇا ٿيو آهي؟"

"شِرپسندن ڌرمشالا کي باهِ ڏئي، سڄي شهر ۾ حراس پکيڙي ڇڏيو آهي..."

"ڇا؟" مون کان ذري گهٽ رڙ نڪري وئي، چيم: "ان عمل ۾ ضرور ڪا گهري سازش ٿي هوندي، اهي سازشي نہ ٿا چاهين تہ سنڌ جا سنڌي هندو ۽ سنڌي مسلمان پاڻ ۾ پيار ۽ رواداري سان رهن...."

مون کان وڌيڪ رهيو نہ ٿيو. يڪدم لاڙڪاڻي جي هڪ قومي سڃاڻپ رکندڙ دوست شاهزيب کان ڪال ڪري پڇيم: "لاڙڪاڻي جي تازي صورتحال ڇا آهي؟"

"هٿياربندن جا ٽولا هجومن جي صورت ۾ رت جا پياسا بنجي لاڙڪاڻي جي روڍن تي آزادي سان گهمي رهيا آهن."

"پوءِ ڇا ٿيندو؟"

"مان بہ اُن ئي سوچ ۾ گم آهيان، تہ آخر ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

"جيڪڏهن رڳو سوچڻ ۾ هونداسين تہ پوءِ وقت اسان جي هٿن مان هليو ويندو." چيم: "ان کان اڳ، جو اهي جنوني ڪو وڏيڪ نقصان ڪري وجهن، توکي پنهنجي شهر جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن سان هنگامي بُنيادن تي رابطي ۾ اچي شهر جي سڀني مندرن ۽ هندوڌرم سان تعلق رکندڙ اقليتي برادري جي جانين ۽ ملڪيتن جي تحفظ ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.... اهي مذهبي ٺيڪيدار پاڻ کي الائي ڇا ٿا سمجهن؟"

"اوڪي... تون اطمينان رک!"

جهٽ رکي جڏهن ڪلپنا پنهنجي هِندو ڪميونٽي جي وزيرن ۽ مشيرن سان رابطي مان فارغ ٿي، تہ مون ڊي، آءِ جي ۽ ڊي ـ سي او لاڙڪاڻي سان رابطو ڪري ڪين فوري طور شهر جي بگڙيل صورتحال کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جو زور رکيو.

ڪجهہ گهڙيون گذريون تہ شاهزيب جي وري فون آئي، چيائين: "صورتحال ڏاڍي گنڀير آهي، پر پوءِ بہ اسان جي ساٿين جا حوصلا مضبوط آهن....."

شاهزيب ايترو ڳالهائي چپ ٿي ويو، پر هن جي ڪال هلندي ئي رهي، شايد هن سڄي صورتحال کان مون کي باخبر رکڻ ٿي چاهيو:

"اسان هِندن کي هرگز جيئرو نہ ڇڏيندا سين؟"

"پر ڇو...؟ هنن جو ڏوهہ ڪهڙو آهي؟"

"هنن جي هڪ ماڻهوءَ اسان جي پاڪ ڪتاب جي بيحرمتي ڪئي آهي.."

"اهي سڀ افواهہ آهن!" شاهزيب جو آواز چٽو ٿي ٻڌڻ ۾ آيو، "اوهان پاڻ ۽ پنهنجي ماڻهن کي سمجهايو، اگر اهڙي ڳالهہ هوندي تہ ان بيحرمتي ڪندڙ کي ضرور قانون جي حوالي ڪيو ويندو...!!"

"اسان پنهنجي مجرم کي پاڻ سزا ڏيندا سين!"

"اسان جا مسلمان ڪشمير ۾ بہ ظلم جو شڪار آهن تہ هِتي بہ، اسان ائين هرگز ٿيڻ نہ ڏيندا سين."

"خدا کان ڊڄو...! اهي هندو، جيڪي پنهنجا ساهہ بہ مسلمانن جي خوف ۾ ٿا ڪٽن، سي اوهان جي مذهب سان هٿ چراند ڪيئن ڪندا؟"

www.sindhsalamat.com

”اسان هڪ بہ مندر سلامت نہ ڇڏينداسين .... اسان جا پاڪ ڪتاب شهيد ڪيا ويا آهن، انهن جا مندر مٽائهان آهن ڇا؟“

”هاڻي هڪ هندو هن پاڪ سرزمين تي رهڻ نہ ڏينداسين.“

”ڇو...؟ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آ هندن...؟ اگر توهان جي هڪ بہ ماڻهوءَ لاڙڪاڻي يا سنڌ جي ڪنهن بہ هندوءَ کي ڪو نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پوءِ اسان بہ هندن جو طرف هونداسين.“

”پوءِ رت جو درياهہ وهندو....!“

”درياهہ وهي يا سمنڊ؟“ شاهزيب هَٽ تي بيٺل هو. ”توهان پاڻ کي مسلمان سڏرائيندي، ڪائي لج بہ محسوس نہ ٿا ڪيو..... اسلام تہ سلامتيءَ جو دين آهي.... اوهان خدا جي ڌرتيءَ تي، اسلام خلاف خود سازش جو شڪار آهيو..... اوهان کي استعمال ڪندڙ اجان ڪي پيا آهن...!“

”توهان پري ٿي وڃو...! اسان نہ ٿا چاهيون تہ ”بہ مسلم“ ڌريون پاڻ ۾ وڙهن...!“

”توهان ڪهڙا مسلمان آهيو...؟ توهان جي ان عمل سان انسانيت جو تماشو ٿي رهيو آهي...! توهان نہ انسان آهيو ۽ نہ مسلمان؟“

منهنجي دل زور سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو هو، اندر ۾ بيچيني وئي ٿي وڌندي: ”هيلو...! هيلو شاهزيب...! انهن انتها پسند مُلن جي اڳواڻي ڪير ٿو ڪري، مونکي ان سان ڳالهراءِ ... هيلو.... مان توسان ٿو ڳالهايان شاهزيب...!

منهنجو آواز شاهزيب تائين شايد نہ ٿي پهتو، يا هو ڪشيدگي واري ماحول ۾ بيٺل هو.

”توهان ڪابہ اهڙي تڪڙ ڪري، قانون کي هٿ ۾ نہ کڻون، جنهن سان سنڌ جو امن تباهي جو شڪار ٿئي!“

”اسان جي نقصان ٿيڻ کان پوءِ، توهان کي سنڌ جي امن جي ڳڻتي ٿي رهي آهي.“

”هاڻي ڇا بہ ٿئي، ڪڻي قيامت اچي، اسان پنهنجي دين کي جهادَ سان ضرور سُرخرو ڪنداسين.“

”جهاد ڇا آهي...؟ اوهان جهاد جي اصل معنيٰ کان بي خبر آهيو...؟ جهاد ظالم قوتن خلاف ٿيندو آهي، نہ ڪي، مظلومن خلاف...!!“ شاهزيب جو

آواز جذبات ۾ وڌندي محسوس ڪيو هئم: ”اسان اوهان کي هاڻي ڪنهن جي بہ جانِ، مال ۽ وڌيڪ عبادت گاهن تي حملو ڪرڻ نہ ڏينداسين، چاهي نتيجو ڪهڙو بہ نِڪري ...!“

”نعره تڪبير....“

”الله اڪبر.....!!“

”اسلام جا دشمن ...“

”ڪافر ـ ڪافر...!!

شور تمام تيز ٿيڻ لڳو، جنهن کي محسوس ڪندي پانيم، ڄڻ ساهہ ويو ٿي سوڙهو ٿيندو ۽ نہ ڄاڻ تَہ ڇو پاڪستان ۽ هندستان جي ورهاڱي وارا وِڍ سامهون اچڻ لڳا.... هزارين- لکين دربدر ٿيندڙ دليون اڄ تائين نَہ جُڙي سگهيو آهن...! مسلمانن هِندن جي نسل ڪُشي جي ڪوشش ڪئي ۽ هندن مسلمانن جي...! ڪنهن جي معصوم ٻچن کي ”جو بولي سو نهال“ چئي چُرين سان ڪُنو ويو تہ ڪنهن ”اسان جو جهاد رب خاطر“ چئي راهگيرن جي عزتن سان اجتماعي لڄالت ڪري هٿ نوڪي مذهب جا ڊراما رچايا...! تڏهن بہ وحشين جا ٽولا عام هئا ۽ انسانيت جو نانءُ نشانَ بہ نہ هو...!

”شاهزيب...! ٿورو مون سان ڳالهاءِ...!!“ مان پنهنجي آواز کي پيهر بلندڪيو: ”شاهزيب! تون ٿورو بُردبارُ ٿي، باقي انهن وَڻ وَڻ جي ڪانين کي سِڌو ڪرڻ آسان آهي، اهي مذهب جي آڙ ۾ دراصل سنڌ جي سنڌي هندن کي لڏائڻ چاهن ٿا..... تون پنهنجي ڪارڪن ساٿين کي هدايت ڪري ڇڏ تہ هو ڪنهن بہ صورت ۾ پوئتي نہ هٽِن، باقي انهن شرپسندن کي ايتري طاقت ڪٿي آهي، جو هڪ ئي وقت قانون، هنڌو ڪميونٽي ۽ سنڌ جي قومي ڌارائن سان سلهاڙيل تحريڪ جي دوستن سان ٽڪراءُ ڪائي سگهن؟؟“

پوءِ اوچتو ڪجهہ گاڏين جي سائرن جو آواز ٻڌندي ڄڻ سڪون جو ساهہ کنيم .

”هاڻي صورتحال ڪجهہ نيڪ آهي.“ شاهزيب جو آواز ٻڌم،

هاڻي خطري جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي پوليس ڪجهہ ماڻهو گرفتار ڪيا آهن ۽ ڪجهہ منتشر ...!!

”زبردست شاهزيب!“ چيم ”مون کي تومان اهائي اميد هئي.“

www.sindhsalamat.com

شاهزيب سان رابطو ڪٽيندي مون يڪدم ڪلپنا ڏانهن گهوري ڏٺو، هن جو جسم خوف جي ڀاري احساس ۾ پگهرجي ويو هو.

”ڪلپنا...؟“

هن منهنجي آواز تي پاڻ سنڀالي مون ڏي ڏٺو، ڄڻ چوڻ واري هجي: ”وشال! هڪ ڏينهن اسان کي هيءَ ڌرتي ضرور ڇڏرائي ويندي.... ڪي سازشي ذهن چاهن ٿا تہ هن سيڪولر ۽ صوفي ازم جي سڃاڻپ رکندڙ سنڌ مٽجي وڃي...!“

”ڪلپنا! اسان جي قوم اڳ ۾ ئي علامہ اقبال جي ٻہ قومي نظريي جي دوکي ۾، پنهنجي قومي سڃاڻپ وڃائي ويٺي آهي.... هاڻي اسان هن ڌرتيءَ تي ٻيو ورهاڱو ٿيڻ نہ ڏيندا سين.... سنڌ کي هاڻي ڪوبہ پناهگير نہ ڪپي.... هن سنڌ تمام گهڻو ڀوڳيو آهي.... مهمان نواز ٿيندي اسان پنهنجي نياڻين جي ڄاتين تي ڊرل مشينن جا سوراخ سَٽا آهن.... ڪير ڌرتيءَ جو وارث آهي ۽ ڪير ڌرتيءَ جو قابض ...؟ اسان جي ايندڙ نسل لاءِ وڏا چئلينجز آهن...! اسان جا سڀ سڄاڻ دوست اوهان سنڌي هندن جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ چاهين ٿا، رڳو اوهان بهادر ٿي، پنهنجي ڌرتي کان ڏور وڃڻ جو نہ سوچيو....!“

ڪلپنا ٻاڙو نہ ٻوليو، مان گهڻو ئي چاهيو تہ هوءَ خاموشيءَ جي ڌٻڻ مان ٻاهر اچي، پر هن شايد خاموشيءَ جي درد ۾ رهندي امن واري وقت جو انتظار ڪرڻ چاهيو هو...!!

اهو سڄو ڏينهن ۽ سڄي رات لاڙڪاڻي جا روڊ هندو برادري جي ماڻهن لاءِ اوپرا ۽ ڀوائتا رهيا، پر ضلعي انتظاميہ ۽ شهر جي باشعور رهواسين جي جدوجهد سان پُرامن ماحول جي بحالي ۾، ٻي ڏينهن جو روشن صبح امن جي لاءِ سازگار ثابت ٿيو.

ٻي ڏينهن مان ڪلپنا سان گڏجي لاڙڪاڻي پهتس تہ، هتي هن جو پوڙهو پيءُ (ڪاڪو) پرڪاش گهر جي ساڳئي ئي ننڍڙي باغيچي ۾ ويٺي، ڪا تحرير لکندي نظر آيو.

”بابا ....“

”منهنجي پياري ڌيءَ ...!“ ڪاڪو پرڪاش ڪلپنا کي ڏسندي ڏاڍو خوش ٿيو، چيائين: ”ڪيئن آهين منهنجي لاڏلي...!!“

”بلڪل ٺيڪ“

”ڀ تنهنجو دوست؟“

”بابا....! تنهنجي شاندار تربيت مون کي ايتري شعوري سگهہ ضرور اربي آهي، جو مان خوش هجان يا نہ، پر پنهنجي دوست کي ڪو ڏک نہ پهچائڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان...!!“

ڪاڪي پرڪاش ۽ ڪلپنا جو اشارو مون طرف هو، سوچيم: ”اسان جي معاشري ۽ ماحول سان تعلق رکندڙ ماڻهو سنڌ جي اقليتي ماڻهن کي ڪيڏا تارچر ڏئي رهيا آهن، پر پوءِ بہ هي ڌرتيءَ سان اٿاهہ عشق ڪندڙ ماڻهو، اسان جي لاءِ ڪيترو فڪرمند آهن...!!“

”وشال!“

”جي ڪاڪا....!“

”ٿورو هيڏي سُري اچ! منهنجي ويجهو...!!“

ڪاڪي پرڪاش جي آواز تي، مان وڏي وجي سندس پرسان ويٺس

”هاڻي منهنجي عمر لڳ ڀڳ هڪ صديءَ جي قريب پهتي آهي، ننڍپڻ کان حياتيءَ جي هن آخري گهڙين تائين مان ڌرتي جو خدمتگار ٿي گذاريو آهي..... مسلمانن جون عيدون ٻَرادون هجن، يا هندن جا مذهبي تهوار، بغير ڪنهن فرق جي مان هن قوم جي وچ ۾ پيار ڏيندي ۽ پيارُ وٺندي گذاريا آهن .... هڪ ڌرتي.... هڪ قوم.... ۽ هڪ آسمان جي ڇانوَ ۾ گذاريندي سنڌي قوم رواداري جو مظهر رهي آهي، پر.... هينئر سازشن جو ڄار وڇائي، هيءَ ڌرتي اسان لاءِ تنگ ڪئي وئي آهي ۽ اسان اڄ ـ سياڻي جا مهمان آهيون.....“

ڪاڪي پرڪاش جي جهور پوڙهين اکين ۾ لڙڪ جلاوطن درد جو احساس ڏيڻ لڳا تہ مان بہ درد جو مجسمو بڻجي چپ چپ ويٺو رهيس، جهٽ رکي ڪاڪي پرڪاش وري ڳالهايو:

”وشال پُٽ!“

”جي ڪاڪا! آءٌ غور سان ڏسان ۽ ٻڌان پيو!“

”هن سنڌ جا ماڻهو ازل کان پيار ڪندڙ ۽ احساس رکندڙ آهن، هنن جي اندر ۾ نفرت ۽ سنگدلي پيدا ڪرڻ ۾ ڪنهن ڌارين مدارين جي سازش آهي!“ ڪاڪي پرڪاش جو مَنُ ڏکويل هو، چيائين: ”مان جيئرو آهيان تہ بہ سنڌ ۾ ۽

www.sindhsalamat.com

جي مرندس .... تہ بہ سنڌ ۾.... بس ٿورو ڪلپنا کي سمجهاءِ، حياتيءَ جي هِن آخري سفر ۾ منهنجو ساٿ نہ ڇڏي...!!

"بابا! هيءَ سنڌ هاڻي اسان لاءِ اوپري بنائي وئي آ.... هن ديس جا ماڻهو، اسان کي نفرت جي اظهار سان پيش اچي رهيا آهن.... ڪوبہ ڪامورو اسان کي حياتين ۽ عزتن جي ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهي...!!"

"تون منهنجي حياتي جا ڏينهن مون سان گڏ گذار، پوءِ تنهنجي مرضي!"

"ها بابا..." ڪلپنا جو آواز ڏکارو ٿيڻ لڳو. چيائين: "ڌرتيءَ جو درد مان چڱي طرح ڄاڻان ٿي.... ۽ اهو بہ ڄاڻان ٿي تہ جلاوطن ٿيڻ ڪان پوءِ اسان ڪٿان جا بہ نہ رهنداسين.... ڪابہ ڌاري ڌرتي اسان کي آساني سان پناهہ نہ ڏيندي.... پر سنڌ جي موڪلائي ويل ساڃاهہ اسان لاءِ انتهائي خطرناڪ پيغام آڻي رهي آهي."

ڪلپنا ۽ سندس پِتا ڪجهہ گهڙين لاءِ چپ ٿي ويا، تہ منهجي مَنَ ۾ هوراڪورا مچي پيا، جنهن ڪري سندن خاموشيءَ جي وچ ۾ ڳالهائڻ ضروري سمجهيم .

"ڪاڪا! ڪوڙ ڏينهن ٿيا آهن، تنهنجي شاعري نہ پڌي آهي..!"

"شاعري رڳو درد ۽ درد جو اظهار آهي..." ڪاڪي پرڪاش جي آواز ۾ درد ليئاڪا ٿي پاتا. چيائين: "رات سوچيندي ۽ پيڙا ۾ پوڳيندي هڪ نظم لکيو اٿم...."

دل ورهاگا!
ديسُ سوڙهو،
درد ڀاري ...
ڪاش! سپنو ساڀيان ٿي...!
ديس جا مارو سيئي ...
مرڪ پائي،
جڳمڳائن!
درد، ڌرتي، دوستي جا،
گيت ڳائن...!
۽ حياتي چار پل،

جيڪا گذارن،
پيار پائن...!!
دل ورهاگا
هاءِ ڌرتي!
توکان پنهنجو هٿ ڇڏائي
ڪاڏي وڃجي؟
درد شامون
رات بارش،
باڪ مرڪون!
سوچ ڀاري
ڪاش ڌرتي!
آجپي جا رنگ ناهي...!!"

"واهہ ڪاڪا واهہ..." چيم: "شاعري هجي تہ اهڙي..... ديس ۽ دلين جي ترجماني ڪندڙ...."

مون سان گڏ ڪلپنا جي چهري تي بہ ڦڪي مرڪ تري آئي.

www.sindhsalamat.com

10

جنون جي حد تائين چاهڻ جي موت ۾ حاصل ٿيل پيڙا، سوچن جي صليب تي آٽي بيهاريو آهي....! مون کي ڪهڙو فيصلو ڪرڻ گهرجي....؟ مان هُن سواءِ جيون جو هي ڪٺن سفر تنهاين جي نتهڻ اُس ۾ گهاري سگهندس يا نہ.... منهنجي خاموشي ئي منهنجي ناڪامين جو سبب آهي..... هر پيري خاموشيءَ جو درد منهنجي وجود کي ڏنگڻ لڳي ٿو...!! مان ايترو ڊنل ڇو آهيان.... مون کي پنهنجي دل جون سموريون ڳالهيون هن سان شيئر ڪرڻ گهرجن..... هوءَ منهنجي پريم ڪهاڻي جي راڻي آهي.... هن کي من جا سڀ راز ٻڌائڻ گهرجن.... هوءَ منهنجي زندگي جي ابتدا بہ آهي تہ انتها بہ....!! پر.... مان هاڪاري ۽ ناڪاري سوچ جي سفر ۾ ڇو پيو پٽڪان....؟ مان ايترو ڊنل ڇو آهيان....؟ جوانيءَ جو درد حياتيءَ ۾ خوف جو زهر اوتي رهيو آهي ۽ مان هن سان اظهار محبت نہ ٿو ڪري سگهان....!؟ هاڻي ڇا بہ ٿئي، پر هن تائين پنهنجي اندر جو آواز پُڄائڻ گهرجي.... هوءَ منهنجي ٿيندي.... هوءَ مون سان گڏجي جيون گذارڻ ۽ همسفر ٿيڻ جو فيصلو ڪري پنهنجي خاندان، پنهنجي مستقبل ۽ پنهنجي ڌرم جي رسوائي کي چئلينج ڪري سگهندي...!؟

رات جو ڪافي حصو سوچن جي سرحدن تي وهمن جو مرڪز رهيس.

صبح جي سج چيهہ ڪڍي تہ ننڊ جي خمارن مان نجات جو موقعو مليو. ناشتو ڪري فارغ ٿيس تہ ڪلپنا جي فون اچي وئي، چيائين "اڄ بابو توکي ياد ٿو ڪري؟"

"خير ۾؟"

"اڄ موهن جي دڙي هلڻو آهي." ڪلپنا ٻڌائڻ لڳي: "مون پنهنجي ٻين دوستن کي بہ ٻڌائي ڇڏيو آهي."

"مان نہ اچان تہ؟"

"مان بہ نہ ويندس!"

"سبب؟"

"تنهنجو هلڻ ضروري آهي...!!"

"مان تہ توسان هر گهڙي ساٿ ڏنو آهي" چيم: "پر تون ڪڏهن منهنجي دوستيءَ جو قدر نہ ڪيو آهي!"

"چڱو تون صرف اهو ٻڌاءِ، ايندين يا نہ؟"

"ها ايندس! پر اڄ توسان هِڪَ هڪاڻي ضرور ڪندس... تون مون کي ڏاڍا ڏک ڏنا آهن ڪلپنا...!!"

ڪلپنا جي ڪال ڪٽجي وئي.

سوچيم: "هوءَ پاڻ کي سمجهي ڇا ٿي..... اڻ سڌي طرح پيار ڪري ٿي، پر ان جي پايہ تڪميل لاءِ اڳتي نہ ٿي اچي.... ڊڄٽي...!"

وقت جو هر هڪ پل مون لاءِ اذيت ناڪ ثابت ٿي رهيو هو ۽ مان انتظار جي ان اذيت کان بچڻ لاءِ گاڏي ڪاهي ڪاڪي پرڪاش جي گهر طرف آيس، جتي ڪلپنا منهنجي انتظار ۾ پڇرندي نظر آئي.

ڪچڙي منجهند ڏاران موهن جي ڏڙي تي پهچندي مان ڪلپنا سان گڏجي تفريح ڪرڻ ضروري سمجهو. ڪلپنا جي دل ۾ اڃاتل درد جي پيڙا ڏٺي هئم، جنهن کي محسوس ڪندي، هن کي استوپا طرف وٺي آيس ۽ چيم: "ڪلپنا منهنجي مَن کي موهن جو دڙو نہ بڻاءِ...! تون پيار جي اظهار ۾ ايڏي خوفزده ڇو آهين..... جڏهن تہ تنهنجون اکيون درد جي ساگر ۾ ٻُڏي رهيون آهن...!"

ڪلپنا کي ساعتون هڪ ڊگهي نگاهہ سان مون طرف ڏسندي رهي ۽ پوءِ ڏکندڙ لهجي ۾ وراڻيو: "ڇا ٻڌايان توکي...؟ تون بہ تہ منهنجي حاصلات لاءِ مون کي رسواين جي طرف سڌي رهيو آهين...؟ڪهڙي اميد رکان تو مان...؟"

منهنجو مَن پنهنجي ئي تصور جي پيڙا ۾ گم سم رهيو.

"ڪلپنا"

"....."

"ڪلپنا تنهنجي خاموشي منهنجي اندر ۾ وَڏَ وجهندي آهي.... تون استوپا جيان خاموش نہ رهندي ڪر...!!"

"ڇو؟"

"الائي ڇو...؟ خبر پاڻ کي بہ ناهي!؟"

"اُن جو ڪوئي تہ سبب هوندو؟"

www.sindhsalamat.com

”ها ضرور هوندو!“

”پر ڪهڙو؟“

”مان توسان پيار ڪندو آهيان ڪلپنا...! بي انتها پيار؟“

منهنجو سانيتڪو آواز ۽ استوپا جي ڪمزور ديوارن ۾ ٻرڻ لڳو ۽ مان هن جي جوابي ردعمل جو شدت سان انتظار ڪندو رهيس.

”مون کي خبر آهي، تہ تنهنجي دل جي دنيا ۾ ڪير ٿو رهي ۽ تنهنجي ان سان ڪيتري محبت آهي؟“ ڪلپنا جي آواز ۾ ڪابہ حيرانگي نہ هئي.

چيائين،”اهو ضروري ناهي تہ ماڻهو جنهن سان پيار ڪري، ان کي حاصلات جو محتاج ٿي بڻائي ...؟؟“

”پوءِ؟“

”ڇا پوءِ؟“

”ڪلپنا! منهنجي روح جي تڪميل صرف تون آهين ۔ منهنجو مَنُ توکي هميشہ لاءِ پنهنجو بنائڻ گهري ٿو..... تون آهين تہ منهنجو وجود ۽ آهي.....“

”جسمن جي حاصلات، پيار جي جيت نہ ٿيندي آهي.... جسمن جي حاصلات پيار جي فنا آهي... پيار دلين کي فتح ڪري ٿو... پيار جي پوترتا کي، ميلاپ جي طوفان کان محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪر...“

”ڪلپنا! زندگي جي ڪٺن سفر ۾ اڪيلايون نِهوڙي ڇڏينديون آهن، مان توکي بنا ڪنهن فرق جي اپنائڻ لاءِ تيار آهيان..... نہ تون هندو ۽ نہ مان مسلمان...! مون سان ساٿ ڏي...! اڄ قدم وڌاءِ...!!!“

”تنهنجو پيار استوپا جي هن ڪمزور سِرَن جيان آهي، جنهن کي وقت جي پُراڻ ۽ ايندڙ طوفانن کان هميشہ خطرو رهي ٿو.“

”مان تو بنا وکري ويندس!“

”اسان جي قومي وجود جي تشخص جي ڳالهہ آهي.“ ڪلپنا وڏي اچي پرسان بيٺي، چيائين: ”منهنجي اکين ۾ غور سان ڏس...! مان توکان وڌيڪ توسان پيار ڪندي آهيان...! جڏهن محبت جي گهرائي، خوابن ۾ گم ڪري ڇڏيندي آهي، تڏهن تون صرف منهنجو هوندو آهين ۽ مان تنهنجي...! پر خوابن جي ختم ٿيندي ئي مان ٿُڪرن ۾ ورهائجي ويندي آهيان، نہ جُڙي سگهڻ جيترن ٿُڪرن ۾...! اهي خواب منهنجو سرمايو آهن، جن ۾ نہ تنهنجو وس هلندو آهي ۽ نہ منهنجو...!!!“

”مان چاهيان ٿو، تون مون سان ”منهنجي“ بنجي پيار ڪر.... منهنجا ڳوڙها اُگهہ...! منهنجي درد کي سمجهہ...!!!“

ڪلپنا جي اکين مان ڳوڙها ظاهر ٿي پيا، چيائين ”مان نہ ٿي چاهيان تہ، تنهنجي ۽ منهنجي هِڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ ايندڙ طوفان تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪي تلخ تجربا سامهون آڻي، جنهن سان هندو ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪي تلخيون جنم وٺن، جنهن سان سنڌ جي قومي تحريڪ نفرتن واري ماحول جو شڪار ٿي وڃي...!!!“

مون کي وقت جي تقاضا مطابق ڪلپنا جي درد کي سمجهي وڃڻ گهربو هو، پر پوءِ ۽ اندر جي اڏمن کي روڪي نہ سگهيس، چيم: ”جڏهن ڌرتيءَ تي شعور جي روشني عام هوندي آهي، تڏهن ڪنهن ۽ مذهب ۽ ڌرم جي انتها پسندي پيار جي اٽل فيصلن کي ميٽي نہ سگهندي آهي.... تون زندگي جي تنهاين ۾ مون کي اڪيلو نہ بڻاءِ...!!“

اسان استوپا کان ٿيندي گريت ٻاٽِ طرف آياسين، جتي سنڌ جي پراڻي تاريخي آثارن کي غور سان تڪيندا رهيا سين.

”هزارين سال اڳ واري سنڌ، جنهن جون سرحدون ملتان ۽ بمبئي تائين پکڙيل هيون، ڪيڏي نہ خوبصورت هوندي!“

”۽ ان قوم جي روشن خيالي وري ڪيترو وسيع هوندي؟“ چيم: ”جنهن پنج هزار سال اڳ هن موهن جي دڙي کي پنهنجي منفرد سجاڻپ ڏني هئي.“

”تاريخ جي ان اتهاس ۾ سنڌ هڪ الڳ خوشحال ۽ سرسبز وطن جي سجاڻپ رکندڙ هئي.... ۽ اڄ اها خوبصورت وادي مهراڻ جي ڌرتي غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي...!“

ڪلپنا ۽ مان پين کوڙ سارن موضوعن تي بحث ڪندا، گريت ٻاٽِ کان اڳتي وڌي ڊي ڪي ايرياز ۽ پوءِ ميوزم طرف موٽياسين. جتي ڪاڪو پرڪاش پنهنجي پين ساٿين سان گڏ، موهن جي دڙي مان دريافت ٿيل خزاني کي غور سان ڏسندو ۽ ڪجهہ لِکندي نظر آيو.

”هٿيارن جي نمائش ۽ ڪڪڙن جي ويڙهہ کي اسان قوم شناخت بنائي، اڄ جي نوجوان نسل ڪيڏي نہ لاپرواهي ڪئي آهي؟“

www.sindhsalamat.com

ڪاڪي پرڪاش جي آواز تي منهنجي نظر ميوزم طرف ڪاهه ڪري ايندڙ ڪجهه نوجوانن ڏانهن ڪڍي وئي! سوچيم: ”هي نوجوان آخر ڇا پيا ڪرڻ گهرن؟“

”اوهين بيهوده مردن اسان عورتن کي آخر سمجهيو ڇاهي؟“

ميوزم ۾ اچانڪ آواز تي منهجي نظر ڪلپنا کان ٿورو اڳتي بيٺل هڪ اجنبي نوجوان عورت ڏانهن ڪڍي وئي، تہ مان يڪدم ڪلپنا کي سڏيندو انهن ماڻهن طرف وڌڻ جو ارادو رکيو.

”پيٽ ڇا ڳالهہ آهي...؟ اوهان ايترو پريشان ڇو آهيو؟“ ڪلپنا ان اجنبي عورت جي پرسان پهچي ڳالهايو، ”اوهان کي پنهنجون نياڻيون ڪونهن...؟ اگر ڪو ڏاريو اوهان جي پيٽ يا اوهان جي ماءُ کي سر عام ڇيڙي تہ اوهان برداشت ڪري سگهندؤ؟“

”ادا! هي وات ڳاڙهو چورو آهي...“ اجنبي عورت مون سان مخاطب ٿي ”هن ڪميني انتهائي بيهوده لفظ .....“

”تون ماڻِ رهہ آدي...! مان تو ڏسان ان بيحياءَ کي!“

”اسان جو ڪير نانءُ ڪٽي؟“ هٿيار کڻي قطار ڪري بيٺلن مان ڪنهن هڪ جو رعبدار آواز بلند ٿيو.

”توهان ڪير ٿيندا آهيو؟“ منهنجي ڪاوڙ اوج تي اچڻ لڳي.

”اسان علائقي جا خانداني وڏيرا آهيون، پاڻ ڏانهن ڪجندڙ هر هٿ وڍي ۽ ڪٽي ڇاڏون.“

”وڏيرا آهيو، يا وڏا پڙوا؟“ منهنجا هٿ هڪ هٿياربند جي گريبان تائين پهتا، چيم: ”هاڻي ڏي خبر، توکي ڪير ڇڏائيندو؟“

”ڇڏ مون کي؟“

”ڇو ڇڏيانءِ، بدمعاش؟“

”منهنجي بيعزتي ٿي رهي آهي ۽ توهان تماشو ٿا ڏسو!؟“

”بيعزتن جي بہ ڪا بيعزتي ٿيندي آهي ڇا؟“ منهنجي ڪاوڙ وڌيل هئي، چيم ”سماج دشمن عناصر، تون پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو؟“

سڄو ميوزم تماشي جو مرڪز بنجي ويو.

”ڇڏ اسان جي ساٿي کي...“ منهنجي گرفت ۾ آيل نوجوان جا ساٿي مون طرف هٿيار سڌا ڪري وڌي آيا، چيائون: ”اسان وڏيرن جي سر عام تذليل ٿئي ۽ اسين خاموش رهون...!!“

”نہ ٿو ٻڌين ڇا...؟ ڇڏ اسان جي ساٿي کي؟!“

”نہ ڇڏيندس!“

”وشال! ڇڏ هَٿَ انهن مان، ڪو نقصان نہ ٿي پوي.“ ڪلپنا جي دانهن گونجي.

”هرگز نہ...! هنن بدمعاشن کي قانون جي حوالي ڪبو...!!“ منهنجا ارادا اٽل هئا.

”حياتي گهرجئي يا موت؟“

مون ڏٺو، منهنجي چؤطرف هٿيار سڌا ٿي ويا.

۽ پوءِ

سڄو ميوزم گولين سان گونجي اٿيو!

ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي۔

هڪ گولي مون کي ڪُلهي ۾ اچي لڳي۔

ڪي لمحا اکين اڳيان انڌيرو ڇانيل رهيو!

لڳاتار فائرنگ جا آواز اڃان بہ جاري هئا.

ماحول سراپا خوفزده ٿي ويو.

پوءِ هڪ پي رڙ جو اضافو ٿيو تہ ڇرڪ نڪري ويو.

سامهون ڏٺم، تہ ڪلپنا بہ رتو رت هئي...!!

منهنجو دماغ سُن ٿيڻ لڳو ۽ اکين جي روشني غائب...!!

مان پاڻ سنڀاليندي، لڙکڙائيندڙ قدمن سان ڪلپنا ڏانهن وڌي ويس، گولي هن جي ٻانهن ۾ لڳل هئي!

”وشال ....!“ ڪلپنا مونکي چنبڙي پئي. چيائين، ”اسان ماڻهپي جي مورچي تي بيٺل اُن جانباز گهراڻي جا فرد آهيون، جنهن کي وڏيرن ۽ لُٽيرن جي ظلم، ڏاڍ ۽ استحصالين بہ نہ جُهڪايو آهي..... اسين موت قبوليون ٿا، پر ظلم جي بربريت آڏو آڻ نہ ٿا مجون..... اسان هن سماج کي ڇا ٿي ڏيڻ چاهيو ۽ هنن ڇا ڏنو؟“ چوندي بيهوش ٿي وئي.

www.sindhsalamat.com

11

انساني حقن جي ٻن اڳواڻن جي مٿان، موهن جي دڙي تي، هڪ ئي وقت ٿيل حملي جي ردعمل ۾ اسان جي، علائقائي توڙي بين الاقوامي ميڊيا جي سرخين ۾ اچڻ ڪري، اسان تي حملو ڪندڙ پوليس جي تحويل ۾ اچي ويا.

واقعي کان هڪ هفتي بعد، جڏهن ملي پڳٽ سان اسان کي معمولي زخمي قرار ڏيئي، اسپتال مان فارغ ڪيو ويو تہ ڪلپنا سنڌ ڇڏي وڃڻ جو پڪو پڌرُ ڪري ڇڏيو.

چيائين: "هاڻي منهنجو ساهہ ٿو گهٽجي...! مان ان سنڌ ۾ هرگز نہ رهنديس، جنهن جي ماڻهن جي روشن خيالي ۽ جو انت اچي ويو آهي."

"ڪلپنا تون هڪ ڀيرو ضرور سوچ ...."

"ڇا سوچيان؟"

"مون کان پري نہ وڃ!" چيم "تنهنجي دوري دل جي ننڍڙي گلشن کي اجاڙي ڇڏيندي ...مان دربدر حيات جو محور ٿي ويندس....منهنجا احساس گهايل ٻڌجي ويندا .....۽ احساس جو آسمان ڇانورا ڇڏي ويندو...ڌرتي هر گهڙي خزان جي رُت پاسندي.....تون آهين تہ مان زنده آهيان...!!"

"سڄي سنڌ جا هندو جنهن خوف ۾ هيءَ سنڌ ڇڏڻ لڳا آهن، اهڙو ئي هڪ خوف منهنجي وجود تي طاري ٿي ويو آهي....مان مجبور آهيان."

هوءَ نہ مڙي۔

ڪلپنا جي فيصلي تي مون وڌيڪ ڪو بہ ردعمل نہ ڏيکاريو، نہ هن کي روڪي سگهيس ۽ نہ ئي ڪيس اجازت ڏني. سوچيم: "ڪلپنا جي ذهن ۾ خوف حاوي ٿي ويو آهي ۽ هوءَ ٻي يقيني جي عالم ۾ پنهنجي جنم ڀومي کان جلاوطن ٿيڻ لاءِ مجبور ٿي هوندي، جنهن کي روڪڻ، هن جي نفاست تي تشدد برابر هوندو...!!"

اربع جي هڪ اداس شام جو، ڪلپنا جي ڪال آئي، چيائين: "وشال سياڻي مان واگها بارڊر ذريعي بمبئي وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي، مان چاهيان ٿي تہ تون مون کي الوداع ڪر...!"

ڪجهہ لڙڪ اکين مان ڪرندا، چهري جي دامن کي پسائڻ لڳا ... پر مان ڪجهہ نہ ڪچيس.

"وشال! تنهنجي ناراضگي پنهنجي جڳهہ تي درست آهي، پر مجبور آهيان، پنهنجي اندر ۾ حاوي ٿي ويل خوف جي اڳيان، جيڪو سڪون سان سمهڻ نہ ٿو ڏي..... مان حالتن سان گهڻو ئي سمجهوتو ڪيو، پر هر ڀيري جي شڪست، مون کي جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪيو...."

".....

"تون ايترو خاموش ڇو آهين؟"

خاموشي منهنجي وجود تي ڇانيل رهي ۽ ڪجهہ گونگا سڏڪا منهنجي اندر کي چيري ٻاهر اڀري آيا.

"تنهنجي گهٽيل سڏڪن کي مون کان وڌيڪ ڀيو ڪير سمجهندو..... تون هڪ دفعو اچي منهنجي حالت ڏس...! ڇا مان توسان محبت نہ ڪندي آهيان..... ڇا مون توکي دل جي گهراين سان نہ چاهيو هو..... هان! مون کي تنهنجو جواب ڪپي، خاموشي نہ...!!؟"

منهنجي جواب نہ ملڻ تي هن ڪال ڪٽي ڇڏي ۽ جهٽ بعد هن جو هڪڙو مئسيج پهتو. لکيائين: "سنڌ جي مِٽي سان عشق ڪندڙ هڪ جهور پوڙهي شخص جي توکي پارت هجي...!!"

منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا.

منهنجي ۽ هن جي ٻيوسي ۾ ڪو فرق نہ هو.

اُن کان پوءِ مون پنهنجي گهر ۾ ڪيتريون ئي تنها راتيون گذاريون...!

تنهائي ڇا ٿيندي آهي... يادون پيڙائن جي پاتال ۾ ڪيئن ٿيون پهچائين... پيار ۾ ٿيندڙ وڇوڙا، ڇپن جي مرڪن کي ميساري، اکين جي ٻيوسي جو سبب ڪيئن ٿا بنجن...؟ حياتي دار جي ڇانوَ جو ڏيک ڏيندي، جيون کي ٿياس جو حصو ڇو بنائيندي آهي...!؟ انهن سيني حالتن مان گذرندي، مان زندگي جي تلخ تجربن مان گذريو هوس.... سوچيم: "محبتون فقط نانءَ جون آهن...! هتي ڪير بہ ڪنهن جو ناهي.... سڀ رشتا ڪجهہ وقت جو ساٿ ڏين ٿا، باقي سڄي حياتي تنهائي جو رڻ جهاڳڻو پوي ٿو...!!"

www.sindhsalamat.com

تنهاين جي انڌيري جو مسافر ٿيندي ڪلپنا جي رابطي جو اڪثر شدت سان انتظار رهندو هو.... مان سمجهي نہ سگهيو هوس، هوءَ مون سان رابطي ڪرڻ ۾ ايتري سُست ڇو ٿي وئي...؟ هن کي منهنجي محبت جو ڪوبہ فڪر نہ هو، يا منهنجي ياد هن جي زندگي ۾ ڪابہ اهميت رکندڙ نہ هئي... وسوسن جيئڻ زهر بنائي ڇڏيو هو...!

ان رات بہ هن جي يادن ۾ گم هوس، ننڊ ڦٽل ۽ اکيون آسمان تي جرڪندڙ روشن چنڊ جي محور ۾ قيد هيون...! چنڊ ۔ آڪاش ۽ ڌرتي.... حُسن جو سپنڊ... پر منهنجي من ۾ پوءِ بہ بيقراري هئي.... اڻ ڪتندڙ بيقراري...!

هڪ ڏينهن ڪلپنا جي فون آئي.

"ڪيئن آهين؟"

"اداس...! ويڳاڻو...!!"

"تون پنهنجي صحت جو خيال نہ ٿو رکين؟"

"رڳو صحت!" چيم: "پاڻ کي تہ اها بہ خبر ناهي تہ جيئرو بہ آهيان يا زندهہ لاش...!!"

"اداسي جي ايتري پيڙا، پنهنجي نفيس وجود جي مٿان ڇو حاوي ڪري ڇڏي اٿئي...؟ پيار تہ سڀ ڪجهہ نہ هوندو آهي.... پيار کان اڳتي بہ هڪ دنيا آهي، جتي مرڪون بہ آهن تہ ٿهڪ بہ...!!"

"پيار کان پوئتي سڀ ڪجهہ فنا آهي ۽ فنا ٿي ويل زندگي کان اڳتي رُڄ ئي رُڄ...!!"

"وشال! اڌ رات جي هِن سمي فون ڪرڻ جو مقصد نہ پڇندين ڇا؟"

"نہ!"

"ڇو؟"

"وڇوڙن جي پويان رڳو درد جا طوفان هوندا آهن، مقصد جا ڇانورا نہ...!!؟

"ٿورو بهادر ٿي وشال ...!"

"ان کان وڌيڪ ٻي بهادري ڪهڙي هوندي!" چيم: "تون وڇڙي وئينءَ، منهنجي اکين مان ڳوڙها نہ ڪريا...! اندر مان دانهن نہ گونجي...! توکي الوداع ڪرڻ نہ آيس...!!"

"ماضي منهنجي جيون جي سجاڻپ آهي."

"ڇا حال؟"

"حال کان بي خبر آهيان!"

"پر مان توکي پنهنجي حال جي فيصلي بابت ٻڌائڻ گهران ٿي!"

"ٻڌاءِ؟"

"منهنجو موهن سان مڱڻو ٿي رهيو آهي." چيائين: "هاڻي تون ٻڌاءِ منهنجو فيصلو غلط آهي يا درست!؟"

مان خاموشيءَ جي رڻ ۾ پٽڪي ويس. مٿو چڪرائجڻ لڳو ۽ هيٺ ڌرتي تي ويهي رهيس. لفظ ساٿ ڇڏائي ويا. جڻ زبان وڍجي وئي هجي!

اُن رات، هڪ پل بہ اک نہ پوتي... نہ جاڻ ڪٿان کان ڪتي پُهچي، ماهين جي يادگيرين ۾ گم ٿي ويس، سوچيم: "مان پنهنجي محبت جي لاحاصلات واري غم ۾ جڏهن پاڻ نہ سنڀالي سگهيو آهيان تہ ماهين سان ڪهڙو حشر هوندو! مان جيون جي ڪارج کان ڪيترو پري بيٺو آهيان...؟ هوءَ تہ سڏڪا سڏڪا زندگي جو محور هوندي...!!"

صبح ٿيندي اوجاڳيل اکين جو درد ڪٽي لاڙڪاڻي کان ماهين جي ڳوٺ آيس. جيڪو اسان جي ڳوٺ کان ڏيڍ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي واقع آهي، پُڦي سلميٰ، پُڦڙ مشتاق ۽ ماهين سميت گهر جا ڀاتي ڏاڍو سرها ٿيا.

"وشال..! هڪ بيوفا جي درد ۾ پاڻ کي ايڏو وڃائي ڇڏيو اٿئي!"

"ماهي...!" چيم: "هوءَ بيوفا نہ هئي، مجبور هئي...!!"

"هاڻي پاڻ کي سنڀال ..."

"ڪيئن سنڀاليان؟"

"حالتن سان سمجهوتو ڪري!"

"سمجهوتو دوکو آهي!" چيم: "پر اُن جي باوجود اڄ پاڻ کي دوکو ڏيڻ آيو آهيان."

"مون نہ سمجهيو."

www.sindhsalamat.com

”مان ان خيال جو حامي آهيان.“ چيم: ”مون کي محبت نہ ملي سگهي، توکي ضرور ملڻ گهرجي !“

”سچي!“ چوندي هوءَ ٻهڪي پئي.

”ها! مان تنهنجو ٿيڻ آيو آهيان...!!“

ماهين جي چهري تي مسڪراهٽون تري آيون.

هوءَ مرڪي پئي...! مرڪندي چيائين: ”اڄ منهنجي اڳڻ تي عيد کان اڳ عيد جو چنڊ اڀريو آهي.“

پُڦي سلميٰ چانهہ ٺاهي کٽي آئي تہ ماهين مون کان ٻہ قدم پري ڇڄي ڌار ٿي بيهي رهي.

”امان ...!“ ماهين پنهنجي ماءُ جي پرسان اچي بيٺي، چيائين: ”منهنجي تهجد جي عبادت قبول پئي آهي.“

”چا ٿي چوڻ چاهين؟“

”وشال منهنجي هٿن تي ميندي جا رنگ سجائڻ آيو آهي.“

”واقعي؟“

”ها پڦي!“ چيم، ”ماهين جون محبتون، ماهين کي مبارڪ...!!“

ماهين مرجهايل مُڪڙي مان گل ٻڌجي پئي.

پُڦي سلميٰ ڪمري کان ٻاهر نِڪري وئي ۔ موٽي تہ هن جي هٿ ۾ ڳاڙهو ڳانو هو!

”هاڻي نہ پُڦي!“ چيم، ”خوشين جي ان گهڙين ۾ مان گهر جي سيني ڀاتين کي شريڪ ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”پاڳل!“ پُڦي سلميٰ مون طرف وڌي آئي، چيائين ”خوشين جي شروعات ڪرڻ ڏي...! اجان پوئتي گهٽيون خوشيون رهيل آهن.“

منهنجون نظرون ماهين ڏي کڄي ويون.

هن جي ڳلن تي مرڪن جي مالها هئي.

”ماهين....!“ مون کان بي ساختہ آواز نڪتو: ”منهنجو هڪ شرط آهي؟“

”ڪهڙو؟“

”تون ڀيهر مون سان وڏي آواز ۾ نہ ڳالهائيندينءَ؟“

”نہ!“

”ڀيو بہ شرط آهي.“

”تون حڪم ڪر!“

”تنهنجو هڪ ٿهڪ ٻڌڻ گهران ٿو.“

”ڊرامي باز!“ ماهين کان ڊگهو ٿهڪ نڪري ويو.

چيائين، ”پاڻ کي سمجهين ڇا پيو.... وقت اچڻ ڈي... توکي ضرور ڈسنديس...“

”رڳو ڈسجانءِ، هٿ نہ لائجان...!!“

ماهين شرمائجي اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون.

شام جو جڏهن پنهنجي ڳوٺ پهتس، تہ امان کي ڈسندي دانهن نڪري وئي، هوءَ ماهِ لقا جي جُدائي ۾ صفا هڏن جي مُٺِ ٿي وئي هئي. اهڙي حالت بابا جي بہ هُئي، هن جي ڪمزوريءَ جي ڪري ادا سرتاج زمين جي سنڀال شروع ڪئي هئي. سجو گهر خاموش ڈک جي حوالي ٿيل هو. انهيءَ غمزده ماحول ۾، خوشين جي کوٽ کي شدت سان محسوس ڪندي وڃي جيجيءَ جا پير پڪڙيم:

”وِشا! چا ٿو ڪرين...؟ مون کي گنهگار نہ بڻاءِ!؟“

”جيجي توکان معافي جو طلبگار آهيان.“ چيم: ”سجي گهر ۾ غمن جي لهر زور وٺي وئي آهي، مان چاهيان ٿو، هن گهر ۾ ڀيهر رونقون اچن.“

”مون کي کولي سمجهاءِ؟!“

”ماهين ۽ منهنجي ”هِڪ“ ٿيڻ ۾ تنهنجي خوشي آهي نہ جيجي؟“ چيم: ”تنهن ڪري مان چاهيان ٿو، هِن غمن ۾ مرجهايل گهرَ ۾ خوشين جو ماحول جُڙي...! مرڪون پکڙجن...! ۽ زندگي جا رنگ با معنيٰ ٿين...!“

”وِشا!“ جيجي جي گُهنج پيل چهري تي خوشيءَ جون ريکائون تري آيون، چيائين، ”مونکي تو مان اِها ئي اميد هئي... فرمانبردار پُٽ هميشہ ماءُ پيءُ جي عزت جو پرم رکندا آهن.“

جيجي يڪدم تيز وکون کڻندي، گهر جي آڳر تي هٿ پکيڙي، جهومر پائڻ شروع ڪئي، پنهنجو آلاپ بلند ڪندي چيائين: ”اهڙا ڈينهن منهنجا مالڪ توکان مان گهريا ها...!!“

www.sindhsalamat.com

جيجي جي جهومر تي گهر جا سڀ ڀاتي هن جي چوڌاري ڪَٺي ٿي ويا ۽ پوءِ سيني جون نظرون مون ڏي ڪڄڻ لڳيون.

ٻئي ڏينهن بابو، جيجيءَ ۽ امان کي، ٻُڌي سلميٰ جي گهر وٺي، ماهين ۽ منهنجو رشتو پڪو ڪري آيو. جنهن بعد سڄي گهر ۾ خوشين جو بهار اچي ويو.... اداس چهرا، خوشين جي اميد ۾ ٻهڪي پيا. هر ڏسا منهنجي شاديءَ جو انتظار رهڻ لڳو.... ۽ پوءِ اِنهيءَ اميدن جي ساڀيا طور ماهين ۽ منهنجي شادي چنڊ جي چوڏهينءَ رات طئ ڪئي وئي.

چنڊ جي رات جي انتظار ۾ ماهين ڏاڍي بيچين نظر اچڻ لڳي... صبح.... منجهند.... رات..... رڳو منهنجي حاصلات جي تصورن ۾ ڊوڙندي فون ڪندي نہ ڊاپندي هئي: "هاڻي ڪٿي آهين...؟ ڇا ٿو ڪرين.... مون کي پنهنجي بنائڻ واري فيصلي تي ڪو پچتاءُ تہ نہ ٿيو اٿئي...؟ شاديءَ جا ڏينهن ويجها آهن، هاڻي ڳوٺ نہ ڇڏجانءِ...! ڇا رکيو آهي شهر ۾...؟ رڳو گاڏين جو دونهون ۽ شور...!!"

"گاڏين جو شور ڇا آهي؟" هڪ رات هن جي گفتگو کان تنگ ٿي کيس چيم: "ماهين تون ڪڏهن يادگيرين جو شور نہ ٻڌو آهي.... ٻُڌين تہ حيران رهجي وڃين....!"

"چڱو ڇڏ انهيءَ يادن جي ڊوڙ کي ...اهو ٻڌاءِ تہ تنهنجي انتظار جا ڏينهن ڪيئن ٿا گذرن؟"

"انتظار!" چيم: "ڇا جو انتظار؟"

"چنڊ جي رات جو!"

"چنڊ جي رات جو يا شاديءَ جو؟"

"ڳالهہ ساڳي آهي!"

"نہ فرق آهي..."

"ڪيئن؟"

"چنڊ جي انتظار ۾ ماڻهو تہ ڇا چڪورُ بہ بيساهو ٿو ٿئي....!"

"۽ شاديءَ جي انتظار ۾؟"

"شادي جي انتظار ۾ ماڻهو تصورن سان گڏجي ڊوڙي ٿو.... گهونگهٽ کي هٿائي حسين چهري جي ديدار جو تصور.... اکين سان اکين جي ملڻ جو تصور.... شرمائڻ..... چوڙين جي ڇن ڇن.... ۽.....

"۽..... ۽....؟" ماهين جي آواز ۾ شرارت نمايان هئي.

"۽ پوءِ گفتگو...!"

"گفتگو جي پويان؟"

"نيٺ جي مدهوشي !"

"مدهوشي کان پوءِ؟"

"ڀاڪر ۔ ڀاڪرن ۾...! جوانيءَ جو جادو...!"

"جوانيءَ جو جادو ڇا آهي؟"

"ٻہ جسم، جڏهن هڪ ٿي وڃن.. ۽ چار اکيون جڏهن نند ايندي بہ سجاڳيءَ جي دامن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هجن.... ۽ سامهون آڪاش تي ٽمڪندڙ ستارا، انهن ٻن جسمن جي محبت جي چُغلي چنڊ تائين پهچائيندا رهن، پر پوءِ بہ اهي ٻہ جوانيون، جوڀن جي مسرت ۾.....!"

"توبهہ!" چيائين: "هاڻي چُپ بہ ڪر...!!"

"ڇو؟"

"ڪنوارو آهين!"

"ناهيان...!!"

"ڇا؟"

"ها!"

"سچ"

"ڪوڙ..."

هن کان ٿهڪ نڪري ويو. چيائين: "اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن کان سکيو آهين؟"

"جڏهن کان توسان شادي جي تاريخ ٻڌجي وئي آهي...!!"

ان رات ماهين سان گفتگو ڪندي نہ ڄاڻ تہ ڪهڙي مهل اک لڳي وئي هئي. جڏهن برسات جي اچانڪ بوندن تي اک کُلي تہ يڪدم پاڻ سنڀالي موبائل ڏانهن نهاريم، مُني ڪلاڪ جي نند ڪرڻ باوجود بہ ڪال هلندڙ هئي:

www.sindhsalamat.com

”ماهين ....؟“
”جي...!“
”جاڳين ٿي؟“
”ها“
”سوري.... منهنجي اک لڳي وئي.“
”خير آهي...“ چيائين، ”اڄ مان پنهنجي موبائل کي سيني تي رکي، تنهنجي هر ڪڄندڙ ساهه کي غور سان ويجهو محسوس ڪيو آهي...! تون ڏاڍو معصوم آهين.... مان شادي کان پوءِ تنهنجي هر درد تي مرهم رکنديس....“
”نہ رکي سگهنديءَ؟“
”ڪوشش ڪنديس...!!“
”مشڪل!“
”ڇو؟“
”جيڪڏهن دلين جي ڌڙڪنن تي ڪنهن جو حڪم هلي ها تہ پوءِ ڪابہ دل درد جي درياهہ ۾ نہ ٻُڏي ها...!!“
”وشال...“
”هون!“
”ڪهڙي سوچ ۾ گم آهين؟“
”گم ڪٿي آهيان!“ چيم، ”جڏهن مان سوچن جي درياهہ ۾ گُم ٿي ويندس، تڏهن تون نہ ڳولي سگهنديءَ..... تنهنجا آواز وقت جي واءَ ۾ ڏيجي ويندا ۽ تون وشال ـ وشال ڪندي پڪاريندي رهجي ويندينءَ، مان موهن جي دڙي تي رهجي ويل يادن جي دز ۾ موهن جي ناچڻيءَ سان گڏ بيٺل هوندس....“
”وشال پليز استاپ!“ رات جي خاموش لمحن ۾ هوءَ روئي ويٺي، چيائين: ”پٿردل ماڻهن جي يادِ ۾ ايترو اڳتي نہ وڃبو آهي، جتان واپسيءَ جا دروازا نظر نہ اچن...!!“
”هوءَ پٿردل نہ هئي!“ چيم: ”پٿردل اسان جو سماج آهي، جنهن جي هٿ ٺوڪين مذهبي ورتاءَ هن کي ۽ مون کي جدا ڪري ڇڏيو.... پٿردل تہ اهو پيدا ڪندڙ آهي، جنهن اسان کي ٻن مختلف مذهبي گهراڻن ۾ پيدا ڪري، پيار جي پنڌ ۾ ٺوڪرون نصيبُ ڪيون...!!!“

”عشق توکي ڪافر بنائي ڇڏيو آهي...!“ ماهين جي آواز ۾ سختي سمائجي وئي هئي. چيائين: ”جڏهن ستارا ڌرتي تي لَهي اچن ۽ ڌرتي پاتال جو محور ٿي وڃي، تڏهين بہ تون ڪلپنا جي حاصلات کان محروم رهڻو آهين.... اجايو پنهنجو وقت نہ وڃاءِ...!!!“

چنڊ جي رات جي انتظار ۾ سڄو گهر خوشين سان سنوارجڻ لڳو. جيجيءَ جا تہ وار نيارا ٿي پيا، جنهن گهڙيءَ ڏِسُ لاڏن ۽ ڳيچن جي دنيا ۾ گُم...! ان رات تہ پاڙي جي ٻين جوان ڇوڪرين سان اچي جهومر ۾ لٿي! ڇا تہ جهومر جو انداز هئس.... ڏسڻ وارا دنگ رهجي ويا...! پوءِ جڏهن جيجي جهومر کيڏندي امان کي زور سان ميدان ۾ جهومر هڻڻ لاءِ لاٿو تہ امان جهومر جا ٻہ هٿ ڏيکاري، اچي روئڻ ۾ لڳي ۽ ماهِ لقا جي وڇوڙي ۾ هوءَ وڏا سڏڪا ۽ اوچنگارون ڏئي رُني. خوشين جي پويان لڪل درد جي گهرائي ۾ ويندي مون کي بہ ڏاڍو ڏک پهتو:
”امان!“ امان کي ڀاڪر پائي چيم: ”مون کي اها خبر نہ هئي تہ تنهنجي دل جو درد اجان بہ ايترو ڀاري آهي .... مون کي اهو معلوم هجي ها تہ شايد شادي ٿئہ نہ ڪريان ها امان...! مون کي معاف ڪجان امان...!“
امان ’سڏڪا ـ سڏڪا زندگي‘ جي محور مان گذري، ڪي ساعتون وڏا ۽ ڊگها ساهہ کڻڻ لڳي. هن جي ٻي ترتيب ٿيندڙ ساهن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ۾ مان بہ روئي ويٺس.
”وشال...!“ امان سڏڪندي اچانڪ خاموش ٿي وئي، چيائين: ”تون بہ روئڻ لڳو آهين.... بيوقوف چُپ ڪر...!!“
”امان!“ منهنجي لڙڪن ۾ اضافو اچڻ لڳو، چيم ”منهنجي هڪ ڀيڻ بہ ظالمن نَہ سَٽي...! هاڻي مون کي ميندي ڪير لڳائيندو..... موڙ ۽ ڳانا ڪير ٻڌندو...؟ ڪير اسان جي آڳر تي معصوم زوهيب جي چيچ کي پڪڙي، ڪيس گُهمڻ سيکاريندو....؟“
اُها رات گهر جي سيني ڀاتين، درد جي ياد واري رات طور گذاري...! چؤڏِس سانت جو ماحول ڇائنجي ويو...! ۽ سهرا چوندڙ پاڙي جون سڀ عورتون پنهنجي پنهنجي گهر واپس هليون ويون ...!

www.sindhsalamat.com

صبح ٿيندي آمان ۽ جيجيءَ جي اصرار تي مان ڪين قبرستان وڃي ويس. جتي 'ماهه لقا' جي قبر تي ايندي امان ۽ جيجيءَ جا احساس نہ رڪجندڙ ڳوڙهن ۾ تبديل ٿي ويا.

"وِشا....!"

"جيءُ جيجي!"

"اڄ منهنجي وصيت اٿئي." جيجيءَ جا لڙڪ اڃان بہ جاري هئا، چيائين: "مان مَري وڃان تہ مون کي ماهِ لقا جي پرسان دفن ڪجو...! مان مُئي کان پوءِ پنهنجي شهيد ۽ معصوم ماهِ لقا سان گڏجي 'دارالبقاءَ' ۾ رهڻ چاهيان ٿي.... منهنجي وصيت کي نہ وسارجان وِشا...!!"

12

چنڊ واري رات کان اڳ شام جو ئي اسان جي گهر ۾ خوشين جو ميلو مچڻ لڳو. هر پاسي مرڪن ۽ ٺهڪن جا پڙاڏا گونجڻ لڳا. پوءِ ۽ چرچا هڪ پاسي تہ سهرا ۽ ڳيچ ٻئي پاسي. سيني هڪ جيڏن اچي منهنجو پاسو ورتو، چيائون: "شادي جي پهرين رات، يادگار راتين ۾ شمار ٿيندي آهي، تون انهن گهڙين کي فلمبند ڪرڻ کان اڳ ڪجهہ ضروري سکيا وٺ."

"سکيا؟"

"ها!"

"ڇا جي سِکيا؟"

"ڪنوار کي ڪيئن مجائجي..... ڪنوار ڏانهن ڪهڙين نگاهن سان ڏسڻ گهرجي...؟ ڪنوار جي نخرن کي ڪيئن مُنهُن ڏجي...؟ يا ڪنوار جي حسرتن جو پرم ڪيئن رکجي...؟!"

"واقعي سچ ٿا چئو؟"

"اڙي بيوقوف آهين ڇا؟" صابو ڳوٺ جي ٻين هڪ جيڏن جي اڳواڻي ڪري رهيو هو، چيائين: "شادي جي پهرين رات ڪنوار ۽ گهوٽ ۾ وڏي ويڙهہ ٿيندي آهي!"

"ويڙهہ؟"

"ها...! ويڙهہ بہ اهڙي، جنهن شادي رات ڪتيو، تنهن جڻ سڄي زندگي ڪتيو...!!"

"پوءِ؟"

"پوءِ وري ڇا؟" صابو پرسان سُري آيو، چيائين "بس رڳو مون کي گڏ وڃي هلجان"

"ڪاڏي؟"

"ڪنوار ڏي ـ ٻيو وري ڪاڏي!؟"

"وڏا ڪي حرامزادا آهيو!"

هنن جا ٺهڪ ويا ٿي وڏا ٿيندا.

www.sindhsalamat.com

”پري ٿيو سڀ!“ صابو پنهنجي آواز کي ڀيهر بلند ڪري لاڏ سان چيو، ”وشال منهنجي ننڍپڻ جو ساٿي آهي، مان ئي ڪيس سڀ ڪجهه سمجهائيندس!“

”سمجهائيندينس وري ڪهڙو، پڪ سان ڏيندينس پيٽ جا سلام!“

”ڪهڙي پيٽ جا؟“ هڪ اڏڙوت همراهه ٿهڪ ڏيندي چيو.

”آرزو جا، پيو وري ڪنهن جا....“

”مطلبي مرشد وٽان موٽي آئي ڇا؟

”ها هڪ شرط سان موٽي آئي آ.“

”ڪهڙي سان؟“

”وشال هڪ رات، ٻن ڪنوارين سان شادي ڪندو.“

”ٻئي ڪنهن سان؟“

”آرزوءَ سان...!!“

صابوءَ جو لاڏ ڳوڙهن ۾ ٻڏي ويو.

ڀ پوءِ چوڌاري ٿهڪ گونجڻ لڳا ڀ مان چپ ٿي ٿيندڙ تماشي بابت سوچڻ لڳس.

”چُپ!“ گهڻي دير کان پوءِ مون کان آواز نڪتو، چيم: ”ڪمينا نه ٿيو...! شادي جي محفل آهي يا راڳ ڀ شراب جي...!!!“

نائين بجي ڏاران سموري ڄج سان گڏجي پنهنجي ڳوٺ کان ماهين جي ڳوٺ/ گهر اچڻ ٿيو، جتي پهچندي سموري ڄج ۾ شامل مرد توڙي عورت سَهرن ڀ جهومر ۾ خوب پاڻ ملهايو، ڳائڻ ڀ وڄائڻ جي محفل کان پوءِ مون کي ڪنوار جي سينگاريل ڪمري ڏانهن آندو ويو، جتي ضروري رسمن کان پوءِ لانئن لهڻ جي رسم پوري ڪئي وئي.

جنهن کان پوءِ بند ڪمرو... ماهين... ڀ مان اڪيلا رهجي وياسين..!

”ماهين ....“

”.... ...“

”ٿورو مون ڏي ڏس!“

”.....“

”ماهين...! منهنجي مومل، ٿورو ڪنڌ مٿي ڪر...!!“

”.....“

”ماهين... تنهنجو محبوب.... تنهنجي سامهون، تنهنجي لاءِ ڪيترو منتظر وينو آهي.... هڪ نگاهه جو سوال آهي...!“

”.....“

”جانان!“

”.....“

”زندگي!“

”.....“

شادي جي پهرين رات ايڏو انتظار...!!“

”.....“

”چڱو تون پنهنجي شرم ۾ ڪنڌ مٿي ڪٽي نهارڻ نه ٿي چاهين ته پوءِ مان وڃي سمجهي ٿو پوان...! پوءِ نه چئجان گهوت.....!!!“

”گهوٽ اٽموت...!“ ماهين جو جُهڪيل ڪنڌ مٿي ٿيڻ لڳو، چيائين: ”جنهن رات جي انتظار ۾ منهنجون اکيون ٿڪجي پيون آهن، تنهن رات جي ايندي ڪهڙا حجاب وشال...!“

هن جون اکيون مون کي غور سان نِهارڻ ۾ وڃائجي ويون...! جڻ وڃائجي ويل ماضي کي حال ۾ ڏسندي اعتبار نه ايندو هجيس...!!“

”هيلو!“ چيم ”ڇاٿي ڏسين گهوري...؟!“

”پنهنجي محبت جو چنڊ...! سوچيان ٿي جڏهن خواب ساڀيان بنجندا آهن، تڏهن اعتبار ڇو نه ايندو آهي؟“

”ڇا مطلب؟“

”وشال ڀ ماهين جي جوڙي...! مون هميشه خواب ڏٺا هئا ڀ اڄ انهن جي ساڀيان...!!“

”تنهنجو پيار توکي مليو.... توکي مبارڪ هجي ماهين!“

مان سُسِي سوڙهي ٿي ويئل ماهين ڏانهن وڌي ويس!

هوءَ حيران ۽ ڏسندي ئي رهجي وئي.

www.sindhsalamat.com

”ماهين ....“

”هان!“

”ايترو غور سان چا ٿي ڏسين بار بار؟!“

”تنهنجون اکيون...!!“ ماهين جي اکين ۾ مرڪ جي چمڪ تري آئي، چيائين: ”اُهي اکيون، جيڪي ڪڏهن منهنجي لاءِ اجنبي هونديون هيون، ۽ اڄ منهنجي زندگي جو حصو بنجي ويون آهن...!!!“

”واهه ماهين واهه....“ چيم: ”چا تہ ڊائلاگ آهي...!!“

”ڊائلاگ؟“

”ها!“

”نہ ....“

”باقي...؟“

”دل جو درد جڏهن برداشت کان مٿي ٿي ويندو آهي، تڏهن لفظ پريم جي پيڙا ۾ بي روڪ جملا بنجي ويندا آهن...!!“

”واهه ! تنهنجي پيار جو چاتہ انداز آهي...!!“

”تڏهن تہ ڪٿي ويس...“

”ڪنهن کان؟“

”ڪلپنا کان!“

”ڪلپنا کان ڪير بہ ڪٿي نہ ٿو سگهي...!“

هوءَ چپ ٿي وئي!

مون کان ٿهڪ نڪري ويو.

”ماهين ! شادي جي رات، هارَ قبول ڪندينءَ تہ زندگيءَ جا ايندڙ لمحا ڪيئن گذاري سگهنديءَ.... مون کي جيڪڏهن تنهنجي محبت جو احساس نہ هجي ها تہ پوءِ توسان شادي ڇو ڪريان هان...؟ ڇو لَهان هان لانئون توسان....“

”وِشال...!“ هن هڪ پيرو پيهر مون ڏانهن غور سان ڏٺو، چيائين ”زندگي جي رُڄ ۾ تنهنجي تلاش ڪندي مان ڏاڍا ڪٿن لمحا گذاريا آهن.... پر اڄ مان خوش آهيان.... منهنجي اداس جيون ۾ خوشين جا رنگ تِڙيا آهن.... تون

آهين تہ مان آهيان...! منهنجي خوشي تنهنجي خوشي هوندي... ۽ تنهنجا درد منهنجا درد هوندا.....!“

مان ماهين جي ويجهو سُري ويس.... ويجهو. صفا ويجهو...! هن جا ساهہ منهنجي ساهن سان ٿي ٽڪرايا...!

”ماهين!“

”جيءُ...!“

”تورو منهنجي ويجهو اڇ؟“

”ويجهو تہ آهيان!“

”اجان ويجهو اڇ!“

”ڪيترو؟“.

”ايترو .... جيترو اکيون ۽ اکين جي روشني...!!“

هُن پاسو ورائي مون ڏانهن وڌڻ چاهيو ۽ مان هن ڏانهن...! ساهہ ساهن سان ٽڪرائجڻ لڳا.....!!!“

”ماهين!“

”هان...!!“

”مان تنهنجي نيٽن جي دنيا ۾ گم ٿيڻ ٿو چاهيان.“

ماهين جون اکيون محبت جي جُنون ۾ ٻوڙجڻ لڳيون. هن جو نفيس ۽ نازڪ وجود منهنجي عشق جي آجيان ۾ بيقرار هو. شادي جي پهرين رات هُن مون کي سڀ ڪجهہ سونپڻ ٿي چاهيو. مرڪون... ٿهڪ.... شرارتون....!

”ماهين... منهنجي زندگي.... منهنجي راڻي..... منهنجي جواني جي تڪميل.... مان پنهنجي اڌوري جوڀن جي حاصلات ۾.....!!“

”درد...!!“ ماهين جا چَپَ ڏُکڻ لڳا، چيائين ”شاديءَ ۾ ايڏو درد...؟ “

”درد کان اڳتي پنهنجائپ جي گهرائي لازوال محبت ۾ شمار ٿيندي آهي!“

”لازوال محبت چا آهي؟“

”جنهن جو زوال نہ هجي...“

اوچتو بند ڪمري جي دروازي تي ٽيندڙ ٽڪ ٽڪ جي آواز تي ماهين چرڪ پري مون کان ڇڄي ڌار ٿي ٻيهي رهي...!!

www.sindhsalamat.com

پهريون دفعو ڪنهن جي رُخني وجهڻ تي ڏاڍو غصو اچڻ لڳو، پر پوءِ مجبور ٿي دروازي طرف وڌي ويس. دروازو کوليم تہ پُڇي سلميٰ کي ڏٺم، چيائين: ”سرتاج جي فون تي، ڪوئي توسان ضروري ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ چاهي ٿو!“

”ڪير آهي؟“ پڇي سلميٰ کان موبائيل وٺي ڳالهايم.

”هيلو...! ڪير؟“

”وشال...!“ جاتل سجاتل سُڏڪن سان سرشار آواز اچڻ لڳو.

”ڪٿي آهين وشال...!!“

مان چُپ رهيس. ڪيچان تہ ڪهڙو..... لفظ پنهنجي سگهہ ئي وڃائي ويٺا...!

”وشال... وشال... مان ڪلپنا ٿي ڳالهايان...!“

”ڪلپنا ... سُڃاڻان ٿو!“

”وشال بابي جي موبائل صبح کان بند هئي.... هاڻي اطلاع مليا آهن....“

”ڪهڙا اطلاع مليا؟“

”بابو ديهانت ڪري ويو آهي....“

”ڇا؟“

”ها وشال...! بابو اسان کان موڪلائي بہ نہ ويو...!“

”پوءِ؟ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

”تون بابي جي لاش جي وارثي ڪر.... اسان سپاڻي تائين پهچي ويندا سين...!“

”پر....؟“ منهنجو آواز خشڪ ٿيڻ لڳو، چيم: ”هن مهل...!!؟؟“

”ها هن مهل وشال...! بابي وَٽ هاڻي جو هاڻي پهچ...!!!“

”شادي جي پهرين رات آهي!“

”ڪنهن جي شادي؟“

”منهنجي!“

”تنهنجي؟“ هوءَ سڏڪندي بہ حيرت ۾ اچڻ لڳي هئي.

”ها!“

”ڪنهن سان؟“

”ماهين سان...!!“

”وشال!“ ڪلپنا جي سڏڪن ۾ وڌيڪ اضافو اچي ويو، چيائين: ”قسمت جي ڳالهہ آهي.... توکي خوشي، مون کي غم...!!“

پوءِ ڪال ڪٽجي وئي يا ڪلپنا پاڻ ڪٽي ڇڏي!

منهنجون اکيون ڳوڙها وهائڻ لڳيون.

درد جي شدت کي محسوس ڪندي ماهين طرف موٽي آيس، چيم: ”تنهنجي ۽ منهنجي شادي جون پهرين رات واريون خوشيون اڌوريون رهجي ويون!“

”ڇو؟“ ماهين جو تعجب وڌڻ لڳو

”اڄ ڌرتيءَ سان بيحد پيار ڪندڙ هڪ عظيم انسان جو ديهانت ٿيو آهي!“

”ڪنهن جو ديهانت ٿيو آهي؟ ڇا نالو اٿس؟“

”ڪاڪي پرڪاش...! ڪلپنا جي پِتا جو...!!“ منهنجي اکين مان ڳوڙهن جون قطارون جاري هيون، چيم: ”مون کي اجازت گهرجي.... مان سڄي زندگيءَ جي ميار نہ ٿو ڪٽڻ چاهيان ماهين...!“

ماهين کان منهنجي حالت ڏٺي برداشت نہ ٿي، ويجهو اچي منهنجي همدرد بنجي آٿت ڏيندي چيائين ”تنهنجو وڃڻ ضروري آهي، تہ تون وڃ...! مون کي تنهنجي واپسي جو انتظار رهندو...!“

مون پنهنجي لڙڪن تي قابو آڻيندي ماهين ڏانهن ڏٺو. هن جي چهري تي ڪوڙ سارا سوال نظر آيا، پر مان ڪو بہ جواب ڏيڻ بنا ڪمري کان ٻاهر اچڻ لڳس...!!

”ڪڏهن موٽي ايندين؟“

”سپاڻي يا شايد ٻئي ڏينهن!“

”ايڏو انتظار؟“

”ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ گهڙين جو انتظار، جنمن جي ساٿ ڏيڻ ۾ مددگار ٿيندو ثابت ٿيندو آهي...“

مون ماهين ڏي آخري نگاهہ ڦيري ڏٺو. هن جي چهري تي اداسيءَ جا پاڇا گهرا ٿي، پيڙائن جي لڪيرن ۾ تبديل ٿي ويل هئا. هن جي چهري کي وڌيڪ نہ

www.sindhsalamat.com

ڏسي سگهڻ ڪري جلد ئي ٻاهر هليو آيس. جتي ادا سرتاج کي پنهنجي موبائل واپس ڪندي چيم: ”سرتاج! منهنجي مُک تي خوشين جا ڀل موڙ ٻڌل هجن، پر مان هڪ انساني حقن جي اڳواڻ ناتي، انساني همدردين ۾ غفلت جو مظاهرو نه ٿو ڪري سگهان...!“

مون گاڏي استارٽ ڪري اڳتي وڃڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، صابو ڊوڙندو مون طرف وڌي آيو، چيائين: ”وشال هن مهل ڪيڏانهن؟“

”.....“

مان ڪجهه نه ڪچيم!

”ڪاوڙيو ٿو وڃين ڇا؟“

”.....“

”ڪجهه ته ٻڌاءِ؟“

”.....“

”چڱو تون پلي وچ گهوٽ، مان صبح سان ڪنوار کي ڄڻ سان گڏ وٺي ايندس...!!“

صابو جي مذاق تي اوطاق ۾ ويٺل سڀني ڄاڻين کان زوردار ٺهڪ نڪري ويا، پر مون سڀ ڪجهه درگذر ڪري ڪاڪي پرڪاش جو سوچيو.

لاڙڪاڻي ۾ ڪاڪي پرڪاش جي گهر پهچندي منهنجي اندر مان اٿاهه اوچنگارون جاري ٿيون... شايد لاڙڪاڻي جي تاريخ ۾ اهو پهريون واقعو هو جو هڪ ’هندو‘ جي سرد لاش مٿان هڪ ’مسلمان‘ جي دل سڏڪا ڀري روئي رهي هئي ...! پڪ سان احساس جا رشتا، مذهب، ڌرم ۽ رت جي رشتن کان به وڌيڪ درد رکندا آهن...! ڪاڪي پرڪاش جي لاش کي پاڙي جي هِندن سينگاري، سنواري ۽ سنڀالي رکيو هو.....!!...!!

صبح جو ماڻهن جي ميڙ ۾ اضافو اچڻ لڳو، سڀ هندو ڪاڪي پرڪاش جي گهر، سندس وارثن راجڪمار ۽ ڪلپنا جي انتظار ۾ بيچين نظر آيا.... ڏينهن جو ساڍي يارهين بجي ڌاران راجڪمار ۽ ڪلپنا ٻاءِ ايئر موهن جي دڙي ۽ موهن جي دڙي کان لاڙڪاڻي پهتا..... ڪاڪي پرڪاش جي سرد جسم مٿان

ايندي راجڪمار جون اکيون وڏ ڦڙي مينهن جيان ٿمي پيون ۽ ڪلپنا ته پتا جي وڇوڙي ۾ اصل بيهوش ٿي پئي...!!

”راجڪمار ٿوري شانت!“ مان راجڪمار جي ڀرسان سُري آيس، چيم: ”هر انسان جو روح پرواز ڪري وڃڻو آهي...!!“

”وشال!“ راجڪمار مون طرف وڌي آيو، چيائين ”ٻابي جي ڪنهن به سار نه لڌي...! ٻابو ڌرتيءَ جي عشق ۾ ننڍڙڪو ٿي ديهانت ڪري ويو.“

راجڪمار جا سڏڪا درد جي پاتال مان ڦٽي نڪتل ٿي لڳا.

”راجڪمار!“ منهنجون اکيون به ڳوڙهن کي نه روڪي سگهيون، چيم: ”هي فاني جهان آهي، هر ڪنهن کي هيءَ دنيا ڇڏڻي آهي..... ٿورو پاڻ سنڀال منهنجا ڀاءُ...!!!“

راجڪمار کي گهڙيون منهنجي ڀاڪرن ۾ سڏڪن وَڍِ سڏڪا ڀري گونگا ڳوڙها هاريندو رهيو، جنهن کان پوءِ مون هڪ ڊگهي نگاهه سان ڪلپنا ڏي ڏنو.... هوءَ درد ۾ بيحال هئي.... هن جا وڪريل وار هن جي پيڙا گاڏڙ احساسن جو رد عمل هئا...!

”ڪلپنا....“

منهنجي آواز تي هن جيئين ئي پوئتي نهاريو ته دانهن نڪري ويس.

”وشال!“ ڪلپنا سڏڪن ۾ پئجي وئي، چيائين: ”مون توکي ٻابي جي پارت ڪئي هئي..... توبه ٻابي جي سار نه لڌي...!!“

”ها ڪلپنا ـ مان تنهنجو ڏوهي آهيان...!!“

”مون کي ٻابو پرچائي ڏي!“ ڪلپنا سُڏڪندي منهنجي ڀرسان اچي بيٺي، چيائين: ”منهنجو ٻابو هميشه لاءِ ناراض ٿيو ٿو وڃي وشال...! منهنجي ٻابي کي چئه اسان ڀاءُ ڀيڻ واپس سنڌ آيا آهيون..... هو ڪاوڙ ختم ڪري.....!“

”ڪلپنا ـ ايترو نه روءُ...! منهنجي سنڌ جي دوست کي سنڌوءَ جون اداس لهرون پڪاري رهيون آهن...! پليز ڪلپنا.... تون ايڏا ڊگها ۽ اڻ ڪٽ سڏڪا ڀري ڪاڪي پرڪاش جي بيچين روح کي رنڃ نه پهچاءِ...!!!“

راجڪمار جي پهچندي، پنچائت جي رسمن مطابق ڪاڪي پرڪاش جي سرد جسم کي انتيم سنگسڪار ڪرڻ لاءِ مساڻ طرف نيو ويو، مان به هاريل قدمن سان ڪلپنا ۽ راج ڪمار کي سهارو ڏيندي مساڻ طرف آيو هئس، جتي

www.sindhsalamat.com

باهر جي شعلن ۾ ڪاڪي پرڪاش جي وجود کي سڙندي ڏسي پائنيو هئم، جڻ ڪاڪي سان گڏ ڪلپنا جون اميدون بہ دم توڙي چڪيون هيون. مون هڪ ڊگهي نگاهہ سان ڪاڪي پرڪاش جي سڙندڙ وجود ڏانهن ڏنو تہ ٻي نگاهہ سان ڪلپنا جي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن ڏانهن! هوءَ پتا جي وڇوڙي واري صدمي ۾ نهوڙجي وئي هئي.

مساڻ کان واپسي تي گهر ايندي ڪلپنا ڏانهن نهاري ڪيس سمجهائيندي چيو هئم:

”ڪلپنا...! هر جيون جو انت وڇوڙو آهي...! لڙڪن جو درياهہ، سُڪي تہ سگهي ٿو، پر موت جي دار تي چڙهيل جيون واپس هرگز نہ ايندو آهي...!!“

درد درياهہ آهي۔

درد جي ان درياءَ ۾ ٻڏندي نہ ڪلپنا تارَ پائي سگهي ۽ نہ مان...!!

”وشال!“

”جي!

”مان اڪيلي تي ويس!“

”تون اڪيلي ڪٿي آهين ڪلپنا!“ چيم”اڪيلائيءَ جي زندگي تہ ڪاڪي پرڪاش گذاري! حياتي ۾ بہ، حياتي کان پوءِ بہ...!!“

”وشال مان بہ اڪيلي آهيان...“

”چري آهين ڇا؟“ چيم: ”خدا راجڪمار کي ڊگهي ڄمار بخشي...! پاءُ هوندي ڪا بہ پيڻ اڪيلي نہ هوندي آهي...!“

”راجڪمار ۽ منهنجا خيال نہ ٿا ملن...!“ درد جي شدت کان ڪلپنا هڪ اوچنگار ڏني، چيائين: ”راجڪمار هندستان مان شادي ٿيڻ سبب هندستان ۾ رهڻ چاهي ٿو ۽ مان اُتي نہ ٿي رهي سگهان.... پرائي ڌرتي تي رهندي منهنجو ساهہ ٿو گهٽجي..... نہ ماڻهو پنهنجا، نہ ڌرتي... بابو بہ ساٿ ڇڏي ويو.... مان اڪيلي ڪيئن جيئنديس...!!؟“

ڪلپنا سڏڪندي اندر ڪمري ۾ هلي وئي، موتي آئي تہ هن جي هٿ ۾ ڪاڪي پرڪاش جي ڊائري هئي.

”وشال بابي جو آخري نظم ٻڌندين؟“

”ها۔“ چيم: ”ڪاڪي پرڪاش جي حياتي جو آخري نظم، مون کي ضرور ٻڌاءِ.....!!“

”اي جوانو!
ديس جي تاريخ
۽ تهذيب ڇا آهي؟
راه ويندي رهزنن کان
ڦوه جوين ڇو ڪسن ٿا!؟
ٿورڙو بازوق ٿي
ديس جي تاريخ پڙهجو
اي جوانو!
عشق، محبت۔ اهنسا سان
ٺهڪ۔ مرڪون۔ چلولايون،
پيار پائي۔ پل پڪيڙيو
پر۔
ديس جي نئين آجپي لئہ
خون هاريو۔ گهاو کائو!...!!“

”ڪلپنا! پنهنجي ڪاڪي جي شاعري تمام گهڻي سگهاري آهي .... ڪاڪو پرڪاش مري ويو، پر ان جو فن نہ ٿو مري سگهي...! هن جو نانءُ ڪوتائن جي سفر ۾ صديون زندهہ رهڻو آهي...!!!“

شام ڌاران راجڪمار کان موڪلائي ڪلپنا ڏانهن آيس.

”تون وڃين ٿو؟“ ڪلپنا جي اکين ۾ درد لهي آيو تہ پاڻ روڪي نہ سگهي، چيائين ”بابي جي پڳڙين تي ضرور اچجان...“

”پاڻ کي روڪِ ڪلپنا.... ايترو نہ روءِ..... درد حياتين کي کائيندا آهن...!!“

”سڄي حياتي جو وڇوڙو آهي...! ڪيئن نہ روئان...!!

”مان مڃان ٿو ڪلپنا...!“ چيم: ”پر حياتِ جي منزل فنا آهي...!!“

www.sindhsalamat.com

ڪلپنا ۽ مان ڳالهائيندي دروازي تائين آياسين، جتي ڪاڪو پرڪاش اڪثر گُهمندي ڦرندي نظر ايندو هو..... پر اڄ اهو هنڌ خالي هو.....!!

"وشال...!" ڪلپنا جون اکيون اجان به جهڙاليون هيون. چيائين "تون شادي به ڪري ڇڏي، مون کي ٻڌائڻ ٻِنا! هڪ دوست جي ناتي ئي ٻڌائين هان؟"

"ڄاڻي واڻي نه ٻڌايم!"

"سبب؟"

"تنهنجي ۽ موهن جي وچ ۾ ديوار نه پئي ٿيڻ چاهيم!"

"موهن حالتن جو سمجهوتو هو ۽ تون پروسو...."

"ڪلپنا مان به مجبور هوس!" چيم: "تون ڇڏي وئين، مان پاڻ کي سنڀالي نه سگهيس...! تنهائي جي عالم ۾ رهندي مون کي ماهين جي محبت جو احساس ٿيو...! مون کي محبت نه ملي ته ماهين ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟"

"تو وقت جي وهڪري ۾، جذباتي فيصلو ڪري پنهنجي محبت کي لوڙهي ڇڏيو!"

"ڇا...؟" مون کان دانهن نڪتي، چيم: "ڪلپنا! منهنجي محبت تي ايڏو الزام نه ڏي...! مان جڏهن کان محبت جي ميدان ۾ پاڻ سنڀاليو آهي، تڏهن کان توسان ئي پريم ڪيو آهي..... توکي پنهنجو بنائڻ ۾ مون وڏو انتظار ڪيو... ڪشالا ڪاٽيا.... پر تون موهن جي زندگي ۾ هلي وئين...!!!"

"موهن ماڻهپي جي احساس کان خالي هو...!" ڪلپنا جا نيڻ ڇُلڪي پيا، چيائين: "مان هن جي زندگي ۾ گهڙي وڃڻ کان اڳ ئي هن کي پرکي ڏنو.... هو شڪي مزاج طبيعت جو مالڪ ۽ ابهري حاصلات جي ڪڏي سوچ رکندڙ بيڪار شخص هيو... جڏهن هو منهنجي تصور کان به گهڻو نيچ ثابت ٿيو، ته مون پڇتاءُ جا ڳوڙها ڪڍي، تنهنجي زندگيءَ ۾ واپس اچڻ جو فيصلو ڪيو، پر اُن جو اظهار، مون سنڌ ۾ واپس اچي موئن جي دڙي تي هلي، توسان روبرو ڪرڻ پئي چاهيو.....!!"

ڪلپنا اکيون جهڪائي ڇڏيون!

نه هوءَ ڪجي نه مان.

هڪ اڌ ساعت بعد هن ڪنڌ مٿي ڪري نِماڻين نظرن سان مون طرف ڀيهر ڏنو ۽ چيو "تو ٿورو به انتظار نه ڪيو وشال.... مان تنهنجي ٿيڻ لاءِ هميشه سنڌ ۾ رهڻ چاهيو هو...!!"

"ڪلپنا! جڏهن مان تنهنجو ٿيڻ چاهيو، تڏهن تون منهنجي نه ٿي سگهينءَ ۽ اڄ جڏهن تو منهنجي ٿيڻ جو فيصلو ڪڍي آئي آهين، تڏهن مان ٻئي ڪنهن جو ٿي چُڪو آهيان.... زندگيءَ جو اهو وڏو درد آهي، تنهنجي لاءِ به ته منهنجي لاءِ به...!"

مون کان ڪلپنا جي حالت ڏٺي برداشت نه ٿي ۽ مان منتظر محبتن جو درد ڪڍي اهو سوچيندي ٻاهر آيس: "جيڪڏهن مان ۽ ڪلپنا وجايل وقت کي اڳ ۾ هڪ ٻئي کي جيون ساٿي بنائڻ واري فيصلي تي عمل ڪري چُڪا هجون ها ته، اجري ڌرتيءَ جا ميرا ماڻهو، اسان جي ان فيصلي جي ردعمل ۾ خاموش رهن ها؟"

مون ٻاهر ايندي ئي گاڏي جو رُخ واپس ماهين جي ڳوٺ ڏانهن ڪيو، جتي هوءَ الڪن ۾ اداس ويٺل هئي.

"ماهين!" چيم: "مان موٽي آيو آهيان."

"....."

"ناراض آهين؟"

"مان ناهيان ناراض!" ماهين جي آواز ۾ نرمي هئي، چيائين "ٻابو! ناراض آهي، ان جي ناراضگي کي مُٺهن ڏجان...!!"

"اچي وئين وشال پت!"

"ها پُڦي!" وراڻيم: "پُڦي...! پُڦڙ کي تون سمجهاءِ.... مان وڏڙن سان اکيون ملائي نه سگهندو آهيان...!!"

"تون ڪوبه فڪر نه ڪر!" پڦي سلميٰ جي آواز ۾ پنهنجائپ شامل هئي، چيائين: "مان ماهين جي پيءُ کي اڳواٽ ئي سمجهائي ڇڏيو آهي، ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون مجبوريون سامهون اچي ويٺيون آهن، جن سان نپائڻ فرض بنجي پوندو آهي!"

"امان ۽ جيجي منهنجي قريب اچي بيٺيون.

www.sindhsalamat.com

”ماهين! هاڻي هلڻ گهرجي؟“

”ڪيڏانهن؟“

”پنهنجي گهر، جيڪو ’تنهنجو پنهنجو گهر‘ آهي...!!“

ماهين جي ايندي اسان جي گهر ۾ خوشيءَ جون رونقون پيهر موٽي آيون. ماهين مون سان گڏ منهنجي، آمان ۽ جيجي جي پرگهور لهڻ پنهنجو فرض سمجهڻ لڳي.

شاديءَ جي ٽين رات حسب معمول جيان خيالن جي دنيا گم هئس، جو ماهين الائي ڪيتري وقت کان منهنجي مٿان اچي بيٺي هئي....

”وشال...!“ هن جي اچانڪ آواز تي چرڪ پريم تہ، چيائين ”ماضيءَ کي ڪير بہ حاصل نہ ڪري سگهيو آهي.... پاڻ کي نہ وڃاءِ وشال...!!“

”ها ماهين تون درست ٿي چوين! ...پر مان سوچيان ٿو تہ هوءَ اڪيلاين جي صحرائن ۾ ڪيئن گذاري سگهندي...؟ نہ ڪيس ڪوئي آٿت ڏيڻ وارو آهي ۽ نہ ڪيس پيار جي دنيا ۾ واپس وٺي اچڻ وارو...! تنها جيون جون تنها شامون هن کي تڙپائي وجهنديون...!“

اها رات مون پوڳنائن جو سفر ڪندي گذاري ۽ صبح ٿيندي مان ڪاڪي پرڪاش جي ٽيجهي/ پڳڙين جي رسم ۾ شرڪت لاءِ لاڙڪاڻي هليو آيس. سجو ڏينهن گذريو، پر مان هڪ لفظ بہ نہ ڳالهائي سگهيس. مسلسل هفتو ڏيڍ گذريو، پر منهنجي خاموشي نہ ٽٽي. خاموشين جا درد منهنجي وجود تي مڪمل طور قابض رهيا ۽ مان نہ ڳوٺ جو رهيس ۽ نہ لاڙڪاڻي جو! منهنجي عجيب حالت هئي. نہ ماهين سان اکيون پئي ملائي سگهيس ۽ نہ ڪلپنا سان. پنهنجي خاموشيءَ کي پاڻ ئي ڪڏهن جرم پئي سمجهيم تہ ڪڏهن پرم...!!

ٻارهين ڏينهن راجڪمار ڪلپنا سان گڏجي ڪاڪي پرڪاش جي جسم جي خاڪ کي سنڌوءَ حوالي ڪري، انڊيا واپسي جي تيارين ۾ لڳي ويو...!!

تيريهين ڏينهن جي شام منهنجي لاءِ لڙڪن وهائڻ جي شام ثابت ٿي.... مون کي راجڪمار ۽ ڪلپنا کي الوداع ڪرڻو پيو.... هر ڪجندڙ ساهہ ۾ پيڙا محسوس ڪيم.... دل اندر ئي اندر ۾ ڏاڍو رُني.... سڏڪا پريا.....!!...!!

”وشال...“

منهنجون اکيون ڪليون.... خيال ٽُٽا.... راجڪمار مون ڏانهن وڌي آيو، مرڪ ۽ لڙڪ جي گڏيل آواز ۾ چيائين: ”وشال! جيڪڏهن سنڌ ۾ مستقل بنيادن تي امن قائم ٿيو تہ سنڌ ضرور موٽي ايندا سين، ڇو تہ سنڌ اسان جي وڏڙن ۽ اسان جي اُها جنم ڀومي آهي، جنهن جي ذري ذري جي خوشبوءِ اسان جي ساهہ ۾ سمايل آهي.....!!“

راجڪمار جي خاموش ٿيندي مون ڪلپنا ڏي ڏٺو. هوءَ اداس بہ هئي تہ خاموش بہ...!!

”ڪلپنا تون ڳالهاءِ!“ چيم: ”ان کان اڳ جو تون ۽ مان جدا ٿي وڃون.... تون پنهنجي لڪل درد کي زبان تي آڻ!“

”ڇا ڳالهايان؟“

”جيڪو دل ڇَوَئي، ڳالهائڻ سان دل جو بار هلڪو ٿيندو آهي!“

”منهنجو روح بابي جي آستين سان هڪ واعدو ڪري آيو آهي...“ ڪلپنا گهڻي دير کان پوءِ ڳالهايو.

” ڪهڙو واعدو؟“

”تنهنجي ڪلپنا هاڻي ڪڏهن بہ سنڌ نہ ايندي ...! “

”پر ڇو؟“ چيم: ”ايڏي سزا ڪنهن کي ٿي ڏئين؟“

”پاڻ کي!“

”ان جو سبب؟“

”بابو مري ويو...! منهنجي محبت مري وئي..... منهنجي سنڌ ۽ هو موئن جو دڙو .... مان هر سزا جي حقدار آهيان....!!“

ڪلپنا منهنجي اکين ۾ غور سان تَڪي، سڏڪا پريندي منهنجي اکين کان ڏور وڃڻ لڳي، منهنجو اندر جلاوطن محبت جي درد ۾ اڏو اڏ ٿيڻ لڳو...!!!

درد جي ان اضطراب ۾ مون ڪيترين ئي گهڙين تائين اکيون نہ ڇنڀيون، يڪ ٽڪ نگاهن سان ڪلپنا جي دور ويندڙ وجود کي حسرت مان تڪيندو ئي رهجي ويس...! ڏک اهو هو تہ هن پيري سنڌ کي الوداع ڪندي هوءَ تمام گهري صدمي مان گذري هئي..... ڏک جي ان عالم ۾ هن ويندي ويندي هڪ نظر سان بہ پوئتي نہ نهاريو.....!!

www.sindhsalamat.com

پيڙا جي رڄ ۾ پٽڪندي ڪيتريون ئي سوچون آيون ۽ ويون ٿي.

”هن ائين ڇو ڪيو .....؟ هن جي دل تہ رني ٿي، پر هن جي نيٽن ۾ لڙڪن جي آلاڻ ڇو ظاهر نہ هئي..... هڪ پل دور نہ رهي سگهڻ واريءَ جدائيءَ جو ايڏو رڻ ڇو جهاڳيو.....؟ اسان جو پيار قومي فڪر جي روشنيءَ ۾ پروان چڙهيو هو.... نہ هن جي من ۾ ميراڻ هئي ۽ نہ منهنجي سوچ ۾ ڪوئي غرض...! پوءِ مجبورين جي ڪهڙي طوفان هن جي نفاست کي ريزا ريزا ڪري ڇڏيو...!! هوءَ وکري وئي مان دربدر ٿي ويس.... محبتون جلاوطني جي زد ۾ اڏوريون رهجي ويون...!

سڄي رات پنهنجي ڪيفيت پاڻ کي سمجهہ ۾ نہ آئي.

مان ايترو ڪمزور ڇو ٿيو هئس...؟ پاڻ وٽ بہ ڪو مثبت جواب نہ هو!

سڄي رات هڪ ساعت لاءِ اک نہ لڳي. سوچن جي طوفان جي مٿي اکين کي سُڄائي ڇڏيو. هر سوچ اڏوري ۽ ٻُسي پئي لڳي.

”ماڻهو فطري طور آزاد هوندي بہ غلام ڇو آهي...؟ مذهبي غلامي کان، قومي غلامي تائين تنگ نظرين جا ڍڳها جار وڇايل آهن، جن جي تاج ڪير بہ اُڪاري نہ ٿو سگهي ....؟“

پر..... پر مون سمجهيو پئي تہ منهنجي روح جي پيڙا سوچ جي ڪنهن بہ ڪارج کي نہ پئي ڇهيو...!!

هوءَ هلي ويندي، مون تہ اهڙو ڪوئي خواب بہ نہ ڏٺو هو...! اذيتن جي روڳ من کي کوکلو ڪري وڌو...! هر شيءِ بيڪار... ڄڻ پنهنجو جنم اجايو ٿيو هجي....!!

صبح ٿيندي ماهين چانهن کڻي آئي. گرم چانهن جا ٻہ ڍُڪ هڻندي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. منهنجي حالتن کي رات کان پوڳنائن مان گذرندي ڏسي هن جا نيڻ بہ پرجي آيا. چيائين: ”مان تنهنجي درد کي سمجهان ٿي، پر ٿورو پنهنجي صحت جو خيال رک...!!“

مون هڪ نظر سان ماهين ڏانهن ڏسندي ڪجهہ نہ ڪچيو.

”اڏامندڙ پکين کي پنهنجو سمجهڻ وڏي غلطي هوندو آهي، تون حقيقتن کي نظر ۾ رکي پاڻ سنيال!“

”ڪيئن سنيالياں؟“

”سمجهوتو ڪري!“

”سمجهوتي جو پيو نانءُ دوکو آهي. دوکي جي انڌيري ۾ جياپو گذارڻ بہ اذيت جو حصو آهي...!!“

”جيئن رات جي پويان صبح جي روشني ضرور ٿيندي آهي، تيئن درد جي پويان خوشيون بہ منتظر هونديون آهن وشال...!“

”ڪهڙيون خوشيون ماهين....! مون پنهنجي حصي جون خوشيون توکي ارپي ڇڏيون آهن ۽ تنهنجي حصي جا لڙڪ پنهنجي حياتيءَ جو حصو بڻايان اٿم...!!“

”وشال! ان ۾ منهنجو ڪو قصور تہ ناهي!“

”قصور نہ تنهنجو آهي نہ منهنجو ۽ نہ ئي ڪلپنا جو...! قصور هٿ نوڪين روايتن جي ان علمبردار سماج جو آهي، جنهن جي فيصلن ۾ ڌرتيءَ جا غير فطري ورهاڱا ٿين ٿا ۽ قومن ۾ نفرت جو بيج پوکجي ٿو...!!“

ماهين منهنجي ويجهو وڌي آئي، هن جي اکين ۾ بہ درد جي گهرائي هئي، چيائين: ”پريم جي پنڌ ۾، جڏهن تنهنجا پير چيو نہ ڪن، تڏهن بہ مان تنهنجي هونديس! تون مون کي پاڻ کان ڪيترو بہ پري رک، پر مان هر جنم ۾ تنهنجي رهڻي آهيان... مون کي توکان ڪابہ شڪايت نہ هوندي ۽.....!!“ دروازي جي دستڪ تي ماهين ڇرڪ ڀري مون کان پري ٿي بيهي رهي ۽ آواز ڏنو: ”اچو...! دروازو کليل آهي!“

دروازي جي کلندي حيران ۽ دنگ رهجي ويس.

اکين تي اعتبار ئي نہ ٿي آيو!

”ڪلپنا تون...!!“

”ڇو؟ نہ ٿي اچي سگهان ڇا؟“

”ها .... پر.....!“

”ڇا پر.... مان تنهنجي محبت جي درد ۾ بہ جي وڃان ها، پر سنڌ کان جلاوطني جو درد زندهہ لاش بڻائي ڇڏي ها...! مان ”هند“ وڃان هان تہ منهنجو روح سنڌ جي نگر نگر ۾ پٽڪندو رهي ها.... جلاوطني کي درد جو روڳ سمجهي منهنجا پير سرحدن جي ليڪن کي نہ لتاڙي سگهيا .....!“

ڪپلنا جا نيڻ ڇُلڪي پيا.

www.sindhsalamat.com

منهنجي جيون ۾ لهي آيل درد جو انت ٿي ويو. ڏرا ڏئي ويل نيٽن ۾ روشني ڀرجي آئي.

”ماهين...! توکي شاديءَ جي مبارڪن ڏيڻ سواءِ مان ڪيئن هلي وڃان ها!“ ڪلپنا وڏي اچي ماهين کي پنهنجي ٻاڪرن ۾ ڀريو. چيائين: ”وشال ۽ منهنجي وچ ۾ موجود تعلقاتن کي ڪڏهن به غلط نه سمجهجانءِ ..... اسان فطرت جي جذبي سان هڪ ٻئي کي چاهيو، پيار ڪيو ۽ لاحاصلات جو حصو بڻايو....! وشال منهنجي روح جي شدت جو حصو هوندي به تنهنجي وجود جو حصو ٿي ويو آهي.... توکي ڪاميابي جون مبارڪون هجن...!“

ماهين جو چهرو ٻهڪي پيو.

ڪلپنا جي آواز ۾ خوشي گاڏڙ احساس اپري آيو. چيائين: ”تون مون کان اکيون ڇو ٿو چورائين...! انساني حقن جي اڳواڻ کي جرئتمندي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي...! زندگي جي اڳتي واري سفر جو سوچ، جنهن سان مضبوط مستقبل جي ضمانت ٿئي ٿي....!

”ڇا سوچيان؟“

”ڏرتي جي اپمان ۽ ان جي قومي استحصالين خلاف آواز اٿارڻ واري تحريڪ ۾ نئون روح ڦوڪڻو آهي..... اسان جي خوشحال ڏرتيءَ جو ڏٽڙيل عوام هاڻي بيدار ٿي امن ۽ آجپو چاهي ٿو...!!!“

”ڪلپنا! مون کي هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي؟“

”ڪهڙي؟“

”تون ويندي، ويندي ڪيئن موٽي آئينءَ؟“

”راجڪمار هليو ويو، مان نه وڃي سگهيس...! ائين پئي لڳو جڻ ڏرتي منهنجي پيرن کي پڪڙي چوندي هجي: ”جڏهن موت اچڻو ئي آهي، پوءِ فراريت ڇا جي؟ مرجي ته پنهنجي ڏرتي جي مارڳ ۾ مرجي...!. ڏرتي کان دور ويندي ويندي مٿي کي چڪر ٿي آيا ۽ ماڻهو ڪٿي به هجي، پر پنهنجي ڏرتي تي واپسي ضرور ڪري، واري يادگيري سنڌ جي متيءَ کي ماٿي لڳائڻ تي مجبور ڪيو...!!!“

مان چُپ رهيس، ڪلپنا چپ نه رهي. چيائين: ”وشال! اڄ توکي مون سان هڪ واعدو ڪرڻو پوندو؟“

”واعدو....؟! ڪهڙو؟“

”مان تنهنجي محبت جي وڃائجڻ کانپوءِ ڏرتي جي محبت کي فنا ٿيڻ نه ڏنو آهي..... ماروئڙن جون چيخون ۽ ڳيرن جا سڙندڙ جسم مدد جي تقاضا ڪري رهيا آهن..... هاڻي مائرن جون خالي جهوليون ڏٺي برداشت نه ٿيون ٿين..... ڏرتي جي ان دانهن ۾ تون مون سان ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪر..... ڏرتي کي اسان جي ضرورت آهي...!!!“

”ڏرتي جي ان جدوجهد ۾ مان به توهان سان گڏ آهيان...!!“

مان اکين مان ظاهر ٿيندڙ ڳوڙهن کي اُگهي ماهين ڏانهن ڏٺو، هوءَ پر عزم ارادن سان ڪلپنا جي ويجهو اچي بيٺي.

****

www.sindhsalamat.com